ستارث

Hariram T. Sapre

سڌارٿ

سڌارٿ

رچيندڙ:


هرمن هيس

(نوبيل پرائيز کٽيندڙ)

سنڌيڪار:

پروفيسر ايسرداس واڌومل رائسنگهاڻي

هندستان ساهتيہ مالا



Hermann Hesse

هرمن هيس جو سنيهو

ٽيهن ورهين کان ٻه وڌيڪ اڳ، جڏهن هندستان لاءِ منهنجي گهڻي پريم جو ڦل، هي ڪتاب "سڌارٿ"، پڌرو ٿيو تڏهن چاهيم ٿي ته سمي سارو اِهو وري پنهنجي ماڳ هندستان ڏي واپس وڃي. مون لاءِ گهڻي سرهائيءَ جي ڳالهه آهي جو اِها چاهنا هاڻ پوري ٿي ۽ هي ننڍو پستڪ پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي.

منهنجي اتي جي پاٺڪن ڏانهن پراتري سد ڀاونا!

سئٽزرلئنڊ •

۳۱ جولاءِ ۱۹۵۵

هرمن هيس

اسين آڀاري آهيون

پروفيسر ايسرداس واڌومل رائسنگهاڻيءَ جا جنهن ورڌ اُوستا هوندي به پنهنجو ڳپل، لڳاتار وقت ڏيئي هيءُ نهايت سندر پستڪ سنڌيءَ ۾ آڻي، سنڌي ساهتيه جي وڏي شيوا ڪئي آهي؛

ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻيءَ جا جنهن هن ڪتاب جي ترجمي ۾ وقت بوقت ڪارائتيون صلاحون پئي ڏنيون؛

پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻيءَ جا جنهن سچ پچ ڪتاب کي وڌيڪ سوينيڪ بڻائڻ ۾ اَڻٿڪ جاکوڙ ڪئي ۽ پنهنجو وقت ۽ ڌيان پنهنجين ٻين ڪيترين مشغولين هوندي به پئي ڏنو؛

شري نؤشير چاڳگر بمبئيءَ جي ٻرڪ چترڪار جا جنهن پنهنجا نوَ سهڻا چتر هن پستڪ ۾ خوشيءَ سان وجهڻ ڏنا؛

پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻيءَ، ڊاڪٽر هري ايسرداس هنگوراڻيءَ ۽ شري پرسرام 'ضيا' جا، جن پڻ ڪافي واهر ڪئي؛

۽ شري هرمن هيس، جرمنيءَ جي نامور ودوان ۽ اوچ ڪوٽيءَ جي گرنٿڪار جا جنهن ڀارت جي اُبناسي گيان، اَمر فيلسوفي ۽ اَمولڪ وديا تي پنهنجو هيءُ اَملهه ۽ اَڻلڀ پستڪ سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي اسان کي اجازت ڏني.

هندستان ساهتيه مالا

هندستان ساهتيه مالا ٥٥-١٩٥٦ (١)

پهريون ڇاپو: جولاءِ ١٩٥٥

★

★

قيمت ٠-٨-٢ روپيه

★

ملڻ جو هنڌ:

هندستان ڪتاب گهر

٢٣، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١

★

Printed by Mansing Chuhermal at the Navrashtra Press, 23, Hamam Street, Fort, Bombay-1, & Published by him for "The Hindustan", 13, Hamam Street, Fort Bombay-1.

دؤر پهريون

برهمڻ جو بالڪ

گهر جي ڇايا ۾، نديءَ جي ڪپ تي، ٻيڙين جي لنگر نزديڪ، سورج جي ترورن هيٺ، ٻوڻن ۽ انجير جي وڻ جي ڇانوري ۾، سڌارٿ، سندر برهمڻ جو پٽر، پنهنجي دوست گووندسان گڏ نپنو ۽ ساماڻو. نديءَ جي ڪناري تي ڪلٽي اشنان ۽ پاٺ پوڄائن ڪرڻ ڪري سورج جي لهيت ۾ سندس نازڪ ڪلها ڪارانجي ويا هئا. انبن جي وڻن جي جهنٽي ۾ راند روند ڪندي، پنهنجي ماتا جي گيتن ٻڌندي، پنهنجي پتا جي اُپديش سڻندي ۽ ودوانن جي سنگ ۾ رهندي سندس نيترا اچانڪ دور درشين سان ڀنجي پئي ويا. ودوان پرشن جي گيان گوشٽ ۾ سڌارٿ اڳيئي گهڻي وقت کان ڀرو وٺي چڪو هو، گووند سان پڻ بحث مباحثه ڪندو هو ۽ ساڻس گڏ ڌيان ۽ ايڪاگرتا جي ڪلا استعمال ڪئي هئائين. اڳيئي ڪيس پروڙ هئي ته اوم شبد - سڀني اکرن جو مول - ڪيئن شانت چت اُچارن ڪجي، ساهه اندر نيڻ وقت جهجي ۽ جڏهن ايڪ منوتي ساهه ٻاهر آڻيندو هو تڏهن سندس پيشانيءَ تي پوتر آتما جي جهلڪ پيئي چمڪندي هئي. ڪيس اڳيئي ڄاڻ هئي ته اندر جي اونهائيءَ ۾، سرشٽيءَ سان ساز ۾ آيل اَمر ۽ اَبناسي آتما - برهم کي ڪيئن پڇاڻجي.

سندس پتا جي هردي ۾ آنند هو ڇاڪاڻ ته سندس سپتر سمجهو هو ۽ وديا پراپت جو پياسي هو. هن ڏٺو ته سڌارٿ وڏو ودوان، پروهت، ۽ برهمڻن جو شرومڻي ٿيندو پي ويو.

ڪي آنند ڏيندو هو ۽ خوش رکندو هو. پر سڌارٿ پاڻ آنند کان محروم هو. جيتوڻيڪ هو انجيرن جي باغيچي منجهه گلابي پيچرن تي پنڌ ڪندو هو، جهجهن جي نيلي چانوري اندر ڊبان ۾ مگهن وهندو هو، پراشچت لاءِ روزاني اشنان ۾ پنهنجا انگ صاف ڪندو هو، ڇانيا وارن انبن جي وڻن جي گهاٽائي ۾ ويهي پورن وڏيءَ سان هون ڪندو هو، سڀ جو محبوب هو، سڀ جي آنند جو باعث هو، تڏهن به سندس دل اندر اها خوشي موجود نه هئي، اهو سک پراپت نه ٿيو هو. سپنا ۽ بي آرام ڪندڙ پور، خيال ۽ ويچار، ڏانهس وهندا پئي آيا، نديءَ جي وهڪري منجهان، رات جي وقت تارن جي ٽمڪ ٽمڪ منجهان، سورج جي پگهرائيندڙ ڪرڻن منجهان. سپنا ۽ آتما جي اشانتي ۽ اٿل پٿل، ڏانهس وڌندا پئي آيا، هون جي دونهي منجهان، رگ ويد جي ڪوتائن منجهان، پيرسن برهمڻن جي سکيائن منجهان.

سڌارٿ پنهنجي اندر منجهه ويراڳ جا آثار محسوس ڪرڻ لڳو. هو محسوس ڪرڻ لڳو ته پتا ۽ ماتا جو پريم ۽ پنهنجي دوست گوولد جو پريم پڻ سداءِ سندس لاءِ سکدائي ڪونه رهندو، نه شانتي ڏيندو ۽ نه کيس راضي رکندو ۽ نه وري سندس لاءِ ڪافي ٿيندو. سندس دل ۾ شنڪا جاڳي ته سندس پوڄيه پتا ۽ سندس بيا آچاريه پنهنجي گيان جو سٺي ۾ سٺو ڀاڱو ۽ ڀنڊار کيس اڳيئي ڏئي چڪا هئا، پنهنجي ودیا جو سمورو سار پڻ سندس آسائتي پيالي ۾ اڳيئي اوتي چڪا هئا؛ پر سندس پيالو پُر نه هو، سندس من راضي نه هو، سندس آتما کي شانتي ڪانه هئي، سندس دل کي قرار ڪونه هو. جل اشنان نيڪ هئا، پر نيٺ به ته اهو جل هو؛ پاپ منجهس ڌوپجي ڪونه پئي ويا، اُن سان دکي دل جي ٻاري ڪانه ٿي ٿيو. هون ۽ ديوتائن کي

ماتا جي دل اندر ناز هو جڏهن هوءَ سڌارڪ کي هلندو چلندو، اٿندو وهندو ڏسندي هئي؛ سڌارڪ هڪ سبز، سهڻو، هڏن وريل، ۽ کيس پورن وڏيءَ ۽ سڀمان سان نمسڪار ڪندڙ پتر هو.

سڌارڪ جڏهن کليل پيشانيءَ، شاهاڻن نيڻن ۽ پتلي بدن سان شهرن جي گهٽين مان لنگهندو هو تڏهن برهمڻن جي جوان سيتن جي دلين اندر پريم اڇلون ڏيندو هو.

گووند، سندس دوست، برهمڻ جو پتر، کيس سڀني کان وڌيڪ پيار ڪندو هو. هو سڌارڪ جي اوجل نيڻن ۽ صاف ۽ سريلي آواز کي پيار ڪندو هو؛ سندس هلڻ چلڻ جي ڍنگ ۽ پورن نزاڪت کي پيار ڪندو هو؛ جيڪي به وچن سندس مکاروند منجهان نڪرندا هئا تن کي پيار ڪندو هو ۽ سڀ کان وڌيڪ، هو سندس روشن دماغ، سندر اوچ خيالات، مضبوط اڇا شڪتي ۽ اُتم وهنوار کي پيار ڪندو هو. گووند کي سڌ هئي ته سڌارڪ ڪو رواجي برهمڻ، سست پوڄاري، منترن لکترن جو لالچي وهنواري، هنيلو، نڪمو، چتر زبان پرچارڪ، دشت پوڄاري يا هڪ وڏي ولر جي وچ صرف هڪ نماڻي، اياڻي رڍ وانگر ٿي ڪين رهندو. بلڪل نه، ۽ گووند پاڻ پڻ اهڙن بين ڏهن هزارن برهمڻن جهڙو ٿيڻ نٿي چاهيو.

هن انهي شرومڻي پريتم، سڌارڪ جي پيروي ڪرڻ ٿي چاهي؛ ۽ جيڪڏهن هو ڪڏهن به ديوتا ٿيو، يا ڪڏهن به سرو- جوت اندر پرويش ڪيو ته گووند، سندس دوست، سندس سائي، سندس ٽهليو، سندس پيش ڪار، سندس پاڇو ٿي سندس پوئلڳي ڪندو.

مطلب ته سڌارڪ کي هرڪو پيار ڪندو هو. هو هرڪنهن

ڌرمي شاسترن خاص ڪري سام ويد جي اُپنشدن انهي انتر آتما جو ذڪر ڪيو آهي. لکيل آهي ته "تنهنجي آتما آهي سموري دنيا." ان ۾ چيل آهي ته جڏهن منش نندرا ۾ آهي تڏهن هو پنهنجي انتر اندر پرويش ڪري ٿو ۽ آتما ۾ نواس ڪري ٿو. انهن رچنائن ۾ عجيب گيان سمايل آهي؛ رشين جو سمورو گيان اُتي ليائيندڙ ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي- مکين جي گڏ ڪيل ماکيءَ جهڙو پوتر. برابر، اهو ودِيا جو ڀنڊار جو گيانوان برهمڻن جي پوٿيان اينديڙ پيڙهين ڪنو ڪيو آهي ۽ سالم رکيو آهي تنهن کي سولائيءَ سان نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پر ڪٿي هئا اُهي برهمڻ، پوڄاري، گيانوان پرش جي نه رڳو انهي اونهيءَ ودِيا ۾ پرٻين هئا، پر 'انيو جي اُچ' تي چڙهڻ ۾ ٻڻ؟ ڪٿي هئا اهي شش جن لندرا ۾ آتما پراپت ڪري، انکي چيتنتا ۾، زندگيءَ ۾، هرهنڌ، واٽيءَ ۾، وهنوار ۾ پاٽوت قائم رکي سگهيا هئا؟ سدارت کي گهٽنٽي يوگيه برهمڻن جي سڌ هئي، خاص ڪري پنهنجي پتا جي- پوتر، ودوان، هر طرح عزت لائق. سندس پتا ساراه لائق هو، سندس هلت چلت شالت ميه ۽ شاندار هئي. هو نيڪ جيوت گذاريندو هو، سندس وچن گيان سان ڀرپور هئا؛ سهڻا ۽ شانائتا ويچار سندس دماغ اندر واسو ڪري ويا- پر خود اُهو جنهنکي هيتري ڄاڻ هئي، گيان هو، تنهنکي آنند جي پراپتي هئي؟ شانتي حاصل ڪئي هوائين؟ ڇا هو خود پاڻ به جگياسو، سالڪ نه هئو، اڃا اڻ ڍاپيل؟ وقت به وقت اکت پياس سان نرمل چشمن جي ياترا ڪرڻ، هاڻ پوڄا ڪرڻ، پيتائون چاڙهڻ، شاسترن جي اوت وٺڻ، برهمڻن جي گيان گوشت ٻڌڻ ڪين ٿي ويو؟ ڇو هو، جو نردوش آهي، ته به پنهنجا پاپ ڌوئي ٿو ۽ پاڻکي نرمل ۽ اوجل رکڻ لاءِ روز اُدم ڪري ٿو؟ ڇا تڏهن اُهو آتما سندس اندر منجهه وياپي نه هئو؟ اُهو سر چشمو سندس هردي اندر ئي ڪين

آراڌ نائون بلڪل نيڪ هيون- پر ڇا اُها آخرين منزل هئي؟ هون ۽ ٻلين مان آنند جي پراپتي ٿي ٿي؟ ۽ ديوتائن بابت ڇا چئجي؟ جنهن سرشٽي رچي هئي سو سچ پچ پرجاپتي هو؟ اهو آتما نه هو، صرف هڪڙوئي اهو جنهن ئي رچنا رچائي؟ ديوتائون پڻ مون ۽ تو وانگر رچيل روپ نه آهن- ناسونت ۽ ڪن ڀنگر؟ انهيءَ ڪري ڇا اهو صحيح ۽ واجب آهي، سياٽپ پر ٻو ۽ يوگيه طريقو آهي جو ديوتائن لئي ڀيٽائون ۽ ٻليون چاڙهجن؟ ڪنهن جي اڳيان تڏهن ڀيٽائون رکجن؟ ڪنهن جي اڳيان تڏهن سيس نوائجي، سواءِ هنجي، جو آهي آتما، ڪيول هڪڙوئي - ايڪو اونڪار؟ ۽ اُهو آتما ڪٿي لڀندو، ڪٿي ٿو رهي، ڪٿي ٿي سندس سنائن، اناديءَ، اننت دل ڌڙو ڪري، جيڪڏهن پنهنجي پاڻ منجهه نه، پنهنجي اندرئين انتر منجهه نه؟ پر اهو پاڻ، اهو اندريون انتر آهي ڪٿي؟ اهو ڪو هڏو ۽ ماس نه آهي، اهو ڪو خيال يا ڪلپنا نه آهي. اهائي گيانوان پرشن جي سکيا آهي. نه پوءِ اُهو آهي ڪٿي؟ ڪئن انهيءَ پاڻ ڏانهن- آتما ڏانهن وڃجي - ڏو ڪجي؟ آهي ڪو بيو رستو جو ڳولڻ لائق هجي؟ ڪنهن به ڪيس اها راهه ڪانه ڏيکاري هئي، ڪنهن ڪي به انهيءَ راهه جي سڌ نه هئي- نڪي سندس پتا کي، نڪي سندس آچارين ۽ ودوانن کي، نڪي وري ڀڄن ۾ ئي اهو راز سمايل هو. برهمڻن ۽ سندن پوتر شاسترن هر وستوءَ جي ڄاڻ ڏني رکي- سموري ڄاڻ: هو سڀ چيز جي تهه ۾ ٿي ويا- سرشٽيءَ جي رچنا، واڻي جو اَصل، پوڄن، ساهه اندر ليڻ ۽ ٻاهر ڪيڻ (پراڻايام)، حواسن ۽ اندرين جي ڪريا، ديوتائن جا ڪرم. ڪين اڪيچار وستن جي ڄاڻ هئي- پر انهن سڀني وستن جي ڄاڻ ضروري هئي ڇا جيڪڏهن ڪين هڪ ضروري وستوءَ- صرف هڪ ئي ضروري وستوءَ جي ڄاڻ نه هئي؟

گووند اُٿيو. شام جو ٽائو هو. سنجها جي ڪريا جو وقت پورو ٿي آيو هو. هن سڌارٿ جو نالو وٺي ڪيس سڏ ڪيو، هن جواب ڪونه ڏنو. سڌارٿ ڌيان ۾ محو هو، سندس اکيون ڄڻ نه ڪنهن دور منزل کي تڪي رهيون هيون ۽ سندس چپ جي ڇنبڙي سندس ڏندن جي وچان ڪي قدر ڏيکاري ڏيئي رهي هئي. سندس دم جي اچ وڃ ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي آئي. اهڙيءَ طرح هو ڌيان ۾ مگهن ويٺو ئي رهيو، صرف هڪ ئي خيال، اوم جو، پنهنجي آتما جو، تير جو- برهم جي نشان چٽڻ واسطي.

هڪ دفع ڪي سنياسي اچي سڌارٿ جي شهر مان لانگهائو ٿيا. گهومون تپشي، پاڻ ۾ ٽي ڄڻا هئا، تڪل ٿُلل ۽ ساڻا، نه ٻڍا، نه جوان، سندن ڪلها دز سان پوريل، رت انهن مان نمي رهيو هو، ذري گهٽ ننگا، سورج جا لهسيل، اڪيلا، عجيب ۽ سندن سنسار کان ڦريل رخ، منش جي دنيا اندر ڪريل سڙيل گدڙن مثل هئا. سندن چوڌاري هئي فضا اُجهاميل نفس (ڪام ترشنا) جي، مها ڪٺن تپشيا جي، ڪشت ڏيندڙ فاقن ۽ ٿياڳ جي.

سنجها ٽاڻي، ڌيان جي وقت گذرڻ بعد سڌارٿ گووند کي چيو: ”سڀاڻي صبوح جو، منهنجا دوست، سڌارٿ سنياس اختيار ڪندو ۽ سنياسين جي سنگ ۾ شامل ٿيندو.“

گووند جي منهن جو پڊو لهي ويو جڏهن هن اهي اکر ٻڌا ۽ پنهنجي دوست جي چهري ۾ اٽل ارادي، اڻ ٽر فيصلي جا آثار پرکيائين- اهڙو اڻ ٽر جهڙو ڪمان مان اڻ ڳس ڇٽيل تير. گووند پنهنجي دوست جي پهرين نظر مان ئي سهي ڪري ويو ته هاڻي شروعات ٿي ويئي. سڌارٿ هاڻي پنهنجو رستو وٺڻ تي چاهي، سندس پرالبڌ پاڻکي پرڪاشت ڪرڻ

هئو؟ پنهنجي پاڻ اندر اهو چشمو ڳولي لهڻ گهرجي، اهو پنهنجي وس ڪرڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ جيڪي آهي سا آهي ڳولا - چڪر ۽ گمراهي.

اِهي هئا سڌارٿ جا ويچار، اهي هئي سندس پياس، اها هئي سندس آرزو، اهو هو سندس دک ۽ غمگيني جو ڪارڻ.

هو چندوگيه اپنشدن جا واڪيه اڪثر ورجائيندو هو. "حقيقت ۾ برهم جو نالو آهي ستيم. سچ پچ، جنهنکي اهو گيان آهي سو هر روز سورڳي دنيا ۾ نواس ڪري ٿو." اڪثر اها نزديڪ نظر پيئي ڀاسبي هئي - اها نوراني دنيا - پر انهي دنيا ۾ هن پورو پرويش نه ڪيو هو، پنهنجي آخرين پياس نه مٽائي هئي. ۽ انهن گياني پرشن ۾ جن جي کيس سڌ هئي ۽ جن جي سکيائن مان کيس آنند پئي آيو، هڪڙو به اهڙو ڪونه هو جنهن منزل صفا طيءِ ڪئي هجي - اها سورڳي دنيا هٿ ڪئي هجي - پنهنجي پياس - ازل ۽ ابادي - پورن طرح بجهائي هجي.

"گووند،" سڌارٿ پنهنجي دوست کي چيو، "گووند، مونسان گڏجي ٻڙ جي ٻرڇ ڏانهن هل. اسين ڌيان ۾ وهنداسين ۽ ايڪاگرتا جي سِاڌنا ڪنداسين."

هو ٻڙ جي وڻ وٽ آيا ۽ هڪٻئي کان ويهارو قدم پري ويهي رهيا. جئن هو اوم شبد اچارڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو تئن سڌارٿ آهستگيءَ سان هيٺيون سلوڪ چوڻ لڳو:

"اوم آهه ڪمان، تير آهه آتما،
برهم آهه تير جي منزل،
بي ڌڙڪ ان تي چٽي ٿو مٿس پنهنجو نشان."

جڏهن ڌيان جي ساڌنا وارو وقت پورو ٿيو، تڏهن



هڪ دفعي ٽي سنياسي اچي سڌارٿ جي شهر مان لانگهائو ٿيا. [صفحه ٧]

جي شروعات ٿي ڪري ۽ هنجي پرالبڌ سان گڏ سندس پرالبڌ پڻ. ۽ هو اهڙو ڪمائجي ويو جهڙي سڪل ڪيلي جي ڪل.

"اي، سڌارت،" هن پڪاري چيو، "تنهنجو پتا اها ڳالهه قبول ڪندو؟"

سڌارت ڏانهس انين نهاريو جڻ ته هاڻي سڄاڻ ٿيو آهي. وڄ وانگر تکو، هو گووند جي دل جو راز پرکي ويو، سندس انتظار جو اندازو لڳائي ويو ۽ ساڳئي وقت سندس 'ڀاويءَ جو ڀاوُ' پڻ پروڙي ويو.

هن نرمائي سان چيو، "گووند، وادوواد وٿرت آهي. سڀاڻي، پرهه ڦٽيءَ جو، آءٌ سنياسين جي جيوت گهارڻ شروع ڪندس. وري بحث مباحثو ڪرڻ جو ضرور ڪونهي."

سڌارت انهيءَ ڪمري ۾ ويو جتي سندس پتا ڏلووڇائي ويٺو هو. هو پتا جي پٺ وٽ بيٺو رهيو جيستائين سندس پتا سندس حاضري محسوس ڪري. "سڌارت آهين؟" برهمڻ پڇيو. "تڏهن چئه جيڪي من ۾ اٿئي."

سڌارت چيو، "اوهانجي ڪرپا کپي، پتاجي. آءٌ ٻڌائڻ آيو آهيان ته سڀاڻي آءٌ اوهانجو گهر ڇڏڻ ۽ سنياسين جي سنگهه ۾ شامل ٿيڻ جي آرزو ٿو رکان. مونکي سنياسي ٿيڻ جي چاهنا آهي. اميد اٿم ته منهنجو پتا اعتراض نه واريندو."

برهمڻ ايتري دير تائين سانت ۾ رهيو جو تارا سندس ننڍڙي دريءَ جي ٻئي پاسي ڦري ويا ۽ جيستائين سندس سانت آخر ان طرح ٽٽي تنهن کان اڳ پنهنجو روپ ٿي بدلائي ويا. سندس پٽ چپ چاپ، ٻانهون ٻڌي بيٺو رهيو. پتا به چپ چاپ ۽ بنا چرپر جي ڏڏي تي ويٺو رهيو ۽ تارا آسمان ۾ ڦرندا ويا. آخر سندس پتا چيو: "اها ڳالهه برهمڻن جي يوڳيه نه آهي ته ڪڙڪيدار ۽ ڪروڌ ڀريل وچن

پنهنجي مڪ مان ڪين پر منهنجي دل اندر ناراضپو آهي. آءٌ نه چاهيندس ته آءٌ وري ٻيو دفعو اها ٺنهنجي نوڪرن ٻڌان."

برهمڻ آهستگيءَ سان اُٿيو. سدارٿ ٻانهون ٻڌل چپ چاپ بيٺو ئي رهيو.

"ڇا جي لاءِ تون ترسيل آهين؟"، سندس پتا جيءَ پڇيو.

"اوهانکي سڌ آهي ته آءٌ ڇا جي لاءِ ترسيل آهيان"، سدارٿ اُتر ڏنو.

سندس پتا ناراضپي وچان ڪمرو ڇڏي ويو ۽ وڃي بستري تي ليٽيو.

هڪ ڪلاڪ گذري ويو ۽ ڪيس ننڊ نه آئي، تڏهن برهمڻ اُٿيو، هيٺ مٿي پسار ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ گهر کان نڪري ٻاهر هليو ويو. هن ڪمري جي ننڍيءَ دريءَ مان اندر نهاريو ۽ سدارٿ کي ٻانهون ٻڌل، ٻنا چرپر جي اُتيئي بيٺل ڏٺائين. هو سندس زرد چوغو چمڪندو ڏسي ٿي سگهيو. دکي دل سان، پتا بستري ڏانهن واپس وريو.

ٻئي ٻيو ڪلاڪ گذريو ۽ برهمڻ کي ننڊ نه آئي، تڏهن هو وري اُٿيو، هيٺ مٿي پسار ڪرڻ لڳو، گهر کان ٻاهر نڪري آيو ۽ ڏٺائين ته چندرما ڪڙي رهيو هو. هن دريءَ منجهان نهاريو. سدارٿ اُتيئي ٻانهون ٻڌل، ٻنا چرپر جي بيٺو هو؛ چندرما سندس اُگهاڙين ٽنگن جي هڏين تي چمڪي رهيو هو. دکي دل سان پتا بستري ڏانهن وري موٽيو.

وري ڪلاڪ رکي موٽي آيو ۽ وري ٻن ڪلاڪن بعد، دريءَ مان نهاريائين ۽ ڏٺائين ته سدارٿ اتيا بيٺو آهي، چانڊوڪيءَ ۾، تارن جي روشنيءَ ۾، اونداهي وچڙي ۾. ۽ هو چپ چاپ ايندو رهيو، ڪلاڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ، ڪمري ۾ ليٽو پائيندو رهيو، ۽ هنکي اتي ٻنا چرپر بيٺل ڏسندو رهيو. سندس

پتا سڌارٿ جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

”ڀل تون بن وڃ،“ هن چيو، ”۽ سنياسي ٿيءُ. جيڪڏهن تون بن اندر آنند ڳولي لهين ته موٽي اچجانءِ ۽ مونکي اچي انهي سکيا ڏجانءِ. پر جيڪڏهن تنهنجي اکين تان پڙدو هٽي ۽ توکي اُتي آنند نه ملي ته به موٽي اچجانءِ ته پوءِ اسين وري گڏجي پاٺ پوڄائون ڪنداسين ۽ ديوتائن تي ڀيٽائون چاڙهينداسين. هاڻي وڃ، ماتا جا پير وڃي چم ۽ ٻڌائينس ته تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين. مون لاءِ ته هاڻي وقت پورجي آيو آهي - درياه تي وڃڻ جو ۽ اشنان پاڻي ڪري پاٺ پوڄا ڪرڻ جو.“

هن پنهنجو هٿ پتر جي ڪلهي تان لاٿو ۽ ٻاهر نڪري ويو. سڌارٿ جڏن هلڻ جي ڪوشش ڪئي تڏن سندس ٽنگون ڏڏڻ لڳيون. پر هن جلدئي پاڻ سنڀالي ورتو، پتا کي نمسڪار ڪيائين ۽ انهي ارشاد جي پيروي ڪرڻ لاءِ پنهنجي ماتا وٽ ويو.

جڏن هن پنهنجي ساٿين ٽنگن سان آهستي پره ڦٽي جو نندرا ديويءَ جي گود ۾ پيل شهر ڇڏيو، تڏن هڪ اڪيلڙ پاڇو پهاڙيءَ واريءَ جهوپڙيءَ منجهان نڪري ظاهر ٿيو ۽ اچي ياتريءَ سان شامل ٿيو. اُهو گووند هو.

”تون اچي ويو آهين“، سڌارٿ چيو ۽ مرڪيائين.

”آءٌ اچي ويو آهيان“، گووند وراڻيو.

دل ڪروڌ سان، چنتا سان، ڀؤ سان، شوڪ سان ڀرجي ويئي.

رات جي آخرين ڪلاڪ ۾، پره ڦٽيءَ کان اڳ هو وري واپس آيو، ڪمري اندر گهڙيو ۽ نوجوان کي اُٿي ٿي بيٺل ڏٺائين. هو ڏکوءَ ڪيس ڌاريو پيئي لڳو.

”سدارت“، هن چيو، ”تون ڇا جي لاءِ ترسيو آهين؟“

”اوهانکي سڌ آهي ته ڇا جي لاءِ ترسيو آهيان، پتاجي!“

”ڇا، تون ائين بيٺوئي هوندين ۽ ترسي وهندين، جيستائين ڏينهن ٿئي، منجهند ٿئي، شام ٿئي؟“

”آءٌ بيٺوئي هوندس ۽ ترسندس.“

”تون ٿڪجي پوندين، سدارت.“

”هائو، آءٌ ٿڪجي پوندس.“

”توکي ننڊ اچي ويندي، سدارت.“

”مونکي ننڊ ڪانه ايندي.“

”تون مري ويندين، سدارت.“

”آءٌ مرندس.“

”تون پتا جي آگيا پالن ڪرڻ کان وڌيڪ مرڻ پسند ڪرين ٿو؟“

”سدارت هميشه پتا جي آگيا پالن پيئي ڪئي آهي.“

”تڏهن تون پنهنجي رٿا ترڪ ڪندين؟“

”سدارت کي جيڪي سندس پتا چوندو ٿو سو ئي ڪندو.“

ڏينهن جي پهرين روشني ڪمري اندر گهڙي. برهمڻ ڏٺو ته سدارت جون جنگهون ٿورو ڏڪي رهيون هيون، پر سدارت جي چهري ۾ ڏڪڻ ڪانه هئي. سندس نيڻ دور درشيه ڏسي رهيا هئا. تڏهن پتا محسوس ڪيو ته سدارت هاڻ وڌيڪ وقت گهر ۾ ساڻس گهاري ڪين سگهندو- هو اڳيئي کيس ڇڏي چڪو هو.

پسارا. سڀ نشت ٿي ٿيڻا هئا. دنيا زهر مثل پئي ڀاسيس.
جيوت هئي دک ۽ کليش.

سڌارٿ جي منزل مقصود هڪ ٿي هئي - بنهه ڀالهو ٿيڻ،
پياس، ترشنا، سپنن، سک ۽ دک کان ڀالهو ٿيڻ، خالي ۽ آزاد
ٿيڻ - 'مان' کي مارڻ. اڳو پوءِ لاءِ 'مان' کان آجو ٿيڻ، سکڻي
ٿيل هردي جو آنند ماڻڻ، پوتر ويچار انڀؤ ڪرڻ - اهو هو
سندس اديش. جڏهن سمورو 'مان' وس ۾ ايندو ۽ نشت
ٿيندو، جڏهن سموريون ترشنائون ۽ ڪامنائون ٻجهي وينديون،
تہ پوءِ اها انتم وستو جاڳندي، هستيءَ جي اها انتر آتما،
جنهن ۾ ذري بہ 'مان' نہ هوندي - ڪهڙو نہ اونهو راز!

چپ چاپ سڌارٿ تيز سورج جي ڪرڻن ۾ بيٺو رهيو،
شوڪ ۽ پياس جو ستايل، پر بيٺو رهيو جيستائين هن دک ۽ اُڃ
محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏني. چپ چاپ هو برسات ۾ بيٺو رهيو،
پاڻي سندس وارن تان ڳڙي سندس ڪلهن تي، چيلهہ تي،
ٽنگن تي ڄمي پي ويو. ۽ هي جڳياسو بيٺو ٿي رهيو جيستائين
هن ڪلهن ۽ ٽنگن جو ڄمي وڃڻ محسوس ٿي نہ ڪيو، جيستائين
انهن ۾ ماڻائي اچي ويئي. چپ چاپ هو ڪنڊن منجهہ رڙهي
ويو. خون سندس پوسرندڙ چمڙيءَ مان پئي ڳڙيو، ڦٽ ٿي
پيس. پر سڌارٿ اٽل ۽ اڏول رهيو جيستائين خون وهڻ بند
ٿي ويو، جيستائين ڪنڊن کيس ستائڻ بند ڪيو ۽ درد بہ
هنکي دکي ڪري نہ سگهيو.

سڌارٿ ڪڙو ٿي وهندو هو ۽ ساهہ کڻڻ ۾ سنجم ڪرڻ،
ٿوري ساهہ کڻڻ سان پورت ڪرڻ ۽ ساهہ کي روڪڻ سکيو.
ساهہ اندر نيڻ وقت هو دل جي دک دک کي بيهارڻ
سکيو، دل جي دک دک کي گهٽائڻ سکيو جيستائين اها دک دک
گهٽ ٿيڻ لڳي ۽ نيٺ ڄڻ تہ بيهي ويئي.

سنياسين جي سنگ ۾

اُنهيءَ ڏينهن، سنجها ٽاڻي، هو سنياسين کي اچي ڳڻا ۽ کين پنهنجي سنگ ۽ ساٿن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيائون. سڌن وينتي اگهامي.

سڌارٿ پنهنجا وستر رستي تي هڪ غريب برهمڻ کي ڏيئي ڇڏيا ۽ پاڻ وٽ صرف هڪ لنگوٽ ۽ هڪ ميرانجهڙي رنگ جو اوڇڻ رکيائين. ڏينهن ۾ رڳو هڪ ويلو کائيندو هو ۽ ڪڏهن به ڪاڌو رڌيندو نه هو. چوڏهن ڏينهن ورت رکيائين. وري اَٺاويهه ڏينهن اُپواس ڪيائين. سندس ڳلن ۽ جنگهن تان ماس ڇڻي ويو. سندس ڏرا ڏيئي آيل اکين ۾ عجيب سپنا پيئي بکيا. سندس سنهڙين آڱرين تي ننهن ڊگها ٿي ويا ۽ ڪاڏيءَ تي خشڪ ۽ ڪنڊائين سونهاري ظاهر ٿيس. منهن سامهون ڪا استري ٿي آيس ته نيڻ ٿي رکا ٿي ٿي ويس. اوچ وستر پهريل ماڻهن جي شهر مان لنگهندو هو ته چپ ڌڪار وچان مروٽجي ٿي ويس. هن ڏٺو ته واپاري واپار پيا ڪن، راجڪمار شڪار تي پيا وڃن، ماتمي مئلن متان پيا روئن، وئشائون پاڻ پيئون آڇين، ويج بيمارن جي دوا سٽي پيا ڪن، پنڊت ٻج چٽڻ لاءِ شپ ڏينهن پيا وارين، پريمي پريم پيا پچائين، ماتائون ٻار پيئون پرچائين- ۽ سمجهائين ته اهي سڀ اک ڪٽڻي نهارڻ جي يوگيه به ڪين آهن. هر چيز ڪيس جوت ٻي لڳي، ڪراهت پيري جوت. اهي مڙيئي هئا اندرين جا، يوگ جا، سونهن ۽ سينگار جا بدبدا، جونا

بک، اُج ۽ ٿڪاوٽ معرفت. هو تياڳ جي سفر تي هليو، ڌيان ذريعي، من کي مٽيني خيالي ٻوٽن کان خالي رکڻ ذريعي. اِنهن ۽ ٻين پيچرن تي هو پنڌ ڪرڻ سکيو. هن هزارين دفعا پنهنجو 'مان' وڃايو ۽ ڏينهن جا ڏينهن ساندهه هن نيستيءَ ۾ نواس ڪيو. جيتوڻيڪ اهي مارڳ ڪيس 'مان' کان پري ڪيئي ٿي ويا پر آخر ۾ وري به 'مان' ڏانهن واپس ورني ٿي آيا. جيتوڻيڪ سدارٿ، هزارين دفعا 'مان' کان ڀڄو، نيستيءَ ۾ سمايو، پسونءَ ۽ پٿر بڻيو، تڏهن به سندس واپسي اَڻٽر هئي؛ اُها گهڙي اَڻٽر هئي جڏهين ڪيس 'مان' ڏسڻو ٿي پيو سورج جي روشنيءَ ۾ يا چندرما جي چانڊنيءَ ۾، بادلن جي ڇايا ۾ يا برسات جي ٻوندن ۾ ۽ وري به اهوئي 'مان' سدارٿ ٿي ٿي پيو ۽ وري ڪيس بوجهي واري زندگيءَ جي چڪر جو دک پسڻو ٿي پيو. سندس پير ۾ رهندو هو گووند، سندس پاڇو؛ هو به ساڳي پيچري تي پاند پيڙو هو، ساڳيا ئي ساڌن ڪندو هو. شيوا ۽ ساڌنن جي ضرورتن کان سواءِ ٻيءَ وشيه تي، پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ورلي ٿيندو هون. ڪڏهن ڪڏهن سو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن آچارين لاءِ ڳوٺن مان کاڌو مڱي اچڻ لاءِ گڏجي نڪرندا هئا.

"تنهنجو ڇا خيال آهي، گووند؟" هڪ ڀيرو مڱڻ واري موقع تي سدارٿ پڇيو. "تون ڀانئين ٿو ته اسان ڪجهه اڳيرو وڌيا آهيون؟ منزل مقصود ٿيا آهيون؟"

گووند اُتر ڏنو: "اسان پرايو آهي ۽ اڃا پرايون پيا. سدارٿ، تون هڪ اوچ پدويءَ وارو سنياسي بڻبين، تون هر هڪ ساڌن سگهوئي سکي ويو آهين. پيرسن سنياسين اَڪثر تنهنجو ڇڱو ملهه پئي ڪٿيو آهي. ڪنهن ڏينهن تون مها پرش ٿيندين، سدارٿ."

سدارٿ چيو: "مونکي ته ائين ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي،

سنياسين ۾ جيڪو وڏي ۾ وڏو هو تنهنجي سکيا هيٺ ۽ سنياسين جي نيمن موجب هو تن کي ٽسو ڏيڻ لڳو ۽ ڌيان يوڳ جو سادن ڪرڻ لڳو. هڪ ڪَنگُ ٻانس جي وڻ مٿان اُڏامو ۽ سڌارٿ اُن کي پنهنجي سوکيم شرير ۾ جڳهه ڏني، پاڻ ڪنگ ٻڻجي پيو، جهنگل ۽ پهاڙن مٿان اُڏاڻو، مڇليون ڪاڏائين، ڪنگ وانگر ٻڪ ڪڍيائين، ڪنگ جي ٻولي ٻوليائين، ڪنگ وانگر مري ڏنائين. هڪ مئل گدڙ واريا سي ڪپ تي پيو هو ۽ سڌارٿ جو سوکيم شرير انهي مئت ۾ کسڪي ويو، هن مئل گدڙ جو روپ ورتو، ڪناري تي پيو رهيو، سڄي پيو، ٻانس ڪڍيائين، ڪنو ٿيندو ويو، ڇراڻ هنجو انگ انگ ڪٽي ڇڏيو، ڳجهون اُنکي پٽڻ لڳيون، باقي هڏن جو پڃرو وڃي رهيو، خاڪ سان خاڪ ٿي ويو، وايوءَ ۾ ملي ويو. ۽ سڌارٿ جو سوکيم شرير واپس آيو، مري ويو، ڪنو ٿي ويو، خاڪ ۾ ملي ويو. جيوت جي چڪر جي دکن واري ڏوري مان لنگهيو. هو شڪاريءَ جيان نئين پياس سان ترسي ويٺو هڪ اوڙاه مٿان، جتي جيوت جو چڪر ختم ٿو ٿئي، جتي ڪارڻن جي پڄاڻي ٿي ٿئي، جتي ڪشت-هيڻ اَنمت ڪال نظر ٿو اچي. هن پنهنجن حواسن کي نگهوسار ڪيو. هن سمرڻ-شڪتيءَ کي ماري مات ڪيو، هزارن ٻين روپن ۾ پنهنجي 'مان' منجهان هو کسڪي ويو. پسون ٿيو، مئت ٿيو، پٿر ٿيو، ڪاٺي ٿيو، جل ٿيو ۽ هر دفع هو وري انهن مان جاڳي اُٿيو. سورج ڪڙيو يا چندرما چمڪيو، هو وري 'مان' ٿيو، جيوت جي ڏوري اَندر ڪهي آيو، پياس محسوس ڪيائين، پياس تي جيت پاتائين، نئين پياس اڀو ڪيائين.

سڌارٿ گهڻوئي ڪجهه سنياسين مان پرايو؛ 'مان' وڃائڻ جا هو گهڻيئي طريقا سکيو. هو تياڳ جي مارڳ تي هلڻ لڳو، دکن دردن معرفت، ڪشت سهڻ ۽ مٿن جيت پائڻ معرفت،



سڌارٿ اُٿي ٻانهون ٻڌل، ٻنا ڇرپر جي بيٺو هو. [صفحه ٩]

مُنهنجا مترَ! جيڪي ڪي مان هن مهل تائين سنياسين کان سکيو آهيان سو تہ پاڻ وڏي ڳچ ٽڪرو ۽ وڏي سولائيءَ سان ڪنهن وئشيا جي پاڙي ۾، ڪنهن بہ مسافرخاني ۾، مزورن ۽ ڀاري کيڏيندڙن جي سنگ ۾ سکي سگهان ها!“

گووند چيو: ”سڌارٿ چرچا ٿو ڪري. تون، سڌارٿ، ڏيان ڪرڻ، پراڻايام ڪرڻ ۽ بک ۽ دک محسوس نہ ڪرڻ انهن ڪريلن انسانن جي صحبت ۾ ڪيئن سکي سگهين ها؟“

۽ سڌارٿ اهڙيءَ ڪوملتا سان چيو جڻ تہ پاڻ سان ئي ڳالهايائين: ”ڌيان ڇا کي ٿو چوين؟ تن جو تياڳ ڇا آهي؟ ورت ڇا آهي؟ ساهہ روڪڻ ڇا آهي؟ اهو سڀ آهي ’مان‘ کان ڀاڄ، اهو سڀ آهي ’پاڻ‘ جي ڪشٽ کان ٿوري سمي لاءِ بچاءُ. اهو سڀ آهي زندگيءَ جي دک ۽ مورکتا کان ٿوري وقت لاءِ ڇوٽڪارو. ڍڳا ڪاهيندڙ بہ ساڳي ڀاڄ ڪائي ٿو، جڏهن هو ٿورو وقت جتاءُ ڪندڙ نشو واپرائي ٿو. جڏهن هو مسافرخاني ۾ چانورن جي شراب جا يا ناريل جي رس جا بہ ٽي پيالا پيئي ٿو. انهيءَ وقت هو ’مان‘ جي گمَ نٿو رکي، زندگيءَ جو دک ۽ درد محسوس نٿو ڪري؛ هو تڏهن ٿوري وقت لاءِ ڇوٽڪارو پائي ٿو. چانورن وارو شراب پيئندي هنڪي ننڊ ڪٽي ٿي وڃي ۽ هنکي انهيءَ وقت اهو ئي ڪجهہ حاصل ٿو ٿئي جو سڌارٿ ۽ گووند کي ملي ٿو جڏهن هو گهڻو وقت سادن ڪري پنهنجي سرير جي سرت پلجي ٿا وڃن ۽ نيستيءَ ۾ واسو ٿا ڪن.“

گووند چيو، ”تون ائين چئي وڃين ٿو، مُنهنجا پريتم، پر انهي هوندي بہ تون ڄاڻين ٿو تہ سڌارٿ ڪو ڍڳا ڪاهيندڙ ڪونہ آهي ۽ سنياسي ڪو شرابي نہ آهي. شرابي برابر سرت وڃائي ٿو، هن کي برابر ٿوري وقت لاءِ ساهہ ۽ آرام ملي ٿو،

پر هو جلد ئي انهي ڪوڙي آرام مان واپس وري ٿو ۽ وري هر چيز ائين ئي ٿو پسي جئين اڳ ئي هئي. ڪيس اُن مان ڪو وڌيڪ گيان حاصل ڪونه ٿيو آهي، ڪيس ڪا وڌيڪ روشني ڪانه ملي آهي، هو ڪو وڌيڪ ڏاڪو ڪونه چڙهيو آهي."

سڌارٿ منهن تي مرڪ آڻي وراڻيو: "مونکي اها ڄاڻ نه آهي. آءٌ برابر ڪو شرابي ٿي ڪونه رهيو آهيان. پر مان، سڌارٿ، انهن سادن ڪرڻ ۽ ڌيان ۾ رهڻ سان صرف ٿوري وقت لاءِ آرام پايان ٿو ۽ آءٌ گيان ڪان، مڪتيءَ ڪان ايترو ئي دور آهيان، جيترو گرڀ ۾ ٻالڪ ۽ اِها سا، گووند، مونکي ڄاڻ آهي."

ٻئي ڪنهن موقع تي، جڏهن سڌارٿ گووند سان گڏجي بن کان ٻاهر پنهنجي سنياسي ڀائرن ۽ آچارين لاءِ کاڌو پني اچڻ لاءِ نڪتو، تڏهن سڌارٿ ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ چوڻ لڳو: "ڪر خبر، گووند، صحيح رستي تي آهيون؟ گيان جي پراپتي ٿئي ٿي؟ مڪتيءَ کي ويجهو آهيون؟ يا گول چڪرن ۾ شايد پيا ڦرون- جن چڪرن ۾ ڦرڻ کان ڇوٽڪاري جي ئي اسان چاهنا پئي رکي؟"

گووند چيو: "اسين گهڻو ڪجهه سکيا آهيون، سڌارٿ، ۽ اڃا به گهڻوئي سکڻو اٿئون. اسين چڪرن ۾ ڪونه ٿا ڦرون، اسين مٿي چڙهندا ٿا هلون- پيچرو آهي وروڪڙ، اسين گهڻيئي ڏاڪا مٿي چڙهي چڪا آهيون."

سڌارٿ اُتر ڏنو: "ڪيڏيءَ اوستا جو، تون سمجهين ٿو، اسانجو وڏي ۾ وڏو سنياسي هوندو، اسانجو پوڄنيه آچاريه؟"

گووند چيو، "آءٌ سمجهان ٿو ته وڏي ۾ وڏو سٺ ورهين جو هوندو."

۽ سڌارٿ چيو: "هو سٺ ورهين جو آهي ۽ نرواڻ جي

وتيت ڪيو اٿم ۽ اڃا اُهي پڇاڻي نه ڪٿي اٿم، صرف اهو ئي ۽ ايترو ئي سگهڻ لاءِ، گووند، ته اِنسان سڪي ڪجهه به ڪونه سگهي. نسچيه ڪيو اَٿم ته هرڪنهن وستوءَ جي تت ۾ اهڙو ڪجهه آهي جنهن جو سکيا سان ته ڪو سنبنڌ ئي ڪونه سگهي. جيڪي ڪي هرهنڌ موجود آهي، جيڪي ڪي آتما آهي، جيڪي ڪي مون ۽ تو ۾ ۽ هرڪنهن پراڻيءَ ۾ آهي- اُها، منهنجا مِنا، هڪ قسم جي ڄاڻ آهي، گيات، اَنيڙ آهي، ۽ آءٌ ائين پيو وسهان ته انهيءَ ڄاڻ جو وڏي ۾ وڏو شترو پيو ڪو به ڪونه آهي، سواءِ ودوان جي، سواءِ سکيا جي."

اِهو ٻڌي، گووند رستي تي بيهي ويو ۽ هٿ مٿي ڪڻي چيائين: "سڌارٿ، پنهنجي دوست کي اهڙي گفتگوءَ سان وياڪل نه ڪر. سچ پچ ته تنهنجا وچن مونکي ستائين ٿا. ويچار ڪر، اسانجي پوتر پرارٿنائن، برهمڻن جي مان مرتبي ۽ سنياسين جي پوترتائيءَ کي ڪهڙي معنيٰ ڏيندي، جيڪڏهين جئن تون چوين ٿو ته سکيا منجهان ڪجهه به پراپت ڪونه ٿئي؟ سڌارٿ، هرڪنهن وستوءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو، ڪهڙي چيز پرٿويءَ تي پوتر ليکجڻ ۾ ايندي، ڇا کي امولڪ، نرمل ۽ شد سڏي سگهبو؟"

گووند اُپنشدن مان هڪ سلوڪ چپن ۾ چيو:

"جنهن جي ويچاروان پوتر آتما
پرويش ڪري ٿــي پرماتما اندر،
تنهنکي انت آنــنــد جــي
پراپتي ٿئي ٿي ورنن ڪرڻ کان ٻاهر".

سڌارٿ چپ رهيو. جي اکر گووند جي واتان نڪتا هئا تن تي گهڻو وقت ويچار ڪرڻ لڳو.

نميل ڪنڌ سان بيٺي، هن ويچاريو ته هائو، جيڪي ڪي

پراپتي ڪانه ٿي اَٿس. هو سترَ سالن جو ٿيندو ۽ اَسي سالن جو ٿيندو ۽ تون ۽ مان پڻ ڪنهن ڏينهن ايڏيءَ عمر جا ٿينداسين جيڏيءَ جو هو آهي ۽ ساڌن ڪنداسين، ورت رکنداسين، ڌيان ۾ ويهنداسين، پر نروان پد پراپت ڪين ڪنداسين، نڪي هو، نڪي اسين، گووند. آءٌ سمجهان ٿو ته سڀني سنياسين منجهه هڪ کي به نروان پد پراپت ڪونه ٿيندو. اسين پاڻ کي تسلي ۽ آٿت ڏيندا اچون ٿا، اسين ڪيڏ- بازيون ۽ چالاڪيون سکون ٿا، جن سان اسين پاڻ کي دوکو پيا ڏيون، پر ضروري وستو- اها راه، اها سڙڪ- اسان کي هٿ نٿي اچي."

"اهڙا خوفناڪ وچن ته مک مان نه ڪڍ، سڌارٿ،" گووند چيو. "ائين ڪيئن هوندو ته ايترن ودوانن منجهه، ايترن پنڊتن منجهه، ايترن تپسوين ۽ يوگيه سنياسين منجهه، ايترن جگياسن منجهه، ايترن آتمڪ اُنتيءَ جي ابلاشا رکندڙن منجهه، ايترن ساڌن ۽ سنتن منجهه ڪوبه نه آهي جو صحيح مارگ لهي سگهندو؟"

پر، سڌارٿ وراڻيو اهڙي آواز سان جنهن ۾ شوڪ اوتروئي هئو جيتري ٺوڪ، اهڙي نرم آواز سان جنهن ۾ ڪجهه اداسائي هئي ته ڪجهه مسخري: "جلد ئي گووند! تنهنجو متر، هي سنياس جو مارگ ترڪ ڪندو، جنهن تي هيترو وقت توسان گڏ سفر ڪيو اٿس. مونکي آهي پياس، گووند! ۽ هن سنياس واري لنبي راهه تي منهنجي پياس ڪا گهٽي ڪانه آهي. آءٌ هر هميشه گيان جو پياسي ئي رهيو آهيان، من سوالن سان ڀرپور ئي رهيو آهيان. سال به سال، مون برهمڻن کان پئي سوال پڇيا آهن، سال به سال، مون پوتر ويدن کان پئي سوال پڇيا آهن. نڀاڳا، گووند، جي آءٌ گينڊي يا باندر کان ئي اهي سوال پڇان ها ته ان منجهان به اهائي چڱائي، اهائي سياڻپ، اهائي پورنتا حاصل ٿئي ها. گهڻوئي وقت

ڦهلجڻ لڳي. هوُ ڏاڍو ودوان آهي، وشواسي ماڻهن چيو ته ڪيس اڳين جنمن جي يادگيري آهي، هن نروان پد پاتو آهي، وري جنم جي چڪر ۾ نه ايندو ۽ آڪارن جي گهمسان واريءَ ڌارا ۾ ٻيو ڪو نه ڏيندو. ڪيترين ئي عجيب ۽ نه وسهڻ جهڙين ڳالهين هن بابت هُليون پئي؛ هن ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي، ڪام چيشٽا تي سوڀ پاتي اٿس، ۽ ديوتائن سان رهاڻيون ڪيون اٿس. ٻئي طرف وري سنديس شترو، ناستڪ ۽ اَوشواسي آدمي چوڻ لڳا ته هي گوتم آهي واهيات ماڻهو، دولابي، هو عيش عشرت جي زندگي گذاري ٿو، پاٺ پوڄائن، ڀيٽائن کي ڌڪاري ٿو، نه ودّيا پڙهي اٿس، نه سادن سکيو آهي ۽ نه وري سرير کي ڪشٽ ڏيئي ڄاڻي.

ٻُڌَ بابت افواه دلڪش هئا؛ منجهن ڪو جادو ٿي ڏٺو. دنيا ۾ پيڙا هئي، جيوت ڪٺن هئي ۽ هاڻ هت نئين آشا، نئون سنديش، آنت ڏيندڙ، ڪومل ۽ سهڻو لاڀدائڪ پئي پاسيو. هر جاءِ ٻُڌَ جي ئي چرچا هئي. ساري ڀارت جا نوجوان ڪن ڏيڻ لڳا، سندن اَندر ۾ آرزو ۽ آس اُڀرڻ لڳي. ۽ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ برهمڻن جي پٽن، هر هڪ ياتريءَ ۽ هر هڪ ڌارئي جي آجيان ۽ خاطري ٿي ڪئي، جيڪڏهن هن کان ڪا به خبرچار، ڪو به سڌ سماءُ اُنهيءَ سريشٽ پرش، ساڪيه مُنيءَ بابت آندو ٿي. اِهي افواه، ٻن ۾ سنياسين تائين، ۽ پڻ سڌارٿ ۽ گووند تائين رڪي رڪي پهچڻ لڳا؛ هر هڪ افواه ڪڏهن آشا ٿي اُٿاري، ڪڏهن شنڪا ٿي ڄاڳائي. هنن پاڻ ۾ ان بابت ٿورو ڪجهه ٿي ڳالهايو ڇاڪاڻ ته اهو افواه وڏي سنياسيءَ جي دل وڻان نه هو. هن ٻڌو هو ته اهو ٻُڌ اول ۾ سنياسي هو ۽ ٻن ۾ رهندو هو، پر پوءِ عيش عشرت واري جيوت اختيار ڪئي هئائين ۽ انهيءَ ڪري هن کي گوتم مذهب ڪا خاص دلچسپي ڪا نه هئي.

”سڌارٿ“، گووند هڪ لڱا پنهنجي متر کي چيو، ”اڄ

اسان کي پوڻ، نرمل نظر اچي ٿو، تنهن مان باقي رهي ٿو ڇا ٿو؟ ٻيو ته ڇا ٿو؟ ڇا ٿو محفوظ رهي؟ ۽ هن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو.

هڪ دفعي، جڏهن هي ٻئي جوان ٽي سال سنياسين سان گڏ رهي چڪا هئا ۽ سندن ساٿن ۾ ڀهرو وٺي رهيا هئا، تڏهن ڪيترن هنڌان ڪين افواهي خبر پيئي ته هڪڙو پرش اچي وارد ٿيو آهي جنهن کي سڏين ٿا گوتم، سريشٽ پرش، ٻڌ. هن پاڻ منجهه دنيا جي ڏکن مٿان جيت پاتي هئي ۽ ورڻي جنم جي ڦيري کي بيهاري، ختم ڪري ڇڏيو هو. هوُ پاڻ اُپديش ڪندو، ديش اَندر ڦري رهيو هو، چوڌاري شش ساٿس ڪنا، بنا ڪنهن پدارٿ جي، بنا گهر گهاٽ جي، بنا پتنيءَ جي، سنياسيءَ جو گيڙو رتو چوغو پهريل، اوچي پيشانيءَ سان، سريشٽ پرش، جنهن کي برهمڻ ۽ راجڪمار پيا نمن ۽ سندس سڪشڪ ٿيڻ.

اهو پرلاءُ، اها ڪهاڻي هرهنڌ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ چوڌاري پکڙجڻ لڳي. برهمڻن شهر منجهه ان بابت چرچا پئي ڪئي ۽ بن اندر سنياسين پڻ. گوتم، ٻُڌَ جو نانءُ، لڳاتار جوانن جي ڪنن تائين پئي آيو، ڪن ساراهيو ٿي ته ڪن نندا ٿي ڪئي.

جئن جڏهن ملڪ اندر پليگ راڄ ڪندي آهي ۽ افواهه ڦهلجي ويندو آهي ته هڪ پرش، داناءُ، گياني، جنهنجا وچن ۽ جنهنجي ڦوڪ بيمار کي صحت بخشڻ لاءِ ڪافي آهي، اهڙو انسان ظاهر ٿيو آهي، ۽ جئن اهو هل ملڪ اندر پکڙبو ويندو آهي ۽ سيڪو انجي چرچا ڪندو آهي، تئين ڪيترا ماڻهو ويساهه ڪندا آهن، ڪيترا وري شڪ گمان اُٿاريندا آهن. ڪيترائي هڪدم انهيءَ داناءُ شخص، انهيءَ پراپڪاري پرش جي ڳولا ۾ نڪرندا آهن. اهڙي ساڳي نموني ۾ گوتم ٻڌ بابت، ساڪيه ڪل جي سياڻي پرش بابت، خوشخبري ملڪ اندر

آءٌ اِها نٿين سگهيا ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان، جيتوڻيڪ مونکي دل اندر يقينو آهي ته انجو سنئي ۾ سٺو ڦل اسان اڳيئي چکي ڏٺو آهي."

گووند جواب ڏنو: "مونکي خوشي آهي جو تو اِها ڳالهه مڃي آهي. پر مونکي ٻڌاءِ ته جيسين اسان اڃا گوتم جو اُپديش ٻڌو به نه آهي تيسين اسانکي ان جي اَملاڪ ڦل جو پتو ڪئن پوندو؟"

سڌارٿ چيو: "اَول ته هي ڦل ماڻيون ۽ پوءِ ٻين جي لاءِ انتظار ڪريون، گووند. هي ڦل جنهن لاءِ اسين گوتم جا اڳيئي ٿورائتا آهيون سو اِهو آهي جو هن اسان کي لالچائي سنياسين کان جدا ڪيو آهي. اڳتي ٻيا وڌيڪ ۽ بهتر ڦل آهن يا نه تنهن لاءِ پل ته اسين ڌيرج سان ترسون ۽ ڏسون."

انهيءَ ساڳئي ڏينهن سڌارٿ وڏي سنياسيءَ کي ڪيس ڇڏي وڃڻ جي پنهنجي فيصلي کان واقف ڪيو. هن پيرسن سنياسيءَ سان نوجوانن ۽ سکشڪن جي يوگيتا اَنوسار فضيلت ۽ نمرتا سان ڳالهه ڪئي. پر هن پيرمرد کي انهيءَ ڳالهه تي مٺيان لڳي ته ٻئي ڄڻا ڪيس ڇڏي وڃڻ لاءِ خواهشمند هئا ۽ هو وڏي واڪي، بلند آواز ۾ ڪين سخت تنبيهه ڪرڻ لڳو.

گووند ڏهلجي ويو، پر سڌارٿ ڪيس ڪن ۾ سس پس ڪري چيو: "هاڻ آءٌ پيرمرد کي ڏيکاريندس ته مون منجهائنس ڪجهه پرايو آهي."

هو پنهنجو من ايڪاگر ڪري سنياسيءَ جي پرسان وڃي بيٺو، هو پيرمرد جي اکين ۾ نهارڻ لڳو ۽ پنهنجي نظر سان ڪيس سوگهو ڪيو، هن کي گهريءَ ننڊ جي حالت ۾ وجهي ڇڏيائين، سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏيائين، سندس اِڇا شڪتي، پنهنجي ضابطي هيٺ رکيائين، ۽ پنهنجي مرضيءَ

آءٌ ڳانؤ ۾ هوس ۽ هڪ ٻرهمڻ مونکي ڪوٺ ڏيئي گهر ۾ گهرايو ۽ اتي مگڌ ڪان آيل هڪ ٻرهمڻ جو پٽر هو، هن ٻڌُ کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو ۽ سندس اُپديش پڻ ٻڌو هو. سچ پچ، منهنجي اندر ۾ اُڪير جاڳي ۽ مون سوچيو: آءٌ چاهيان ٿو ته ٻئي، سڌارت ۽ مان، شل اُنهيءَ ڏينهن ڏسڻ لاءِ جيئرا هجون، جڏهن هن پورن پرش جي مکارونڊ مان سندس اُپديش ٻڌي سگهون. منهنجا دوست، اسين ڪينُ جيڪر اوڏانهن هلي، اهو اُپديش ٻُڌَ جي مک مان ٻڌي لاڀ وٺون؟"

سڌارت چيو: "مون ته هميشه ائين ٿي ڀانيو ته گووند سنياسين جي سنگ ۾ ئي رهندو. مون ائين ئي پئي ڀانيو ته سندس اُديش آهي ته سٺ ۽ ستر ورهين تاءِ جيئرو رهي اهي ڪلائون ۽ سادن عمل ۾ آڻيندو رهجي جي سنياسين سيکاريون آهن. پر آءٌ ڪيترو نه ڀليل هوس، گووند! مونکي ڪيتري نه گهٽ ڄاڻ هئي ته گووند جي دل اندر ڇا پيو وهي واپري! هاڻي، منهنجا پيارا متر، تون نئون رستو اختيار ڪرڻ چاهين ٿو، بيشڪ وڃ ۽ وڃي ٻُڌَ جي سکيا ٻڌ."

گووند چيس: "توکي مونتي خنده ڪرڻ ۾ مزو ٿو اچي. فڪر نه آهي، سڌارت. تو ۾ به هنجي اُپديش ٻڌڻ جي ابلاکا ڪانهي؟ ۽ تو ڪين هڪ لڳا مونکي چيو هو- ته آءٌ گهڻو وڌيڪ سنياسين جي مارگ تي سفر ڪين ڪندس؟"

پوءِ سڌارت اهڙي نموني کليو جو سندس آواز ۾ ذرا غمگيني ۽ ذرا ٺٺولي هئي ۽ هن چيو: "تو نيڪ ٻڌايو، گووند، تنهنجي يادگيري پڻ نيڪ آهي، پر توکي اهو به ياد ڪرڻو آهي ته مون توکي وڌيڪ ڇا چيو هو- اهو ته مونکي سکيائن ۽ وديا ۾ ويسهه ڪونه آهي ۽ جيڪا سکيا آچاريه ڏين ٿا تنهن ۾ منهنجو وشواس ڪونه ٿو ڄمي. پر نيڪ آهي، منهنجا دوست،

گوتم

سوائي نگر جي ٻار ٻچي کي سريشٽ ٻڌ جي ٽالي جي سڌ هئي ۽ هرڪو گهر گوتم جي موني ڀيک مڱندڙ ڀڪشن کي سندن ڪِشتا ڀري ڏيڻ لاءِ تيار هو. نگر جي ويجهو گوتم جي دلپسند رهڻ وارو آستان، جيتاون باغيچو هو، جو سريشٽ پرش جي هڪ پياري ڀڳت، ڌنوان واپاريءَ، انٿپنڊيڪا، کيس ۽ سندس شش کي ڀيٽا طور ڏئي ڇڏيو هو.

هي ٻه سنياسي گوتم جي آستان لاءِ پڇائون ڳاڇائون ڪندا ۽ سڌ سماءُ رکندا اچي سوائي ۾ پهتا ۽ جڏهن ڀهرين اُبي گهر وٽ ڀيک مڱڻ لاءِ چپ چاپ اچي بيٺا تڏهن اُبي يڪدم کين کاڌي جي آڇ ڪئي. هنن کاڌو ورتايو ۽ جنهن ماتا کين کاڌو ڏنو هو تنهن کان سڌارت پڇيو: ”ماتا، اسين چاهيون ٿا ته اسان کي سڌ پوي ته ٻُڌ، سريشٽ پرش، ڪٿي ٿو رهي ڇاڪاڻ ته اسين ٻه سنياسي ٻن مان هن پورن پرش جي درشن ڪرڻ لاءِ ۽ سندس واتان پربوڌ ٻڌڻ لاءِ آيا آهيون.“

مائيءَ چيو: ”اي ٻن جا سنياسي، اوهين پوري هنڌ اچي نڪتا آهيو. اهو سريشٽ پرش جيتاون ۾، انٿپنڊيڪا جي باغيچي ۾ رهيل اٿو. اي ياترو، اوهين اُتي رات گذاري سگهو ٿا، ڇاڪاڻ ته اُتي اَڪيچار لوڪ جيڪي سندس مکارونِد مان اُپديش ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿين ٿا، تن لاءِ ڪافي جڳهه آهي.“

گووند ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ خوشيءَ وچان چيائين: ”آها، لڌهين ته اسين اچي منزل تي رسيا آهيون ۽ اسان جو سفر

آنوسار ڪيس ماٿ ميٺ ۾ پيروي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنائين. پيرمرد چپ ٿي ويو، سندس اکين ۾ ڳوڙها ڇڙهي ويا، سندس اِڇا شڪتي ڪمزور ٿي وئي؛ سندس ٻانهون هيٺ لڙڪي پيئون، سڌارت جي اَديوت اِڇا شڪتيءَ هيٺ هو ٻي وس ٿي ويو. سڌارت جي خيال شڪتي سنياسيءَ جي خيال شڪتيءَ تي غالب پئجي وئي؛ هنڪي ائين ٿِي ڪرڻو پيو جئن سڌارت ٿي چاهيو ۽ انهيءَ ڪري پيرمرد ڪيترا دفعا سيس نوائي پرنام ڪيو، پنهنجي آسيس ڏنائين ۽ خير سلامتيءَ سان سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجي شڀ ڀاونا هبڪي هبڪي ظاهر ڪياءِ. نوجوانن شڀ ڀاونائن لاءِ سندس شڪرانا مڃيا، موٽ ۾ پرنام ڪيائون ۽ هو روانا ٿي ويا.

واٽ تي گووند چيو: ”سڌارت، تون سنياسين کان، جيترو مون سمجهيو پئي، ان کان وڌيڪ سکيو آهين. هڪ ٻڍي سنياسيءَ تي پنهنجي اِڇا شڪتي جمائڻ نهايت ڪٺن آهي. سچ پچ ته تون جيڪڏهن اُتي ٽڪاڻو ڪرين ها ته جلد ئي پاڻيءَ تي پنڌ ڪرڻ به سکي وڃين ها.“

”آءٌ پاڻيءَ تي پنڌ ڪرڻ جي اِڇا ڪانه ٿو رکان،“ سڌارت چيو. ”ڀل ته پيرسن سنياسي انهن ڪلائن سان پاڻ کي خوش رکن.“

جو وڏو اندازُ ٻن ٻهرن جي روٽي ڀيک ڪري اچڻ لاءِ پنهنجا ڪِشتا ڪڻي نڪتو. هو صرف هڪ ئِي ويلو کائيندا هئا. ٻُڌ ڀاڻ بہ صبوح جي وقت ڀيک ڪرڻ نڪرندو هو.

سدارٿ هنڪي ڏٺو ۽ هڪدم ڪيس سهي ڪيائين، جڻ تہ ڪنهن ديوتا ڏانهنس اِشارو ڪري ڪيس ڏيکاريو هو. هنڪي ڪِشتي سان پنهنجي آستان کان ٻاهر ويندو ڏٺائين - ٻنا ڪنهن ڏيک ويک يا ديکا ديکيءَ جي. مٿي ۾ گيڙوءَ رنو هول ٻهريل هوس.

"ڏس"، سدارٿ گووند کي سرلتا سان چيو، "اهو آهي ٻُڌ."

گووند انهيءَ گيڙوءَ رنگي هول واري سادوءَ ڏانهن چٽائي نهاريو ۽ جيتوڻيڪ هو ٻين سوين ڀڪشن کان ڪنهن بہ نموني نيارو نہ پئي لڳو، تہ بہ گووند هنڪي سگهوئي سڃاتو. هائو، هوُ اُهوئي هو ۽ هنن سندس پٺ ورتي ۽ ڪيس جاچيندا رهيا.

ٻُڌ سانت ۾ پنهنجو رستو وٺيو پي ويو، خيال ۾ مگهن. سندس شانت-ميہ چهري مان نڪي خوشي پئي بکي، نڪي وري غمگيني. ائين پي ڏٺو جڻ تہ هو اندر ۾ ڪوملتا سان ٽِي مشڪيو. اَڻ-لڪي مشڪ، جا هڪ سگهي ٻالڪ جي مرڪ سمان هئي، ان سان هو اڳتي وڌندو هليو، شانت-ميہ، چپ چاپ. ڪيس جبو پيل هو ۽ هو ٻهو ٻين ڀڪشن وانگر اڳتي هلندو ٿي هليو، پر سندس چهرو ۽ سندس قدم، سندس شانت-ميہ هيٺ نهاريندڙ نيتر، سندس شانت-ميہ هيٺ نميل هٿ ۽ سندس هٿ جي هرهڪ آڱر، شانتيءَ جو ورنن پئي ڪيو، پورنتا جو سنديش ٿي ڏنو. نہ ڪيس ڪا ابلاشا، نہ ڪا ريس هئي؛ منجهانئس لڳاتار سنتوش، اَمر جوتي، اَکنڊ شانتي پي بکي.

۽ ائين گوتم شهر منجهہ ڀيک لاءِ پي ڦريو ۽ هنن ٻن سنياسين ڪيس سڃاتو، صرف سندس پورن شانتي-ميہ هلڻ جي ڍنگ مان، سندس سروپ جي اِسترتا مان- جنهن ۾ نہ هئي چاهنا، نہ اِڇا، نہ مڪر، نہ اُدم- صرف هئي جوت ۽ شانتي.

پورو ٿي چڪو آهي. پر، تون، ياترين جي ماتا، اسان کي ٻڌاءِ نه تون ٻُڌَ کي سڃاڻين؟ تو پاڻ پنهنجن نيترن سان ڪيس ڏٺو آهي؟"

مائيءَ چيو: "مون انهيءَ سرينشت پرش کي گهڻيئي دفعا ڏٺو آهي. ڪيترن ئي ڏينهن تي مون ڪيس گيڙوءَ رنگي جبي پر، مونِ ڏاري، گهٽين مان لنگهندوءَ گهرن جي درن وٽ چپ چاپ پنهنجو ڪشتو ٻاهر آڻيندوءَ پوريل ڪشتي سان واپس ورندو ڏٺو آهي."

گووند تي اهو ٻڌڻ سان جڻ ته جادوءَ جو اثر ٿي ويو؛ هن جي مرضي هئي ته وڏيڪ سوال پڇان ۽ گهڻو ڪجهه وڌيڪ ٻڌان پر سڌارت کيس ياد ڏياريو ته هلڻ جو وقت پهچي آيو آهي. هو شڪرانا مڃي اٿيا ۽ راهي ٿيا. پنڌ پڇائڻ جو هاڻ خير ڪو ضرور هون، ڇاڪاڻ ته گهڻيئي ياتري ۽ گوتم ٻڌ جا شش جيتاون ڏانهن وڃي رهيا هئا. جڏهين هو رات جو اُتي پهتا تڏهن هڪ ٻئي پنيان نوان نوان ياتري پڻ پئي پڌاريا. چوڌاري هل هلا چو متو پيو هو. ڪن اَجهو پئي گهريو، ڪي اَجهي اندر پئي ويٺا. هي ٻه سنياسي جي بن جي جيوت تي هريل هئا تن جلد ئي ۽ ماٺ ميٺ ۾ اَجهو ڳولي لڌوءِ صبوح تائين اُتي رهيا.

سج اُڀري ئي هنن ڏسي عجب کاڌو ته ياترين جو وڏو ڪٽڪ اُتي لٿل هو جن شرڌا وچان يا درشن جي ويچار کان اچي اُتي رات ڪاٽي هئي. گيڙورتن وسترن ۾ ڀڪشن انهيءَ سندر باغيچي جي رستن تي پئي پسار ڪيو. ڪٿي ڪٿي هوُ وڻن هيٺان ئي ويٺا، ڌيان ۾ مگهن يا ڳُوڙهيءَ گيان گوشت ۾ رڌل. ڇايا وارو باغيچو ڄڻ ڪو هڪ نگر جي ڏيکاري ڏيئي رهيو هو جتي مکين جيان پيهه پئي پيئي. ڀڪشن

ڏک کان ڇوٽڪاري پائڻ جو مارڳ لڌو ويو هو. مڪتي انهن لاءِ هئي جيڪي ٻُڌَ جو مارڳ وٺندا.

سريشٽ پرش ڳالهايو ٿي ڪومل پر اسٿر آواز ۾، چئن اُديشن جي سکيا ڏنائين، اَشٽ مارڳ (اَٺن قدمن واري راه) ٻتايائين؛ ڏيرج سهت هن پنهنجي سکيا، ساڌارڻ ٻولي ۾، درشٽانتن جي روپ ۾ ورڻي ورڻي ڏهراڻ سان پيش ڪئي. صاف ۽ ڇپ ڇاپ سندس آواز ٻڌندڙن ڏانهن ڪڍي ٿي ويو- هڪ روشنيءَ جي ريکا مثل، آڪاش جي هڪ تاري مثل.

جڏهن ٻُڌَ پنهنجو وياکياڻ پورو ڪيو- اڳيئي رات ٿي چڪي هئي- تڏهن گهڻيئي ياتري اڳيرو وڌي آيا ۽ سندس پنٿ ۾ سنيڪار ٿيڻ لاءِ وينتي ڪيائون ۽ ٻُڌَ ڪين سنيڪار ڪيو؛ ۽ چيو: ”اوهان منهنجي سکيا چڱيءَ طرح ٻڌي آهي. پل اسان سان شامل ٿيو ۽ آنند ماڻيو؛ ڏک ۽ ڪليش جي پڇاڙي آڻيو.“

گووند، لڄارو جوان، پڻ اڳتي وڌي ويو ۽ چيائين: ”آءٌ پڻ سريشٽ پرش جي چرنن ۾ ۽ سندس سکيا اڳيان سر جهڪائڻ چاهيان ٿو.“ هن پنٿ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي ۽ قبول پيو.

جئن ئي ٻُڌ رات لاءِ وڃي ايڪانت واسي ٿيو، تئن گووند سڌارٿ ڏانهن منهن ورائي اُتاولو ٿي چيو: ”سڌارٿ، منهنجو ڪم نہ آهي توکي تنبيهہ ڪرڻ. اسان ٻنهي سريشٽ پرش کي ڪن لائي ٻڌو آهي ۽ سندس سکيا پڻ گرهڻ ڪئي اٿئون. گووند تہ سندس سکيا ٻڌي آهي ۽ قبول ڪئي اَٿس پر تون، منهنجا پريہ مترَ، ڇا، تون مڪتيءَ جي مارڳ تي ڪونہ هلندين؟ ڇا، تون دير ڪندين، اَڃا ترسي وهندين؟“

سڌارٿ جڏهن گووند جا وچن ٻڌا، تڏهن ڄڻ تہ ننڊ مان سڄاڳ ٿي اُٿيو. ڪجھ وقت تائين هو گووند جو منهن تڪيندو رهيو. تنهن کان پوءِ هن جهيڻي آواز سان ڳالهايو ۽ سندس

”اج اسين سندس ٺـي مڪارونڊ مان ٻڌنداسين سندس اُپديش“، گوونڊ چيو.

سڌارٿ جواب ڪونہ ڏنو. ڪيس اُپديش ٻڌڻ جو ڪو خاص چاهہ ڪونہ هو. هن نہ ٿي ڀانيو تہ سندس اُپديش مان ڪا نئين سکيا ملندي. ڪيس ۽ گوونڊ کي ٻُڌ جي سکيا جي سار جي اڳيئي سڌ هئي جيتوڻيڪ اها ڄاڻ ڪيس ٻياڪڙن ۽ ٽياڪڙن کان پيل هئي. پر هو گوتم جي پيشانيءَ ڏانهن، ڪلهن ڏانهن، پيرن ڏانهن، سندس شانت ـ ميہ نميل هٿن ڏانهن ڏيان سان نهارڻ لڳو ۽ ڪيس ائين پئي ڀاسيو تہ سندس هٿ جي هر هڪ آڱر جي هر هڪ ڳُريءَ ۾ گيان سمايل هو؛ هن ستيہ جي وياکيا پئي ڪئي، ستيہ جو ساهہ پئي کنيو، ستيہ جو پرڪاش پئي ڪيو. هي پرش، هي ٻُڌ، سچ پچ نهن کان چوٽيءَ تائين مهاتما هو. اڳي ڪڏهن ڪونہ سڌارٿ کنهن بہ منش جي ايتري قدر ساراهہ ڪئي هئي ۽ نہ وري هن اڳي ڪڏهن کنهن بہ انسان لاءِ ايترو قرب ۽ پريم ڏيکاريو هو.

هنن ٻنهي نگر ۾ ٻُڌَ جي پٺ ورتي ۽ ماٺ ميٺ ۾ واپس وريا. هنن ٻاڻ ان ڏينهن اُپواس رکڻ جو ارادو ڪيو هو. هنن گوتم کي واپس وردو ڏٺو، ڪيس پنهنجن ششن جي وچ ۾ ويهي کاڌو ورتائيندو ڏٺو. جيڪي کاڌائين سو تہ هڪ پکيءَ جو قوت بہ مس هو ـ ۽ ڪيس اَنب جي وڻ جي ڇايا ڏانهن آرام لاءِ پاسيرو ٿي ويندو ڏٺو.

پر، شام جو جڏهن گرمي جهڪي ٿي ۽ بن ۾ هر ڪو سجيت هو، ۽ سڀ ڪنا ٿيا تڏهن هنن ٻُڌَ کي اُپديش ڪندو ٻڌو. هنن سندس آواز ٻڌو، ۽ اهو ٻڌ پورن هو، سرل ۽ شانتيءَ ڀريل. گوتم دکہ ۽ انجي جَڙَ ۽ ان کان موکش پائڻ جي باري ۾ ڳالهايو. زندگي هئي کشٽ ۽ دنيا هئي درد، پر

لي زور ئي آندو نہ بداء نہ چو ڪين تون ٻڌ جي سکيا جي پيروي توڪرين، ڪهڙي تو منجهس گهٽتائي ڏٺي آهي، پر سدارٿ وري وري جواب ڏيڻ کان نٽايو پئي: "شانتي دار، گووند. سريشٽ پرش جون سکيائون بلڪل نيڪ آهن. آءٌ انهن ۾ ڪهڙي گهٽتائي لهي سگهندس؟"

پرڀات ويلي، ٻڌ جي ششن مان هڪ، سڀني کان جهونن ششن مان هڪ، باغيچي ۾ آيو ۽ سڀني نون ماڻهن جن ٻڌ جي سکيا انگيڪار ڪئي هئي، تنکي پاڻ ڏانهن سڏ ڪيائين، انهيءَ لاءِ نہ هو کين گيڙوءَ رنگا وستر پهرائي سنگهہ جي ابتدائي سکيائن ۽ فرضن جي هدايت ڏئي.

انهيءَ تي گووند ڇڄي ڌار ٿيو، هن ننڍپڻ جي پريتم کي ڀاڪر پاتو ۽ بکشوءَ جو جامو پهريو.

سدارٿ پنهنجي خيال ۾ مگهن، باغيچي اندر پسار ڪرڻ لڳو.

اتي هوءُ گوتم، سريشٽ پرش، سان گڏيو ۽ سندس نمرتا سان آدرستڪار ڪيائين ۽ ٻڌ جو چهرو اهڙو نہ ديا ۽ شانتيءَ سان پرپور هو جو هن نوجوان جرئت ڌاري، ساڻس ڳالهائڻ جي آگيا گهري. چپ چاپ سريشٽ پرش ڪيس اشاري ۾ گهربل آگيا ڏني.

سدارٿ چيو: "اي سريشٽ پرش، ڪالهہ مونکي اوهان جي اُديت اُپديش ٻڌڻ جو آنند پراپت ٿيو. آءٌ پري کان پنهنجي پريتم سان گڏ اوهان جي سکيا ٻڌڻ لاءِ آيو هوس ۽ هاڻ منهنجو پريتم اوهان سان رهندو ۽ هن اوهانجي چرنن ۾ سر جهڪايو آهي. پر مان پنهنجي ياترا لئين سر توجاري رکان."

"جا تنهنجي اڇا"، سريشٽ پرش ميٺاج سان چيو.

"منهنجي بات چيت شايد حد کان ٻاهر جرئت پري هجي"، سدارٿ وڌيڪ چيو، "پر منهنجي مرضي نہ آهي تہ آءٌ پنهنجا

آواز ۾ ٿنولي ڪانہ هئي. ”گوونڊ، منهنجا مٽر، تون قدم کڻي چڪو آهين، تو پنهنجو مارڳ چونڊي ڇڏيو آهي. تون هميشہ منهنجو دوست ٿي رهيو آهين، گوونڊ، تو هميشہ منهنجي پٺ پٺيءَ ورتي آهي. مون هميشہ هيءُ ٻي ويچاريو آهي: ڇا گوونڊ ڪو ٻہ قدم کڻهن ٻہ مون کان سواءِ کڻندو، پنهنجي نشچي موجب؟ هاڻي، تو سچ پچ مڙسي ڪري پنهنجو رستو چونڊيو آهي. شل تون انهيءَ رستي تي اَنت تائين هلين، منهنجا مٽر، شل مڪتي حاصل ڪرين!“

گوونڊ، جنهنکي ڳالهہ اڃا پوري سمجهہ ۾ نہ آئي، اُبهرائيءَ سان وري سوال پڇيو: ”چئہ، منهنجا پيارا دوست، چئہ تہ توکي پڻ ٻُڌَ جي شرن وٺڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي.“

سڌارت پنهنجو هٿ گوونڊ جي ڪلهي تي رکيو. ”تو منهنجي آسيس ٻڌي آهي، گوونڊ. وري ٻہ تو چوان. شل انهيءَ رستي تي تون تاءِ هلين. شل مڪتي حاصل ڪرين!“

اُنهيءَ گهڙيءَ گوونڊ اُنڀؤ ڪيو تہ سندس پريتم ڪانئس جدا ٿي رهيو هو ۽ هو روئڻ لڳو.

”سڌارت“، هن روئي پڪاريو.

سڌارت ساڻس ڪوملتا سان ڳالهايو. ”اها ڳالهہ نہ وسار، گوونڊ، تہ تون هاڻي ٻُڌَ جي پوتر ششن مان آهين. تو گهر ٻار، پتا ماتا تياڳ ڪيا آهن، تو پنهنجو ڪل ۽ سمپتي ترڪ ڪيا آهن. تو پنهنجي اِڇا تان هٿ کنيو آهي، تو پنهنجي دوستي پڻ تياڳ ڪئي آهي. اِها آهي سندس سکيا جي مراد ۽ اِها آهي سريشٽ پرش جي آگيا. اِهو آهي جنهن لاءِ تو پاڻ پٺيءَ چاهنا رکي آهي. سڀاڻي، گوونڊ، آءٌ توکي ڇڏي ويندس.“

گهڻو وقت هي دوست بن ۾ ٻي ڦريا. گهڻو وقت هو ليٽي پيا پر ننڊ ڪانہ آين. گوونڊ وري وري پنهنجي دوست



گوتم ٻُڌ پاڻ به صبوح جي وقت ڀيک ڪرڻ نڪرندو هو. [صفحه ٢٧]

ويچار سچائيءَ سان ظاهر ڪرڻ بنا اوهان وٽان روانو ٿي وڃان. سريشٽ پرش جن مونکي ڪجهه وڌيڪ وقت ڏيندا؟"

چپ چاپ اِشاري ۾ ٻُڌَ ڪيس پنهنجي آگيا ڏني.

سڌارٿ چيو: "اي مهاتما، سڀ کان وڌيڪ هڪ ڳالهه ڪري مون توهان جي سکيا کي ساراهيو آهي. سڀ ڪجهه صاف ۽ ثابت ڪيل آهي. اوهان ڏيکاريو آهي ته سرشٽي آهي هڪڙي، اَڻ ٽٽل مالها، اَنادي مالها، جنهن جا ڌاڳا هڪ ٻئي ۾ ڪارڻ ۽ نتيجي جي ڌاڳي سان ٻاڌ ۾ پوتا پيا آهن. اهڙي چٽائيءَ سان ڪڏهن به ڪنهن اِها ڳالهه پيش نه ڪئي آهي ۽ نه وري ڪنهن اهڙي لاجواب نموني ۾ پرماڻ ڏنو آهي. ضرور هر ڪنهن برهمڻ جي دل وڌيڪ تکڙي ڌڪ ڌڪ ڪندي جڏهن هو سرشٽيءَ کي توهانجي سکيا پٽاندر ڏسندو ته اُها آهي بلڪل ميل جول واري، سنئين سڌي، بنا خال، بلوري شيشي جهڙي صاف ۽ چمڪندڙ، نه پرالبڌ تي ڀاڙيندڙ، نڪي ديوتائن تي آڌار رکندڙ. اُها نيڪ آهي يا بد، جيوت پنهنجي ليکي ڏک آهي يا سک، بي بقا آهي يا نه - شايد ائين هجي اِها ڪا مکيه ڳالهه ڪانه آهي - پر سرشٽيءَ جي ايڪتا، گهٽنائن جو سنبند ۽ ميل جول، وڏي ۽ ننڍي جو ساڳيءَ نهر مان اُڀرڻ، ساڳئي ڪارڻ جي نيم منجهان، جنم ۽ مرڻ جي نيم منجهان: اِهو صاف پيو چمڪي اوهانجي اوچ سکيائن منجهان، اي سريشٽ پرش. پر اوهانجي سکيا پٽاندر، سڀني وستن جو ميلاپ ۽ سڌو نتيجو، هڪ هنڌ ٽٽي ٿو پوي. هڪڙي ننڍڙي خال منجهان، هن ايڪتا جي سنسار منجهه ڪجهه عجيب، ڪجهه نئون، ڪجهه جو اڳي اُتي نه هو، ۽ جنهنکي ظاهر يا ثابت ڪري نٿو سگهجي، وَهي ٿو اچي: اهو آهي اوهانجو دنيا کان نياري رهڻ جو مت، مڪتيءَ وارو مت. انهيءَ ننڍي خال ڪري، انهيءَ قوت سببان، اَنادي

۽ هڪ سرشٽيءَ وارو نيم وري ٽٽي ٿو پوي. مونکي ڪميا ڪجو، جيڪڏهن آءٌ هي متيبد اُٿاريان."

گوتم چپ چاپ، بنا چرپر جي، ٻڌي رهيو هو. ۽ هاڻ پورن پرش دیالو، سڀاجهي ۽ صاف آواز ۾ چوڻ لڳو: "تو اُپديش چڱيءَ طرح ٻڌو آهي، اي برهمڻ پتر، ۽ تو جس لهڻو جو تو اُن تي ايترو ڳُوڙهو ويچار ڪيو آهي. تو منجهس نقص ڏٺو آهي. تون وري به ان تي چڱيءَ طرح ويچار ڪر. آءٌ توکي خبردار ڪندس، تہ تون آهين وديا جو ڪانکيي، سو راين جي جهڙ جهنگ ۾، اکرن جي جهيڳڙي ۾ نہ اڙجانءِ. راين کي ڪا معنيٰ ئي ڪانهي؛ اهي سهڻا ھجن کي گندا، سياڻا ھجن کي اياڻا، ڪو بہ اهي سٽيڪار يا رد ڪري سگهي ٿو. سکيا جا تو ٻڌي آهي سو ڪو مهنجو رايو ڪونہ آهي، ۽ انهيءَ جي مراد يا اُديش اهو ڪونہ آهي تہ جيڪي وديا جا پياسي آهن تن کي سرشٽيءَ جي سمجهاڻي ڏجي. انجو اُديش بنهہ نيارو آهي؛ انجو اُديش آهي دک، ڪشٽ کان ڇوٽڪارو پائڻ؛ اهوئي آهي جو گوتم سيکاري ٿو، ٻيو ڪجهہ بہ نہ."

"اي سريشٽ پرش، مون سان رنج نہ ٿجو"، نوجوان چيو. "مون هيءَ بات چيت اوهان سان اکرن بابت جهيڳڙي ڪرڻ لاءِ ڪانہ ڇيڙي آهي. توهين برابر آهيو، جڏهن فرمايو ٿا تہ راين کي ڪا معنيٰ نہ آهي، پر آءٌ هڪ ڳالهہ وڌيڪ چوڻ چاهيان ٿو. مون هڪ ڪن ماتر بہ اوهان ۾ گمان ڪونہ آندو آهي. مونکي رتيءَ ماتر بہ شڪ نہ آهي تہ توهين ٻُڌ آهيو، اوهين انهيءَ اوچ منزل تي پهتا آهيو، جنهن کي پهچڻ لاءِ هزارين برهمڻ ۽ برهمڻن جا پتر يتن پيا ڪن. اوهين منزل تي رسيل آهيو پنهنجي اُدم سان، پنهنجيءَ ئي وات سان، ويچار دواران، ڌيان دواران، وديا دواران، گيان دواران. اوهان کو سکيائن يا اُپديشن مان ڪونہ پرايو آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي آءٌ ڀانيان

"اهو ويچار تہ مونکي آيو ئي ڪونہ"، سڌارٿ پڪاريو. "ڀل هو انهن سکيائن جي پيروي ڪن! ڀل هو پنهنجي منزل تي رسن! منهنجو ڪم نہ آهي ٻين جي جيون تي فتوا ڏيڻ. مونکي پاڻ لاءِ ئي فيصلو ڪرڻو آهي. مونکي پنهنجي سر ئي پسند ۽ رد ڪرڻو آهي. اسان سنياسين کي 'پاڻ' کان ڇوٽڪارو پائڻو آهي، اي سريشٽ پرش. آءٌ جيڪڏهين اوهانجي پوئلڳن مان هڪ هجان ها تہ مونکي ڊپ آهي، جو فقط اُپرڏي نموني ئي هجان ها ۽ پاڻکي ڀيونڱيان ها تہ مون شانتي حاصل ڪئي آهي ۽ مڪتي پاتي آهي، پر سچ پچ تہ آپو ڀيو وڌي ها چاڪاڻ تہ اُهو اوهان جي سکيائن جو روپ اختيار ڪري ها ۽ منهنجو اوهان لاءِ ۽ ڀڪشن جي سنگھہ لاءِ جو پريم ۽ وفاداري هجي ها تنهنجي صورت وٺي ٻيهي ها."

اَڌ وڙيءَ مشڪ سان، اَچل چمڪ ۽ مترتا سان، ٻُڌَ هن ڌارئي پرش ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريو ۽ بنا ڪنهن خاص ظاهري اشاري جي کيس رخصت ڏنائين.

"تون سياڻو آهين، اي سنياسي"، سريشٽ پرش چيو، "توکي سڌ آهي تہ ڪئن چترائيءَ سان ڳالهائجي، منهنجا متر. تمام گهڻي چترائيءَ کان پري سجاڳہ رهج."

ٻُڌ هليو ويو ۽ سندس چهرو ۽ اَڌوڙي مرڪ سڌارٿ جي ذهن تي هميشہ لاءِ جمي ويا. مون ڪڏهن بہ اهڙو انسان ڪونہ ڏٺو آهي جو اهڙيءَ طرح نهاري، مشڪي، وهي ۽ هلي، هن ويچاريو. آءٌ چاهيان ٿو تہ آءٌ پڻ هن وانگر نهاريان ۽ مشڪان، وهان ۽ هلان، اهڙو آزاد، اهڙو يوگيہ، اهڙو ضابطي وارو، اهڙو نرمل هرديہ، اهڙو ٻالڪ مثل، اهڙو راز ڀريل. ڪو بہ منش اهڙيءَ طرح نهاريندو ۽ هلندو صرف تڏهن، جڏهن هن 'پاڻ' تي جيت پاتي آهي. آءٌ پڻ 'پاڻ' تي جيت پائيندس.

تہ، اي سريشٽ پرش، نہ ڪو بہ سکيا يا اُپديشن دوارا مُڪتي حاصل ڪري سگهي. ڪنهن کي بہ اوهين اکرن ۾ يا سکيائن رستي اُهو ٻڌائي نٿا سگهو، جيڪي اوهان روشنيءَ ملڻ، گيان حاصل ٿيڻ وقت اَنڀؤ ڪيو. ڀڳوان ٻُڌَ جي سکيائن ۾ گهڻوئي ڪجهه سمايل آهي، اُهي گهڻوئي ڪجهه سيکارن ٿيون - ڪيئن نيڪ جيون گهارجي، ڪيئن پاپ کان پري رهجي. پر هڪڙي ڳالهہ آهي جا هن صاف، سنڌر ۽ يوڳيہ سکيا ۾ سمايل ڪانہ آهي؛ هن ۾ جيڪي ڪي سريشٽ پرش، سون هزارن منجهہ هن هڪڙي ئي پاڻ، اَنڀؤ ڪيو، تنهنجو راز، تنهنجو ڳجهہ سمايل نہ آهي. اِهوئي آهي جو مونکي ويچار ۾ آيو ۽ جو مون اَنڀؤ ڪيو جڏهن مون اوهان جو اُپديش ٻڌو. اِهوئي ڪارڻ آهي جو آءٌ پنهنجو رستو وٺڻ ٿو چاهيان - نہ ڪنهن ٻئي يا بهتر مت جي کوج ۾، ڇاڪاڻ تہ مونکي سڌ آهي تہ ڪو ٻيو آهي ئي ڪونہ، پر سڀني مَتن ۽ سڀني آچارين کي ڇڏي، ترڪ ڪري، پنهنجي اَڪيلي راهہ وٺي منزل تي رسان - يا مران. پر هيءُ ڏهاڙو مان اَڪثر ياد ڪندس، اي سريشٽ پرش، ۽ هيءَ گهڙي، جڏهن منهنجن نيترن هڪ پوتر پرش جو درشن ڪيو."

ٻُڌَ جون اکيون هيٺ هيون، سندس اگم چهري مان پورن شانتي پئي پرڪاش ٿي.

"آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ تون پنهنجن دليلن ۾ ڀليل نہ آهين"، سريشٽ پرش آهستگيءَ سان چيو. شل تون پنهنجو اُديش پراپت ڪرين! پر تون مونکي ٻڌاءِ تہ تو منهنجن ڀڪشن، منهنجن پائرن جي سنگت ڏٺي آهي، جن منهنجي سکيائن جي اوٽ ورتي آهي؟ تون ڀانئين ٿو، اي دُور کان آيل سنياسي، تہ هنن سڀني لاءِ ائين بهتر ٿيندو جو منهنجي سکيائن کي تياڳين ۽ وري وڃي دنيوي جيون ۽ ترشنائن ۾ پون؟"

جاڳرتا

جڏهن سڌارٿ باغيچي مان روانو ٿيو جنهن ۾ ٻُڌ، پورن پرش، ڇڏيائين، جنهن ۾ گووند ڇڏيائين، تڏهن هو انڀؤ ڪرڻ لڳو ته هو پنهنجي اڳوڻي جيون پڻ اُنهي باغيچي ۾ ڇڏي رهيو هو. جڏهن هو آهستي آهستي واٽ وٺيو پئي ويو تڏهن سندس دماغ ۾ اهوئي خيال وسي رهيو هو. هو ڳوڙهو ويچار ڪرڻ لڳو، جيستاءِ هي ڀاوُ مٿس غالب پئجي ويو ۽ وڃي اُنهيءَ منزل تي پهتو جتي هن ڪارڻن کي ميڙيو؛ ڇاڪاڻ ته ڪارڻن کي ميڙڻ، ڪيس ڏسڻ ۾ آيو، آهي ويچار شڪتي ڪم آڻڻ، ۽ ويچار منجهان جي احساس، ڀاوَ اُتپن ٿين ٿا، سي گيان جي صورت وٺن ٿا ۽ نشٽ نٿا ٿين، پر حقيقت جي روپ ۾ رچي راس ٿا ٿين.

سڌارٿ جڏهن پنهنجو رستو وٺيو پي ويو تڏهن ڌيان ۾ مگهن هئو؛ هو محسوس ڪرڻ لڳو ته هو هاڻي ننڍڙو ڪونه هو؛ هو وڏي وڏو ٿيو هو. هو محسوس ڪرڻ لڳو ته ڪا وستوُ مڙيئي ڪانئونس الڳ ٿي هئي، جڏهن نانگ پنهنجي جهولي کل لاهي ڦٽي ڪندو آهي. ڪانه ڪا وستوُ هاڻي منجهس ڪانه هئي جا ننڍپڻ جي وقت ۾ سانده سندس ساٿڻ هئي ۽ سندس جزو هئي؛ اها هئي آچاريه رکڻ ۽ انهن جي سکيا ٻڌڻ جي سندس مدشا. هو آخرين آچاريه کي به ڇڏي چڪو هو جنهن سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي هئي- اوچن ۾ اوچ ۽ گيانين ۾ گياني آچاريه، پوترن ۾ پوتر، ٻُڌ. ڪيس هن سان به الوداع ڪرڻي پئي؛ هو سندس سکيا

مون هڪ پرش ڏٺو آهي، صرف هڪ پرش، سڌارت وِچاريو، جنهن اڳيان مونکي نيڻ هيٺ ڪرڻ گهرجن. آءٌ ڪنهن بہ ٻئي اڳيان نيڻ هيٺ نہ ڪندس. ڪي بہ ٻيون سکيائون مونکي ڇڪي نہ سگهنديون، جنهن صورت ۾ هن پرش جون سکيائون ئي مونکي ڇڪي ڪين سگهيون آهن.

ٻُڌَ مونکي ڦريو آهي، سڌارت وِچاريو. هن مونکي ڦريو آهي پر ڏٺو بہ هن ڪجهہ وڌيڪ اَمولڪ مونکي ڏنو آهي. هن مونکان منهنجو پريتم کسيو آهي جنهن جو مون ۾ ويسهہ هوءِ جو هاڻي هن ۾ ويسهہ رکي ٿو، هو منهنجو ڇانو هوءِ هاڻي گوتم جو ڇانو آهي. پر موٽ ۾ ڏنو اٿس مونکي، سڌارت، مان پاڻ.

سدارت مٿي ڪند ڪئين، چوڌاري نهاريو، مرڪ سندس منهن تي رڙهي آئي ۽ هڪ لنبي سپني منجهان جاڳرتا جو زوردار اُمنگ سندس سرير اندر ڦهلجي ويو. هڪدم هووري پند پيو، ٽڪڙو، اهڙي آدميءَ مثل جنهن کي ڄاڻ آهي تہ ڪيس ڇا ڪرڻو آهي.

هاڻ، هن اونهو ساهہ کڻي سوچيو، آءٌ سدارت ڪان پڇي وڃڻ جو وڌيڪ اُدم ڪو نہ ڪندس. وڌيڪ وقت آتما جي يا دنيوي دکن جي خيالن ۽ ويچارن ۾ ڪو نہ گهاريندس. آءٌ هاڻ وڌيڪ پاڻکي ٽڪر ٽڪر ۽ نشٽ ڪو نہ ڪندس انهيءَ لاءِ تہ نشٽ ٿيل جيون پٺيان جو راز آهي سو ڳولهي لهان. آءٌ يوگ-ويد، آٿر-ويد يا سنياسپڻي يا ڪن ٻين متن ۽ سکيائن جو وڌيڪ اپياس ڪو نہ ڪندس. آءٌ پنهنجو پاڻ کان سکندس، پاڻ پنهنجو شاگرد بڻبس، سدارت جو راز پنهنجو پاڻ منجهان ٻروڙيندس.

هن پنهنجي چوگرد نهاريو جڻ تہ دنيا کي هو پهريون ئي دفع جاچي رهيو هو. دنيا هن کي هاڻ سندرُ، رومانچڪ ۽ راز ڀري ڏسڻ ۾ آئي. هتي هئو نيلو، هتي هئو پيلو، هتي هئو سائو، آسمان ۽ درياهہ، ٻيلا ۽ پهاڙ، سڀ سوينيڪ، سڀ ڳجهارت ڀريل ۽ من موهيندڙ، ۽ انهن جي وچ ۾ هئو سدارت، جاڳرت ٿيل، هاڻ پاڻ ڏانهن ويندڙ ڀيڄري تي. سڀ هيءُ، سڀ پيلا ۽ نيلا، درياهہ ۽ ٻيلا، سدارت جي نيترن اڳيان پهريون ئي دفع ڦريا. هيءُ ڪو جادوگر جو کيل ڪو نہ هو، مايا جو پڙدو ڪو نہ هو، هيءُ ڪو بنا ارٿ ڪو نہ هو ۽ نہ وري جڳت جي پسارن جي هيءُ اچانڪ رنگبرنگي ساز هو جنهن کي گيانوان برهمڻ نفرت جي نگاهہ سان ٿي ڏٺو ۽ جن آتما ۾ لنئن ٿيڻ لاءِ پريتن ٿي ڪيو. ندي ندي هئي، ۽ جيڪڏهن ايڪاونڪار ۽ پار برهم جو سدارت ۾ وياپڪ هو، سوئي نيلي

سو ڪارڻ نه ڪري پئي سگهيو.

ڏيري ڏيري هيءُ خيال پچائيندڙ، پنهنجي وات وٺيو پئي ويو ۽ پاڻ کان ئي پڇيائين: تو سکيائن ۽ آچارين کان ڇاتي پرائڻ گهريو، ۽ جيتوڻيڪ انهن توکي گهڻوئي ڪجهه سيکاريو، تنهن هوندي به ڪهڙي ڳالهه هئي جا هو توکي سيکاري نه سگهيا؟ ۽ هن سوچيو اهو هو 'پاڻ' جنهن جي سڃاڻ ۽ چرتر کان مون پاڻکي واقف ڪرڻ ٿي گهريو. منهنجي چاهنا هئي ته انهي 'پاڻ' کان پنهنجي جند آزاد ڪريان، انتي سوڀ پايان پر انکي پنهنجي وس ڪري نه سگهيس، آءٌ صرف انکي ٺڳي ٿي سگهيس، صرف انکان ڀڄي ٿي سگهيس، صرف انکان لڪي ٿي سگهيس. سچ پچ ڪنهن به ڳالهه دنيا اندر منهنجي من کي ايترو مگهن نه رکيو آهي جيترو 'پاڻ'، انهي پروليءَ، انهيءَ ڳجهارت، ته آءٌ زنده آهيان، آءٌ هڪ ئي آهيان ۽ هرڪنهن ٻئي کان الڳ ۽ نرالو آهيان، آءٌ سڌارٿ آهيان؛ ۽ دنيا ۾ ڪا به اهڙي چيز ڪانهي جنهن بابت ايتري گهٽ ڄاڻ اٿم جيتري پنهنجي پاڻ بابت، سڌارٿ بابت.

ڏيري ڏيري هيءُ بور پچائيندڙ جڏهن پنهنجي وات وٺيو پئي ويو لڙڻ اوچتو بيهجي ويو، انهيءَ ئي خيال ۾ جڪڙيل، جنهن مان هڪدم ٻيو خيال، ٻيو ويچار جاڳي اٿيو، ڦٽي نڪتو. اهو هي هو ته جنهن ڪارڻ مونکي پاڻ بابت ڪا به ڄاڻ نه آهي، جنهن سبب سڌارٿ پاڻکان ڌاريو ۽ غير واقف، اڄاڻ ٿي رهيو آهي، سو صرف هڪ ڳالهه، صرف هڪ ئي ڳالهه ڪري ته آءٌ پاڻکان پئي ڊنو آهيان، آءٌ پاڻکان ئي ڀڳو آهيان. مون پئي ڳوليو برهم، آتما، مون پئي چاهيو 'پاڻ' نابود ڪرڻ، نشٽ ڪرڻ، 'پاڻ' کان ڀڄي ڇٽڻ، انهيءَ لاءِ ته اَلڪ اندر منجهه ڳولهي لهان، مول وستو، آتما، شڪتي، ايشور، پار برهم. پرائين ڪرڻ سان وات تي ئي آءٌ پاڻکي وڃائي ويٺس.

ڪان پوءِ پنهنجي گهر ڏانهن، پنهنجي پتا ڏانهن واپس ورڻ. پر هاڻ انهيءَ گهڙيءَ اندر، جڏهن هو چپ چاپ بيٺو هو، جڻ ته سڀ سندس راهه روڪي بيٺو هو، هي ويچار پڻ سندس دماغ ۾ آيو: جيڪي آءٌ هوس سو هاڻ نه آهيان، آءٌ هاڻ سنياسي ڪونه آهيان، نه پنڊت، نه پوڄاري، نه برهمڻ. انهيءَ حالت ۾ آءٌ، گهر ۾ پتا وٽ وڃي ڇا ڪندس؟ اڀياس ڪرڻ؟ ڀيٽائون چاڙهڻ؟ ڌيان لڳائڻ؟ اهو هاڻ سڀ مون لاءِ ختم ٿي چڪو.

سڌارٿ چپ چاپ بيٺو رهيو ۽ گهڙيءَ ڪن لاءِ سڀات ۾ اچي ويو. اندر منجهه هو هڪ ننڍڙي جيت، پکيءَ يا سهي جيان ڏڪڻ لڳو، جڏهن هن انڀو ڪيو ته مان ڪيترو قدر نه هيڪلو آهيان. هو سالن جا سال بنا گهر ٽڙ رهيو هو، پر ڪڏهن به پاڻ کي اهڙو اڪيلو نه سمجهيو هوائين. هاڻي هو هيڪلائي محسوس ڪرڻ لڳو. اڳي جڏهن اونهي ڌيان ۾ رهندو هو، تڏهن به هو پنهنجي پتا جو پٽ هو، اوچ پدويءَ وارو برهمڻ هو، ڌرمشٽ پرش هو. هاڻ هو صرف سڌارٿ هو، جاڳرت ٿيل؛ ٻيو ڪجهه نه. هن جو ساس ٽڪڙو کڄڻ لڳو ۽ هڪ ڪن ته ڏڪي ويو. دنيا اندر ڪو به اهڙو اڪيلو نه هو جهڙو هيءُ. نه اميري ڪٽنب جو ڀاتي هو؛ نه ڪمي ڪاسبي، ڪنهن جماعت سان ڳنڍيل، جتي وڃي پناهه وٺي، ان جي زندگانيءَ ۽ واد وواد ۾ ڀاڱو وٺي. نه هو برهمڻ هو جو برهمڻن جي زندگيءَ ۾ ڀرو وٺي، نه سنياسي هو جو سنياسين جو ٿي رهي. بن ۾ ايڪانت واسي ڀڪشوي به اهڙو اڪيلو ۽ الڳ نه هو؛ اهو به ڪن منشن جي گروهه سان ڳنڍيل هو. گووند ڀڪشو ٿيو هو ۽ هزارين ڀڪشو سندس ڀائي هئا، جن ساڳيو جبو ٿي پهريو، ساڳيا سڌانت ٿي مڃيا، ساڳي ٻولي ٿي ٻولياٿون. پر هيءُ سڌارٿ، ڪهڙيءَ قطار ۾ هو؟ ڪنهن

آسمان ۽ نديءَ ۾ به گهٽ سمايل آهي ته اها ئي ايشوري ڪلا ۽ رنا آهي ته پيلو ۽ نيلو ٻئي هجن، هتي پيلو هجي ۽ هتي سڌارت هجي. هي ايشوري رنا ۽ حقيقت وستن پٺيان لڪل ڇپل ڪونه آهن. اهي انهن ۾ سمايل آهن؛ سڀني ۾ ڦهليل آهن.

ٽڪڙو پنڌ ڪندي، سڌارت سوچيو ته آءٌ ڪهڙو نه ٻوڙو ۽ مورک ٿي رهيو آهيان. جيڪڏهن ڪو به منش ڪنهن به ڳالهه جو اڀياس ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هو پڙهي ٿو ته هو اکرن ۽ بيهڪ جي نشانين کان ڪونه منهن موڙيندو، انهن کي مايا، اتفاق ۽ نڪما ڪوڙ ڪري ڪونه سمجهندو، پر هو اکر اکر ڪري پڙهي ٿو، اڀياس ڪري ٿو ۽ انهن کي پيار ڪري ٿو. پر آءٌ جنهن سرشٽيءَ جو پستڪ پڙهڻ ٿي چاهيو، پنهنجي سڀاءُ جو پستڪ واچڻ ٿي چاهيو، تنهن ان جي اکرن ۽ نشانين کي ڌڪارڻ ٿي گهريو. مون جڳت جي جوڙ ۽ جنسار کي مايا ڪري ٿي سمجهيو. مون پنهنجن اکين ۽ جيڀ کي صرف اچانڪ رچنا ڪري ٿي سمجهي. هاڻ اهو کيل ختم ٿي چڪو؛ آءٌ جاڳيو آهيان. آءٌ سچ پچ سجاڳ ٿيو آهيان ۽ صرف اڄ ئي جنم ورتو اٿم.

پر جڏهن هي ويچار سڌارت جي دماغ منجهان لنگهيا پئي ته اوچتو هو چپ چاپ بيهجي ويو ڄڻ ته ڪو سپ سندس راهه روڪي ويٺو هو.

پوءِ اچانڪ هيءَ ڳالهه کيس صاف ڏسڻ ۾ آئي: آءٌ جو آهيان انهي آدميءَ مثل جو جاڳرت ٿيو آهي ۽ نئين سر جنميو آهي، تنهنکي صفا نئين سر پنهنجي زندگيءَ جو آرنڀ ڪرڻ گهرجي. جڏهن اُن صبوح جو هن جيتاون ڇڏيو هو، سريشٽ پرش جي رهڻ وارو باغيچو، اڳيئي جاڳرت ٿيل، اڳيئي پاڻڏانهن وات وٺندي، تڏهن سندس ارادو هو ۽ کيس اهوئي سڀاويڪ طريقو نظر آيو، سنياسپڻي جي هيترن سالن

ٻيءَ سٽ ۾ 'هتي پيلو هجي' لاءِ پڙهو: 'هتي آسمان ۽ پيلو هجن'

دۀر پــېـو

جي زندگيءَ ۾ ڀاڱي پائي هو؟ ڪنهن جي ٻولي تي ٻوليائين؟

اهڙي وقت جڏهن سنڌس ڇوڏاري دنيا ڪسڪندي ٿي ويئي، جڏهن آسمان منجهه هڪ ٽيڙوءَ مثل اڪيلوئي رهيو، تڏهن نراسائيءَ ۽ نااميديءَ جو سيانو ٻه مٿس غالب پئجي ويو، پر هاڻ هو هميشه ڪان وڌيڪ اِستر نموني ۾ پنهنجو پاڻ هو. اها هئي سنڌس جاڳرتا جي آخرين ڏڪڻي، جمڻ جا آخرين سور.

هڪدم هووري اڳتي هلڻ لڳو تڪڙو ۽ اُتاولو، نه هاڻ ڏهر ڏانهن، نه هاڻ پٺتا ڏانهن، ۽ نه وري هاڻ ڪو پوئتي ٿي نهاريائين.

ڪملا

سدارٿ پنهنجي مارڳ جي قدم قدم تي ڪجهه نه ڪجهه نئون سکي رهيو هو ڇاڪاڻ ته هن لاءِ دنيا بدلجي پيئي هئي ۽ هن کي اُتي آنند اچي رهيو هو. هن ڏٺو سورج کي جهنگل ۽ پهاڙن مٿان چڙهندو ۽ ڏوراهين ڪڇين واري ساموندي ڪناري تي ٽُٻي هڻندو. هن ڏٺو رات جو آسمان منجهه تارن کي ۽ ڏاٽي جي شڪل جهڙي چندرما کي آسمان جي نيلاڻ ۾ ڪِشتيءَ جيان ترندو. هن ڏٺا وڻ، ٽارا، پسون، بادل، انڊلٺيون، ٽڪريون، گل ڦل، ڪانا، نهرون ۽ نديون، پرڀات ويلي ٻوٽن تي ماڪ جا چمڪندڙ ڦڙا، دُور اُوچا پربت نيلا ۽ زردا؛ پکين پئي مٺي لات لنئين، ماکيءَ جي مکين پئي ڀون ڀون ڪئي، سارين جي ڪيٽن مٿان جهيڻي هير پئي لڳي. هيءُ سارو نظارو رنگين ۽ نين نين روپن منجهه، سدائين اُتي هو. سورج ۽ چندرما سدائين پئي چمڪيا، نديون ۽ نارا سدائين پئي وهيا ۽ مکين به سدائين ڀون ڀون پئي ڪئي؛ پر اڳي هي سڀ ڪجهه سدارٿ لاءِ ڪي ڪين هو، سواءِ هڪ ڪرڻ ينگ، مايا روپي پردي جي، جنهن تي وشواس نه هو، جنهن کي پنهنجن ويچارن کان ٻاهر ڪڍڻو ئي هو، ڇاڪاڻ ته اُهو ستيه نه هو، ڇاڪاڻ ته ستيه، جيڪي اکين پسبو ٿي تنهنجي ٿي هُن پرِ هو. پر هاڻ سدس نيتر پردي جي هِن پاسي نٽڙي بيٺا؛ جيڪي ظاهر هو سو هن ڏٺو ۽ سڃاتو ۽ هو سنسار اندر پنهنجو آستان ڳولڻ لڳو.

جو ڪيس جيتاون جي باغيچي ۾ اَنڀؤ ٿيو هو- سڪياڻون جي
هن ٻوٽو ٻُڌَ جي واتان ٻڌيون هيون، گووند ڪان موڪلاڻي،
سريشٽ پرش سان بات چيت. ڪيس اَڪر اَڪر ياد هو جو هن
سريشٽ پرش کي چيو هو، ۽ عجب پئي لڳس ته هن اهڙيون
ڳالهيون چيون هيون جن جي سچ پچ ڪيس اُنهيءَ وقت ڄاڻ
ڪانه هئي. هن ٻُڌَ کي جيڪي چيو هو- ٻُڌ جو گيان ۽ راز
سيکارڻ ڪان ٻاهر هو، نڪو اُنجو اظهار ٿِي ٿي سگهيو، نڪو
اُنجي ڏي وٺ ٿِي ٿي سگهي - ۽ جو ڪيس سندس جوت پراپت
ٿيڻ جي سمي ۾ اَنڀؤ ٿيو هو. سڌارٿ هاڻ اهوئِي اَنڀؤ ڪرڻ
نڪتو هو ۽ جنهنجو آزمودو وٽڻ هاڻ شروع ڪيو هئائين.
ڪيس اهوئِي ويچار هو ته اهو اَنڀؤ پنهنجو پاڻ ڪرڻ گهرجي.
ڪيس گهڻي سمي کان اها ڄاڻ هئي ته هوُ 'پاڻ' هو آتما،
اَنادي ۽ اَننت برهم سمان، پر هن سچ پچ پنهنجو 'پاڻ' ڳولي
ڪونه لڌو هو، ڇاڪاڻ ته هن آتما کي صرف خيالن جي ڄار
۾ ڦاسائڻ ٿي گهريو. سريو 'پاڻ'، آتما بنهه نه هو؛ نه وري
اِندرين جو کيل، نه خيال، نه ٻوجهه، ۽ نه وري پرايل سياڻپ
يا ڪلا جنهن سان نشچيه ڪجي ۽ نه اڳيئي پرايل ويچار جن مان
نوان ويچار اُپجن ٿا سي ڪو 'پاڻ' هئا، آتما هئا. نه، هيءَ
خيال جي دنيا اَجا هِنَ پار ئي هئي ۽ اُها ڪنهن به منزل تي
ڪين نيئي ٿي سگهي جيڪڏهن عارضي 'پاڻ' جا حواس ناس ڪري
ڇڏبا ۽ اُنکي صرف ويچارن ۽ وديا جو پيو ڪاڄ ڏبو. ويچار
۽ حواس ٻئي عمديون وستوُ آهن، انهن ٻنهي جي پٺ ۾ آهي
گهپت آخرين اَرٿ؛ يوگيه ته ائين آهي ته انهن ٻنهي کي ٻُڌجي،
ٻنهي سان کيلجي، نه ٻنهي مان ڪنهن کي ڌڪارجي، نه ڪنهن
جو به مان اَجايو وڌائجي، پر اُنهن ٻنهي آوازن کي چڱيءَ ريت
ڪَنُ لائي ٻڌجي. هوُ رڳو انهيءَ لاءِ اُي اُدم ڪندو جنهن
لاءِ سندس اَندريون آواز ڪيس حڪم ڪندو، ڪٿي به نه ترسندو

هن سنبه جي نه ڳولها نڪي ڪئي؛ سندس منزل ڪنهن ٻيءَ پر ڪانه هئي. سنسار کي جڏهن هن ريت ڏنائين ته کيس سندر پئي ڀاسيو - ڀاڳمرادو، ٻنهه ساڌارڻ، ٻنهه ٻار جيان نردوش. چندرما ۽ تارا هئا سندر، نهر، ساموندي ڪپر، ٻيلو ۽ ٻڪر، ٻڪري، سونهري ٽنب ٽِي، ڦول ۽ پتنگ هئا سندر. هن ريت سمجهيائين ته سرشٽيءَ اندر گذارو سندر ۽ موهيندڙ ٿيندو، اهڙو نردوش، اهڙو جاڳرت ٿيل، جيڪي اکين آڏو ٿنهن سان اُبي ٻريوجن رکندڙ، ٻنا ڪنهن ٻد گمان جي. ڪٿي سورج تيز پئي ٻريو، ڪٿي ٻيلي جي جانوري ۾ ٿڌي هير پئي لڳي؛ ڪٿي ڪدو پوکيل هئا نه ڪٿي ڪيلا. ڏينهن ۽ راتيون نديون هيون، هرهڪ گهڙي سمنڊ تي ڪنهن گنبج پرئي، موج پرئي جهاز جي سڙهه جيان لڪڙي لڪڙي هلندي ٿي ويئي. گهاٽن ٻيلن اندر سڌارت پولڙن جي ٽولي کي وڻن جي ٽارين ۾ مٿي ٽپندو ڪڏندو ڏٺو، ڪين شوق منجهان ڪوڪون ڪندو ٻڌائين. سڌارت هڪ گهيٽي کي رڍ جي ٻوڻتان ٻوندو ۽ ميلاپ ڪندو ڏٺو. ٻوڻن سان پريل ٻنڊن ۾ مڇ کي شام جي ٻک وچان شڪار پوڻتان ٻوندو ڏٺائين. نديون مڇين جا ميڙاڪا ڦٽڪندا ۽ چمڪندا، ڌپ وچان ڪانونس پڄندا تي ويا. هن جوشيلي پيڇي ڪندڙ مڇ جي تيز رفتار ۾ جي پاڻي جا چڪر پئي ٿيا تن ۾ سندس سگهه ۽ ترشنا پئي پرڪاش ٿي.

هي سب پسارو اڳيئي موجود هو پر هن اڳي ڪڏهن اکين نه ڏٺو هو. جڳ نه هو اُتي هوندو ئي ڪونه هو. هاڻ هوُ وٽن حاضر هو، سندن ئي هو. پنهنجن ليٽرن دواران هو هاڻ روشني ۽ ڇايا ڏسڻ لڳو؛ من اندر چندرما ۽ تارن جو ديدار ڪرڻ لڳو.

رستي تي سڌارت اهي سب ڳالهيون ياد ڪيون جن

"هائو" پاڻيءَ چيو، "اُنهي سندر آهي هيءَ ندي. آءٌ ڪيس سڀ کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿو. آءٌ اڪثر ڪيس ٻڌندو رهيو آهيان، ڏانهنس نهاريندو رهيو آهيان، ۽ هميشه ڪجھ نه ڪجھ ڪانئس سکندو پئي رهيو آهيان. نديءَ منجهان گهڻو ئي سکي سگهجي ٿو."

"مهرباني تنهنجي، نيڪ مرد،" سدارٿ چيو، جنهن هن جيءَ پر پير رکيو. "مونکي ارمان آهي جو آءٌ توکي ڪا به ڀيٽ ڏيئي نٿو سگهان، نڪي وري پئسا ئي اٿم. مان آهيان بي گهر، هڪ برهمڻ جو پٽ، سنياسي."

"آءٌ اها ڳالهه سمجهي سگهيس ٿي،" پاڻيءَ چيو، "۽ مون ڪنهن اجوري يا ڀيٽ جي آس ڪانه ٿي رکي. تون ڪنهن ٻئي وقت مونکي ڏيئي ويندين."

"تون ائين وسهين ٿو؟" سدارٿ خوش مزاجيءَ ۾ پڇيو.

"اوس، آءٌ اهو پڻ نديءَ کان سکيو آهيان؛ سڀ ڪجھ واپس ٿو اچي. تون پڻ، سنياسي، موٽي ايندين. هاڻ آسرو ايشور جو، شل تنهنجي مترتا منهنجو اجورو ٿئي! شل تون جڏهين ديوتائن تي ڀيٽا چاڙهين تڏهين مونکي ياد ڪرين!"

مشڪندي، هنن هڪ ٻئي کان موڪلايو. سدارٿ پاڻيءَ جي مترتا جو ڀاؤ ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. "هيءُ گووند وانگيان آهي، هن مرڪندي ويچاريو. جيڪي به مونکي واٽ تي گڏجن ٿا سي سڀ آهن گووند وانگيان. سڀ آهن احسانمند، جيتوڻيڪ پاڻ ئي آهن ڌنيواد جا لائق. سڀ چڱيءَ ريت پيش پيا اچن، سڀ منهنجا متر پيا بڻجن، منهنجو چيو مڃڻ پيا چاهين، پنهنجو مغز گهٽ پيا هلائين. ماڻهو آهن ٻار.

منجهند ٽاڻي هو هڪ ڳوٺ مان اچي لنگهيو. ٻار گهٽيءَ منجھ مٽيءَ جي جهوپڙن اڳيان پئي ٽپيا ڪڏيا. هنن ڪدوءَ

سواءِ اُني جتي اُهو آواز ڪيس ٻيهار ٻندو. چوگوتم هڪ لڳا ٻڙ جي وڻ هيٺان وڃي ويٺو پنهنجي انهيءَ مها سمي منجهه جڏهن ڪيس روشني ملي- گيان پراپت ٿيو؟ هن آواز ٻڌو هو، پنهنجي هردي اندر آواز، جنهن ڪيس انهيءَ ٻرچ هيٺان شانتي پراپت ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ هن ڪڏهن به سرير کي ڪشت ڏيڻ، پاٺ پوڄا ڪرڻ، اشنان پاٺي ڪرڻ، کائڻ يا پيئڻ، ننڊ ڪرڻ يا خواب لهڻ وارو رستو اختيار ڪو نه ڪيو هو؛ هن آواز کي ڪَنُ ڏنو هو. ڪو به ٻاهريون حڪم نه مڃڻ، صرف اُهو آواز، تيار رهڻ- اهو نيڪ هو، اهو ضروري هو. ٻيو ڪجهه به اُهم نه هو.

رات جي وڳڙي ۾ جڏهن هوُ هڪ ٻاٺيءَ جي جهنيءَ ۾ آرامي ٿيو تڏهن هڪ سپنو ڏٺائين. ڇا ٿو ڏسي ته گووند سندس اڳيان بيٺو آهي، گيڙوءَ رنن وسترن ۾. گووند اُداس آهي ۽ کانئس پڇي رهيو آهي ته "تون مونکي ڇو ڇڏي وئين؟" تنهن تي هو گووند کي ڀاڪر ٿو پائي، ٻانهن ڇوڏاري ٿو ورائيس ۽ جئن ڀاڻ ڏانهن ڇڪي ڪيس چمي ٿو لڳئن ڏسي ٿو ته هيءَ گووند ته نه آهي، سندس بجاءِ هڪ استري آهي ۽ ڪيس اُن منجهان سوُرج ۽ ٻن جو، پسونءَ ۽ قول جو، هر هڪ قل جو، هر هڪ عيش جو سواد اچي رهيو آهي. جڏهن سڌارت سجاڳ ٿيو، پيلي ندي انهيءَ جهنيءَ جي ٻنهي اڳيان چمڪندي وهي رهي هئي ۽ ٻن ۾ چٻري پکيءَ جي گهوُگهوُ زور سان ۽ چٽي ٻڌڻ ۾ پئي آئي.

جئن ڏينهن شروع ٿيو، سڌارت پنهنجي مزبان، ٻاٺيءَ کي ندي پار اُڪارڻ لاءِ چيو. ٻاٺي ڪيس پنهنجي ٻانس جي ترهي تي پار وٺي ويو. جل جي ڪشادي چادر صبوح جي روشنيءَ ۾ گلابي رنگ جا جهلڪا پئي ڏنا.

"ندي شوڀنيڪ آهي،" هن پنهنجي سائيءَ کي چيو.

ٿيو چاڪاڻ تہ منجھس ماڻھن پيڙو رھڻ جي چاھنا ھئي. ھو گھڻو ئي وقت ٻنواسي تي رھيو ھو ۽ پاڻيءَ جي ڪڪائين جھوپڙي جنھن ۾ گذريل رات ڪاٽي ھئائين سو ڀريون ئي چڏو ھو جو ڪيس ھيڏيءَ وڏيءَ مدت ڪانءِ پوءِ نصيب ٿيو ھو.

شھر ڪان ٻاھر ھڪ سندر بنا لوڙھي باغيچي نزديڪ ھن مسافر ڪي نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جي نمڍي قطار گڏي جن جي مٿن تي ڀريل ٽوڪريون رکيل ھيون. وچ ۾ چئن ڄڻن جي ڪلھن تي ھڪ سينگاريل ڊولي ھئي جنھن ۾ رنگارنگي چنڊي ھيٺ، لعل گديلن تي ھڪ استري، ڏياڻي براجمان ھئي. سدارت چپ چاپ باغيچي جي لنگھہ وٽ ٻيھي رھيو ۽ سرگس، نوڪر، نوڪرياڻيون ۽ ٽوڪريون جاچي ڏسڻ لڳو. ھن ڊوليءَ ڏانھن نھاريو ۽ پڻ منجھس وينل استريءَ ڏانھن. ڪارين چڳن جي جھڳٽن ھيٺ ھن ھڪ مھا مڌر، نھايت چست چھرو، ھڪ روشن لعل مڪڙو تازي چنل انجير سمان، دل ليائيندڙ ڀرون بلند ڪمان جيان نقش ٿيل، ڪارا نيڻ، چالاڪ ۽ چتائي ڏسندڙ، ۽ سندس سائي ۽ سونھري گھگھي مٿان اوجل نازڪ ڪنٺ ڏٺي. استريءَ جا ھٿ پختا ۽ لسا، لنبا ۽ سنھا ھئا ۽ ڪراين تي ڪشادا سونا ڪنگڻ ھئس.

سدارت ڏٺو تہ ھوءَ ڪھڙي نہ سندر ھئي ۽ سندس دل گدگد ٿيڻ لڳي. جئن ڊولي سندس ڀرسان لنگھي تئن ھن نئڙي نمسڪار ڪيو ۽ وري ڪنڌ مٿي ڪڻي انھيءَ روشن سوڀياوان چھري ڏانھن، ۽ ھڪ ڪن لاءِ انھن شرارت ڀريل ڪمانن سان ڍڪيل نيڻن منجھہ، گھور ڪري نھاريائين؛ ۽ انھيءَ عطر جي سڳنڌ وڻڻ لڳو جنھن کي ھو ٻرڪي ڪين سگھيو.

ھڪ ڪن لاءِ انھيءَ سندر استريءَ ڪنڌ ڌوڻي مشڪيو، تنھن ڪان پوءِ پنھنجن چاڪرن سميت باغيچي اندر الوپ ٿي ويئي.

سو، سدارت سوچيو، آءٌ شھر اندر شپ لڳن سان داخل

جي ڪکڙين ۽ ڪوڏن سان ڍانڊ پئي ڪئي. هن واڪو واڪاڻ لڳائي ڏني ۽ پاڻ ۾ ملهه پئي وڙهيا، پر جڏهين هن عجيب سنياسيءَ کي ڏٺائون تڏهين بي همت ٿي اٿي ڀڳا. گوتم جي ڇيڙي وٽ گس نهر جي ڪناري سان ٿي ويو ۽ اُتي ڪپر وٽ هڪ جوان زال نئڙيل هئي ۽ ڪپڙا پئي ڌوئائين. جڏهن سڌارت ڪيڪاريس تڏهن هن ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ ڏانهنس نهاري مشڪيو، جنهن ڪري هوُ سندس اکين جي چمڪندڙ اَڇاڻ ڏسي سگهيو. ٻاهران ايندڙ مسافرن جي رسم موجب هن به پهرين آسيس ڏئي ڪائونس پڇيو ته نگر ڏانهن رستو اَڃا ڪيترو دور آهي. انهيءَ تي هوءَ اٿي کڙي ٿي ۽ ڏانهنس وڌي آئي، سندس آلا چپ سندس ڳيرو ڇهري تي دلڪش ۽ موهيندڙ نموني ۾ پئي چمڪيا. ٿوري خبرچار جي ساڻس ڏي وٺ ڪري ڪائونس پڇيائين ته ”اوهان هن مهل تاءِ ڪجهه کاڌو آهي؟ اهو سچ آهي ته سنياسي ٻن ۾ رات جو اَڪيلا سمهندا آهن ۽ ڪين پاڻ سان استرين رهائڻ جي موڪل نه آهي؟“ سندس ڇهري تي مشڪ هئي ۽ سندس اَک پوُريل نيڻن ۾ ترشنا ڀريل هئي.

سڌارت پڻ ترشنا جي ڪشش معلوم ڪئي پر هيل تاءِ جو ڪنهن استريءَ کي ڇهيو به ڪين هئائين سو ڪن پلڪ هٻڪيو، جيتوڻيڪ سندس هٿ ڪيس جهپڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. انهيءَ ويل هن پنهنجي اندر جو آواز ٻڌو، ۽ انهيءَ آواز چيس ته ”نه!“ يڪدم ان جوان استريءَ جي مشڪندڙ ڇهري مان سمورو جادو ڪافور ٿي ويو، ڄامشي ناريءَ جي ترشنا ڀريل نگاهه کان سواءِ هن ٻيو ڪجهه نه ڏٺو. ڪوملتا سان هن سندس ڳل کي ٿپريو ۽ ٻانس جي ٻن ۾ لڪڙو نراس ٿيل ناريءَ جي نظر کان غائب ٿي ويو.

اُنهيءَ ڏينهن سڄ لٿي کان اڳ هو نگر منجهه پهتو ۽ پرسن

هو. هن پرنام ڪيو ۽ ويٺا ڪيس ڪيڪاريو. هن نوڪر کي اشارو ڪيو جو ٽوليءَ جي ڇيڙي تي هو، ۽ چيائينس ته پنهنجي سائڻ کي چؤ ته هڪ نوجوان برهمڻ سائنس ڳالهائڻ تو گهري. گهڙي کن رکي نوڪر واپس آيو، سدارت کي پنهنجي پٺيان اچڻ لاءِ چيائين، ۽ چپ چاپ کيس شاميانې تائين وٺي ويو جتي ڪملا پلنگ تي ليٽي پيئي هئي؛ هو پوءِ کيس اُتي ڇڏي ويو.

"ڪالهه تون ٻاهر بيٺو هئين نه ۽ مونکي ڪيڪاريو هوءِ نه؟" ڪملا پڇيس.

"هائو، سچ، مون توکي ڪالهه ڏٺو ۽ توکي ڪيڪاريو."

"پر ڪالهه توکي سونهاري، ڏگها وار ڪين هئا، ۽ وارن ۾ دز؟"

"تو ڀليءَ ڀت جاچيو آهي ۽ سڀ ڪجهه پوريءَ طرح ڏٺو آهي. تون سدارت، برهمڻ جو پٽر ڏسين ٿي، جنهن پنهنجو گهرگهاٽ ڇڏيو سنياسي ٿيڻ لاءِ، ۽ جو برابر ٽن سالن لاءِ سنياسي هئو. پر هاڻ، اهو مارڳ مون تياڳ ڪيو آهي، ۽ هن نگر منجهه آيو آهيان ۽ پهريون منش تون ئي آهين جنهن سان شهر ۾ پهچڻ کان اڳ، منهنجي ڏيٺ ٿي. آءٌ هت آيو آهيان توکي ٻڌائڻ، ڪملا، ته تون پهرين استري آهين جنهن سان سدارت بنا اکيون هيٺ ڪرڻ جي ڳالهايو آهي. آءٌ ڪڏهين به وري پنهنجون اکيون هيٺ نه ڪندس جڏهن به ڪنهن سندر استريءَ سان گڏبس."

ڪملا مشڪي ڏنو ۽ پنهنجي مور جي کنڀن واري وڃڻي سان کيلڻ لڳي ۽ پڇڻ لڳي، "بس، اهوئي آهي ڇا جو سدارت مونکي ٻڌائڻ لاءِ سيڙ جي آيو آهي؟"

"آءٌ توکي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ۽ ٻڻ توکي ڌنيواد ڏيڻ لاءِ چاڪاڻ ته تون نهايت سندر آهين. ۽ جيڪڏهين تون

ٽيان ٿو. ڪيس باغيچي ۾ يڪدم گهڙڻ جي ڇڪ ٿي، پر وري به اُن تي سوچ ويچار ڪيائين، ڇاڪاڻ ته ڪيس اِها ڳالهه ٽري آئي ته ڪٿ نه ٿهلين ۽ داسين لنگهه وٽ ڏانهس نفرت سان نهاريو هو، ڪيس شڪي نگاهن سان ڏٺو هو ۽ سندن نگاهن ۾ ڪيس خارج ڪرڻ جو اِشارو هو.

آءُ اَڄا سنياسي آهيان، هن سوچ ڪيو، اَڄا بيراڳي ۽ بيڪاري. آءُ انهيءَ حالت ۾ رهي ڪو نه سگهندس. آءٌ باغيچي ۾ هڙهڙي نموني ته داخل ٿي ڪين سگهندس. اِلي ڪيس ڪل آئي.

پهريان ماڻهوئي جيڪي ساڻس گڏ يا تن کان هن باغيچي جي باري ۾ ۽ اِستريءَ جي نالي بابت پڇيو، ۽ سڏ پيس ته اهو ڪملا، مشهور ويشئا جو باغيچو هو ۽ انهيءَ باغيچي کان سواءِ ڪيس شهر ۾ به گهر هو.

تنهن کان پوءِ هو شهر ۾ گهڙيو. سندس صرف هڪ اُديش هو. اُنجي پوئواري ڪرڻ لاءِ، هن شهر جي پرتال ڪئي، وروڪڙ وارين گلين ۾ ڦريو، ڪن هنڌ چپ چاپ بيٺو، ۽ نديءَ جي ڏاڪڻ پوڙين تي ويهي ساهي پٽيائين.

سنجها ٽاڻي هن هڪ نائيءَ جي ساٿيءَ سان ياراڻي ڳنڍي، جنهنکي هن ونگه جي ڇانوري ۾ ڪم ڪندو ڏٺو هو. وري ڪيس وشنوءَ جي مندر ۾ پوڄا پاٺ ڪندو ڏٺائين، جتي هن وشنوءَ ۽ لڪشميءَ جون ڪٿائون ڪيس ٻڌايون. رات جي وقت هو نديءَ تي ٻيڙين جي وچ ۾ سمهي پيو، ۽ صبوح جو سوير، پهرين گراهڪن جي اچڻ کان اڳ، نائيءَ جي ساٿيءَ کان هن پنهنجي سونهاريءَ جي صاف سنوارت ڪرائي ڇڏي. وارن کي پڻ ڦڻي ڏياريائين ۽ خوشبوءِ دار تيل سان مالش ڪرايائين. تنهن کان پوءِ هو نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ ويو.

جڏهن سوپياوان ڪملا پنهنجي ڏوليءَ ۾ شام جو دير سان پنهنجي باغيچي ويجهو آئي، تڏهن سڌارٿ لنگهه وٽ بيٺو

۽ اُڪيچار ناٽو ۽ ڪملا لاءِ سوڪڙيون ھئڻ ڪپن. ھاڻي سڌ پيئي، بن منجھان آيل سنياسي، سمجھيئه ؟“

”آءٌ نيڪ نيڪ سمجھان ٿو،“ سدارٿ پڪاري چيو. ”آءٌ سمجھڻ ۾ ڪين گسندس جڏھن اھا ڳالھ اھڙي مکہ مان ٿي نڪري؟ تنھنجو مکڙو آھي تازي ڇدل انجير مثل، ڪملا. منھنجا چپ پڻ لعل ۽ تازا آھن ۽ تنھنجن چپن سان بلڪل ٺھڪي ايندا، تون پاڻ ڏسندين ۽. پر مونکي ٻڌاءِ، سندر ڪملا، تون بن منجھان آيل سنياسيءَ کان اُصل ڪونه ٿي ڊڄين، جو پريت جي باري ۾ توکان سکڻ آيو آھي؟“

”آءٌ سنياسيءَ کان ڇو ڊڄان، بن منجھان آيل مورک سنياسيءَ کان، جو گدڙن وٽان آيو آھي ۽ جنھن کي اِسترين جي ڪا سڌ نه آھي؟“

”اڙي، سنياسي آھي زبردست ۽ ڪنھن به ڳالھ کان ڪين ٿو ڊڄي. ھو توسان زبردستي ڪري سگھي ٿو، سندر لڙڪي، ھو توکي لٽي سگھي ٿو، ھو توکي ھاڃي رسائي سگھي ٿو.“

”نه سنياسي، آءٌ ڊڄان ڪانه ٿي. سنياسي ۽ برھمڻ کي به ڪڏھن ڀؤ ٿيو آھي ته ڪو ايندو، کيس ڌڪ ھڻندو ۽ سندس وديا، سندس پوترتائي، سندس گھري ويچار شڪتي کاڻونس زوريءَ ڦري ويندو؟ نه، ڇاڪاڻ ته اُھي سندس ئي پدارٿ آھن، ھو انھن مان اوترو ئي ڏيئي سگھندو، جيترو ھو چاھيندو، ۽ جيڪڏھين ھو چاھيندو. ساڳي ڳالھ ڪملا سان ۽ پريت جي مزن سان به لاڳو آھي. ڪملا جا لب سندر ۽ لعل آھن پر ڪملا جي اِڇا خلاف انھن کي چمڻ جي ڪوشش ڪري ڏس، ته منجھائن ميناج جو ھڪ ڦڙو به توکي پلئه ڪين پوندو - جيتوڻيڪ ھنن لبن کي ميناج ڏيڻ جي ھرڪا لياقت آھي. تون پورو پورو شڪيڪ آھين، سدارٿ،

رنج نہ ٿين، ڪملا، نہ آءٌ جيڪر توکي ويتي ڪريان تہ تون منهنجي مِتر ۽ آچارج ٿيءُ، ڇاڪاڻ تہ مونکي انهيءَ ڪلا جي ڪابہ ڄاڻ ڪانہ آهي جنهن ۾ تون پربين آهين."

انهيءَ تي ڪملا کان کل ڇٽڪي ويئي.

"مونکي تہ ڪڏهن بہ اهڙو آزمودو نہ مليو آهي جو بن مان هڪ سنياسي مون وٽ اچي ۽ مون کان سکڻ جي چاهنا رکي. ڪڏهن بہ ڏهن وارن سان ۽ پراڻي ڦاٽل لنگوٽ ۾ ڪو بہ سنياسي مون وٽ ڪونہ آيو آهي. گهڻيئي نوجوان مون وٽ ايندا آهن، برهمڻن جا پٽ پڻ، پر اهي عمدن وسترن ۽ عمدين جتين سان ايندا آهن؛ سندن وارن ۾ سڳند ۽ ڳوٿريءَ ۾ مايا هوندي آهي."

سڌارت چيو: "مون تہ اڳيئي توکان سکڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪالهہ بہ مان توکان ڪجهہ سکيس. اڳيئي مون سونهاريءَ جو ڪم لاهي ڇڏيو آهي، وارن کي ڦڻي ڏني اٿم ۽ تيل مکيو اٿم. بيو تہ اهڙو گهٽو ڪجهہ ڪونهي جنهن جي ڪمي هجي، اي مها سندري: باقي رهيا عمدا ويس وڳا، عمديون جتيون ۽ منهنجي ڳوٿريءَ ۾ ناڻو. سڌارت انهن ٽنهي وسترن کان وڌيڪ ڪٺن وستوءُ پراپت ڪرڻ جو اُدم ڪيو آهي ۽ پراپت ڪيون اٿس. ڪالهہ جيڪي سکڻ جو ارادو ڪيم سو ڇو نہ آءٌ پراپت ڪري سگهندس؟ - تنهنجو مِتر بڻجڻ ۽ توکان پريت جا مزا سکڻ. تون مونکي ڀورو پورو شڪيڪ ڏسندينءَ، ڪملا. جيڪي تون مونکي سيکاريندينءَ تنهن کان وڌيڪ ڪٺن ڳالهيون آءٌ سکيو آهيان. انهيءَ ڪري سڌارت جهڙو آهي تڏهن تنهنجو اڌڪاري نہ آهي، تيل سندس وارن ۾، پر وسترن، جتين ۽ پئسي کان سواءِ!"

ڪملا کلي ڏنو ۽ چيو: "نہ، هوءُ اُجا لائق نہ آهي. هنکي وستر، سهڻا وستر ۽ جتيون، عمديون جتيون ۽ پنهنجي ڳوٿريءَ



”ڪملا، آءٌ جيڪر توکي وينتي ڪريان تہ تون منهنجي متر ۽ آچاريہ ٿيءُ.“ [صفحہ ٥٤]

تنهن ڪري اِها ڳالهه پڻ سڪي ٿي. گلين ۾ پيار پڻي سگهجي ٿو، ملهه ڳنهي سگهجي ٿو، پينا طور وٺي سگهجي ٿو، ڳولي لهي سگهجي ٿو، پر اهو هرگز چورائي نٿو سگهجي. تو غلط سمجهيو آهي. هائو، اِها اَرمان جي ڳالهه ٿيندي جيڪڏهن تو جهڙو ناهوڪو جوان اُلٽو سمجهي."

سڌارت ڪند نمايو ۽ مشڪيائين. "تون ٺيڪ ٿي چوين، ڪملا، اها سچ سچ اَرمان جي ڳالهه ٿيندي. اها تمام ڏاڍي اَرمان جي ڳالهه ٿيندي. نه، نه، ڪي به ميٺاج جا ڦڙا نه تنهنجي چپن منجهان وٺرت وڃڻ گهرجن، نه وري منهنجن منجهان. تنهن ڪري سڌارت وري تو وٽ تڏهن ايندو جڏهن جنهنجي ڪمي اٿس تنهنجي پورائي ڪندو- وستر، جتيون ۽ ناڻو. پر مونکي ٻڌاءِ نه، سندر ڪملا، تون مونکي ٿوري صلاح ڪين ڏيئي سگهندين؟"

"صلاح؟ ڇو ڪين؟ ڪير صلاح خوشيءَ سان نه ڏيندو هڪ ڪنگال، اَجاڻ سنياسيءَ کي جو بن جي گدڙن وٽان آيو آهي؟"

"پياري ڪملا، آءٌ اهي ٽي وستون ڪتان وڃي جلدي هٿ ڪريان؟"

"منهنجا دوست، گهڻيئي ماڻهو اها ڳالهه ڄاڻڻ گهرن ٿا. تون جيڪي سکيو آهين اهوئي ڪم آڻ ۽ انهن جي بدلي ناڻو، ڪپڙا ۽ جتيون هٿ ڪر. هڪ نرڌن ٻيءَ طرح نه ناڻو نٿو ڪمائي سگهي."

"آءٌ سکيو آهيان: ويچار ڪرڻ، ڌيرج ڌارڻ ۽ اُپواس رکڻ."

"ٻيو ڪجهه به نه؟"

"ڪجهه به نه، اُڙي ها، آءٌ ڪوتا رچي سگهان ٿو. تون مونکي هڪ ڪوتا جي بدلي مٺي ڏيندين؟"

”آءٌ ائين ڪنديس، بشرطيڪ تنهنجي ڪوتا مونکي وڻندي. ڇا آهي انهيءَ ڪوتا جو نالو؟“

گهڙي ڪن جي سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ، سدارٿ هيءَ ڪوتا چئي:

”سير ڪرڻ لئه سندر ڪملا ڦلواڙيءَ ۾ آئي،
اَنگ اَنگ مان سگند اُٿيس ٿي، ڪَلي ڪَلي شرمائي؛
ڦلواڙيءَ جي در تي بيٺل سانورو هو سنياسي،
سندرتا سندريءَ جي پسندي، ٿي پيو پريم پياسي؛
ڦول ڏسي اَنمول عجائب، هرڪ سنياسيءَ هاريو،
ڇُپ ٿي ڇپ ۾ نيڻ نماڻا ڪڍي پئي ڪيڪاريو.
مٺڙي مشڪ چپن تي آڻي، ڪملا گويا ڏنو جواب،
سنياسي پيو سوچي من ۾، جوڳي جوان ٿيو بيتاب؛
ديوتائن جي چرنن ۾ مان پيتائون ڇا هاڻ ڌريان،
روپ جي راڻيءَ تان پيتائون ڇو نه اِهي قربان ڪريان!“

ڪملا زور سان تاڙي وڄائي، جنهن ڪري سندس سونا ڪنگڻ ٽڻ ٽڻ ڪرڻ لڳا.

”تنهنجي ڪوتا بلڪل سندر آهي“، ڪملا چيو. ”جيڪڏهن آءٌ ڌنوان هجان ته آءٌ هوند ان لاءِ توکي ناڻو ڏيان. پر جيترو پئسو توکي گهرجي اوترو توکي ڪوتائن جوڙڻ مان ته ڪونه ملي سگهندو. ڇاڪاڻ جو تون جيڪڏهين ڪملا سان پريت رکڻ تو چاهين ته توکي جام ناڻو کپندو. تون سواءِ ويچار ڪرڻ، ورت رکڻ ۽ ڪوتا ناهڻ جي ٻيو ڪجهه ڪري نه ڄاڻين ڇا؟“

”آءٌ پوڄا جا گيت پڻ ڄاڻان“، سدارٿ چيو. ”پر اڳتي آءٌ اهي ڪونه ڳائيندس. مونکي منتر جنتر پڻ ايندا آهن، پر اڳتي آءٌ اُهي ڪونه اُچاريندس. مون شاستر پڙهيا آهن...“

هوُ سنياسي نه ڪونه هو، ٻيڪ مگر سندس شان وٽان نه هو. هن اهو ڄاڻو رن جو روٽلي ٽڪر ڪتي کي ڏيئي ڇڏيو ۽ پاڻ بکيو ئي رهيو.

سدارت سوچيو ته جيوت جا هت رهڻ ۾ اڇي ٿي سا نه آهي سنئين سڌي ۽ سؤلي. منجهس ڪنهايون نه آهن ئي ڪين. جڏهن آءٌ سنياسي هوس، تڏهن سڀ ڪجهه ڪنن، وڃائيندڙ ۽ آخر نراس ڪندڙ هو. هاڻي سڀ ڪا ڳالهه سهنجي آهي. مونکي کپڻ وبستر ۽ ناڻو، بس اهو ئي. اِهي اَهڙيون سوليون ڳالهيون آهن جو ڪنهن جو به ننڊ آرام ڦٽي نٿو سگهي.

هن ڪملا جي شهر واري گهر جي گهڻي وقت کان پڇا ڳاڇا ڪري ڇڏي هئي ۽ ٻئي ڏهاڙي هوُ اُتي ويو.

”ڳالهيون نيڪ نموني هلي رهيون آهن،“ هن ڪيس سامهون وهاري چيو. ”ڪامسوامي چاهي ٿو ته تون وٽس وڃين؛ هو نگر ۾ وڏي ۾ وڏو شاهوڪار واپاري آهي. جيڪڏهن تون کيس خوش ڪندين ته هو توکي نوڪريءَ ۾ رکندو. چالاڪي ڏيکارجانءِ، سانورا سنياسي! مون ٻين جي معرفت تنهنجي لاءِ کيس چوارايو آهي. دوستاڻي ڀاوَ ۾ ساڻس پيش اَچج؛ هو تمام سمرتيءَ وارو آدمي آهي، پر حد کان ٻاهر نماڻائي نه ڏيکارج. مان نه ٿي چاهيان ته تون سندس چاڪر ٿي رهين، پر سندس ثاني شريڪ، نه ته آءٌ توسان راضي نه ٿينديس. ڪامسوامي هاڻي پوڙهو ۽ آلسي ٿيندو ٿو وڃي. جيڪڏهن تون هنکي راضي رکندين ته هو توتي گهڻو وشواس ڪندو.“

سدارت سندس شڪرانا مڃيا ۽ کليو ۽ جڏهن کيس سڌ پيئي ته هن اهو سارو ڏهاڙو ۽ اڳيون ڏهاڙو کاڌو نه ورتايو هو، تڏهن سندس لاءِ روٽي ۽ ڦل گهرايائين ۽ پاڻ سندس شيوا ۾ رهي.

”تون ڀاڳ وارو ٿو ڏسجين“، هن موڪلائڻ وقت کيس

"نرس،" ڪملا وچ ۾ ڳالهه ڪٽيندي چيس، "تون لکي پڙهي ڄاڻين."

"اُوس، آءٌ ڄاڻان. اهو ته گهڻائي ماڻهو ڄاڻن."

"نه، تمام گهٽ ماڻهو. آءٌ ڄا ڪانه ڄاڻان. اها تمام سٺي ڳالهه آهي جو تون لکي پڙهي ڄاڻين، ڏاڍو چڱو. توکي شايد منترن جنترن جي به ضرورت پوي."

اُنهيءَ وقت هڪ نوڪر اندر آيو ۽ پنهنجي سائڻ جي ڪن ۾ ڪجهه سس پس ڪيائين.

"مون سان ڪو گڏجڻ آيو آهي،" ڪملا چيو. "جهٽ ڪر، گم ٿي وڃ، سڌارت، جئن ڪو به توکي هتي ڏسي نه وٺي. آءٌ وري توکي سڀاڻي گڏ ٿيس."

پوءِ نوڪر کي حڪم ڏنائين ته هن ساڌو برهمڻ کي وڃي هڪ سفيد جبو ڪيدي ڏي. سڌارت کي پورو سمجهه ۾ ئي نه آيو ته ڇا ٿي وهيو واپريو. نوڪر سڌارت کي وروڪڙن واري هنڌان وٺي کيس باغيچي واريءَ جڳهه ۾ آندو جتي کيس هڪ جبو ڏيئي ڪري گهاٽن وڻن ۾ چڙهائين ۽ تاڪيد ڪيائينس ته جيترو تڪڙو ٿي سگهيئي اوترو تڪڙو باغيچي مان هليو وڃ جئن ڪو به توکي ڏسي نه وٺي.

سنتوش سان، جئن کيس چيو ويو تئن هن ڪيو. ٻن جو هريل، هو ماٺ ميٺ ۾ لوڙهو ٽپي باغيچي مان ٻاهر نڪري آيو. سنتوش سان، ويڙهيل جبو ڪڇ هيٺ رکي هو شهر ڏانهن وريو. هو ڌرمسالا جي در وٽ اچي بيٺو، جتي مسافر اچي رهندا هئا، چپ چاپ بيک مڱڻ لڳو ۽ ماٺ ميٺ ۾ چانورن جي روٽلي نڪر اُنگيڪار ڪيائين. شايد سڀاڻي، هن سوچيو، مونکي ڪاڏي لاءِ پنڻ جي ضرورت ڪانه پوندي.

اُچانڪ منجهس سؤمان جو زبردست جذبو جاڳيو. هاڻ

بنا ڪجهہ بہ ڪرڻ جي، بنا پاڻڪي چورڻ پورڻ جي؛ هو ڪشش هيٺ اچي ٿو ۽ پاڻکي ڪِرڻ ڏئي ٿو. هنکي سندس آديش ئي کيڏيي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي من اندر ڪنهن بہ ٻي وستوءَ کي گهسڻ نٿو ڏئي جا سندس آديش جو وروڌ ۾ ڪري. اهوئي آهي جو سدارٿ سنياسين کان سکيو آهي. اهو آهي جنهنکي مورک ماڻهو جادو ٿا چون ۽ جنهنجو ڪارڻ هو ڀانئين ٿا تہ آهن پريت، جن ڀوت. پريت ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهن، پريت آهن ئي ڪونہ. سڀڪو جادو منتر جو ساڌن ڪري سگهي ٿو، هرڪو آديش پائي سگهي ٿو، جيڪڏهن هو ويچار ڪري، ڌيرج ڌاري ۽ ورت رکي جاڻي."

ڪملا ڪيس خيال سان ٻڌو. هوءَ سندس آواز تي موهت هئي، هوءَ سندس اکين جي چمڪ تي موهت هئي.

"شايد ائين آهي جئن تون چئين ٿو، منهنجا پريتم،" هن ڪوملتا سان چيو، "۽ شايد ائين بہ آهي تہ سدارٿ سهڻو، ناهوڪو جوان آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس اکين جو چمڪو استرين کي آنند ٿو ڏئي، ۽ تنهن کان سواءِ هو ياڳيہ وان آهي."

سدارٿ کيس مٺي ڏني ۽ ڪانئس موڪلايائين. "منهنجي آچارڻ، شل منهنجا نيتر سدئين توکي آنند ڏين، شل تو وٽان سدئين سياڳہ پراپت ٿيم!"

چيو. ”دروازي اڳيان دروازو تنهنجي لاءِ پٽيو ٿو هلي. اهو ڪيئن ٿو ٿئي؟ تو وٽ ڪو جادو آهي ڇا؟“

سڌارت چيو: ”ڪالهه مون توکي ٻڌايو ته مان ويچار ڪرڻ، ڌيرج ڌارڻ ۽ ورت رکڻ ڄاڻان ٿو ۽ اهي توکي ڪارائتا نظر نه آيا. پر تون ڏسندينءَ ته اهي ڏاڍا ڪارگر آهن، ڪملا. تون ڏسندينءَ ته بن جا رهواسي مورک سنياسي گهڻيئي ڪارائتيون ڳالهيون سکن ٿا ۽ ڄاڻن ٿا. ٽيون ڏينهن آءٌ اڃا به هڪ گدلو بيڪاري هوس؛ ڪالهه توسان ڄاڻ ڇاڻ ٿيم، جلدي ئي آءٌ واپاري بڻبس ۽ ڌن دولت ۽ سڀ اهي وٿون جي ڪملا کي پياريون آهن سي ڪنيون ڪندس.“

”برابر،“ هن قبول ڪيو. ”پر مونکان سواءِ تنهنجي ڪهڙي گتي ٿئي ها؟ ڪٿي هجين ها تون، جيڪڏهين توکي ڪملا جا هٿ نه پهچن ها؟“

”منهنجي پياري ڪملا،“ سڌارت چيو. ”جڏهن تنهنجي باغيچي ۾ آءٌ تو وٽ آيس، تڏهن پهريون قدم کڻي چڪس. منهنجي منشا هئي ته پريت جو پاٺ سندر ۾ سندر استريءَ وٽ پڙهان. جنهن وقت مون اهو ارادو ڪيو، تنهن وقت ئي مونکي سڌ هئي ته آءٌ انکي عملي صورت ڏيئي سگهندس. مونکي سڌ هئي ته تون مونکي مدد ڪندينءَ. مونکي تنهنجي باغيچي جي لنگهه وٽ تنهنجي پهرينءَ نهار مان ئي پتو پيو.“

”۽ جيڪڏهن منهنجي مرضي نه هجي ها ته؟“

”پر تنهنجي تہ مرضي هئي نه. ٻڌ، ڪملا، جڏهن پٿر پاڻيءَ ۾ اڇلائجي ٿو تڏهن اهو هڪدم وڃي ٿو تر وٺي. ساڳي ڳالهه ٿئي ٿي جڏهن سڌارت پنهنجي اڳيان ڪو اديش رکي ٿو. سڌارت ڪجهه نٿو ڪري؛ هو ڌيرج ڌاري ٿو، هو ويچار ڪري ٿو ۽ هو ورت رکي ٿو، پر هو دنيا جي ڪاروبار، وهنوار مان ائين ٿو لنگهي جيئن پٿر پاڻيءَ منجهان،

"پر جيڪڏهن تون بنا سمپتيءَ آهين ته تون گذارو ڪئن ڪندين؟"

"مون انهيءَ باري ۾ ڪڏهين به ڪو ويچار ڪيوئي ڪونهي، سائين. اَٽڪل ٽي سال آءٌ بنا ڪنهن به ملڪيت جي رهي سگهيو آهيان ۽ مونکي ڪڏهن به اهو خيال نه آيو آهي ته آءٌ ڪئن گذارو ڪندس."

"تنهنجي معنيٰ ته تو ٻين جي ملڪيت تي پيو گذاريو آهي؟"

"ظاهري. سوداگر پڻ ٻين جي ملڪيت تي گذاري ٿو."

"اها ڳالهه تنهنجي ٺيڪ آهي، پر هو جيڪي ٻين کان وٺي ٿو سو ڪو مفت ۾ نه، هو پنهنجو مال بدليءَ ۾ ڏئي ٿو."

"اهو دنيا جو دستور آهي. هرڪو وٺي ٿو، هرڪو ڏئي ٿو. جيوت آهه انهيءَ نموني جي."

"هائو، پر جيڪڏهين تو وٽ ڪجهه به نه آهي، ته تون ڏيندين وري ڪٿان؟"

"هرڪو ڏئي ٿو جيڪي ڪي وٽس آهي. جنگي سپاهي پنهنجو ٻل ڏئي ٿو، واپاري مال، اَڌياپڪ سکيا، ڪسان چانور، مهاڻو مڇي."

"ٺيڪ، ٺيڪ، پر تون ڇا ڏيندين؟ تون ڇا سکيو آهين جو تون ڏيندين؟"

"آءٌ ويچار ڪري سگهان ٿو، آءٌ ڌيرج ڌاري سگهان ٿو، آءٌ ورت رکي سگهان ٿو."

"اهوئي بس؟"

"آءٌ ڀانيان ٿو ته اهوئي آهي سڀ."

"۽ اهي ڪهڙي ڪم جا آهن؟ مثلا اُپواس رکڻ، ان مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟"

"اها ملهائتي چيز آهي، سائين. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي کائڻ لاءِ ڪجهه نه آهي ته ورت رکڻ ئي سڀ کان سمجهه ڀريو

ماڻهن منجهه

سڌارٿ ڪامسوامي، سوداگر کي ملڻ ويو، کيس هڪ پرڻي پاڻيءَ گهر اندر نيئون ويو. نوڪر کيس قيمتي غاليچن مٿان لنگهائي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويا جتي هو گهر جي سيٺ لاءِ ترسي ويٺو.

ڪامسوامي اندر آيو، ڪومل ۽ ڪلمک، عمر جو ڪرڙو ويڙهو، سندس نيڻ چالاڪ ۽ دوراند يش ۽ سندس مک ڪامي. سيٺ ۽ ملاقيءَ هڪ ٻئي کي دوستاڻي نموني ۾ ڪيڪاريو.

"مونکي ڪنهن چيو آهي،" سوداگر ڳالهائڻ شروع ڪيو، "تون برهمڻ آهين، ودوان آهين، پر تون هڪ واپاريءَ وٽ نوڪري ڪرڻ ٿو چاهين. تون ڇوءِ سچ پچ گهرجائو آهين ڇا، برهمڻ، جو نوڪريءَ جي ڳولا ٿو ڪرين؟"

"نه،" سڌارٿ جواب ڏنو. "آءٌ ڪو گهرجائو ڪونه آهيان ۽ مونکي ڪڏهن به گهرج ڪانه پيئي آهي. آءٌ سنياسين وٽان ٿو اچان جن سان مون گهڻو وقت گڏ گهاريو آهي."

"جيڪڏهن تون سنياسين وٽان ٿو اچين ته تون ڪئن ٿو چوين ته تون گهرجائو نه آهين؟ سيپئي سنياسي بنا ڪنهن به مال ملڪيت جي ڪين آهن؟"

"مون وٽ پڻ ڪجهه ڪونه آهي،" سڌارٿ چيو. "جيڪڏهن تنهنجو اهو مطلب آهي. مونکي برابر ڪا به املاڪ ڪانهي، پر پنهنجي رضاخوشيءَ ڪري؛ انهيءَ ڪري آءٌ گهرجائو آهيان ئي ڪونه."



”تون ته ڏاڍو ناهوڪو لکي ٿو سگهين،“ ڪامسواميءَ سڌارت کي ساراهيندي چيو. [صفحو ٦٤]

قدم آهي جو هو کڻي سگهي ٿو. مثلاً، جيڪڏهن سڌارٿ ورت رکڻ نہ سکيو هجي ها تہ اَج کنهن نہ کنهن ڪرت جي درڪار هجيس ها، پوءِ کڻي توهان وٽان يا ٻئي ڪنهن وٽان، چاڪاڻ تہ بک کيس لاچار ڪري ها. پر هن حالت هيٺ سڌارٿ بنا شانتي وڃائڻ جي ترسي سگهي ٿو. هو اُڌير نہ آهي، هنکي گهرج ڪانہ پيئي آهي، هو گهڻي وقت تائين بک ٽاري سگهي ٿو ۽ اُتس هاسي ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ورت ڪارائتو آهي، سائين."

"تون برابر آهين، سنياسي. گهڙي کن ترس."

"ڪامسوامي ٻاهر ويو ۽ هڪ وڙهو کڻي آيو جو هن پنهنجي مهمان کي ڏنو ۽ پڇيائينس: "تون هيءُ پڙهي سگهين ٿو؟"

سڌارٿ دستاويز نظر مان ڪڍيو جنهن ۾ وکري جي قبوليت لکيل هئي ۽ اهو پڙهڻ لڳو.

"تمام نيڪ،" ڪامسواميءَ چيو. "تون هن ڪاغذ تي ڪجھ اُکر لکندين؟"

هن کيس ڪاغذ ۽ قلم ڏنو ۽ سڌارٿ اُن تي ڪجھ لکي اُهو کيس واپس ڪيو.

ڪامسوامي پڙهڻ لڳو: "لکڻ چڱو آهي، ويچار هلائڻ بهتر آهي. چالاڪي چڱي آهي، ڌيرج بهتر آهي."

"تون تہ ڏاڍو ناهوڪو لکي تو سگهين،" سڌارٿ کي ساراهيندي چيائين. "اسين گهڻئي ڳالهين تي بات چيت ڪنداسين، پر اَج آءٌ توکي نينڊ تو ڏيان تہ منهنجو مهمان ٿي اچي منهنجي گهر ۾ رهہ."

سڌارٿ سندس شڪرادائي ڪئي ۽ سندس مهماني قبول ڪئي. هاڻ هوُ سوداگر جي گهر ۾ رهڻ لڳو. وستر ۽ جُتي وٽس آندا ويا ۽ نوڪر روزانو سندس لاءِ اشنان جو پاڻي تيار رکندو هو. عاليشان کانو ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا ڪمري ۾ وٽس ايندو هو، پر سڌارٿ

عرف هڪ دفعو ورتائيندو هو؛ نڪي ماس کائيندو هو، نڪي شراب پيئندو هو. ڪامسوامي ڌنڌي جي باري ۾ ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪندو هو، ڪيس مال ۽ گدامن ۽ حساب ڪتاب کان واقف ڪيائين. سڌارٿ گهٽيئي نيون ڳالهيون سکيو؛ هو گهڻو ٻڌندو هو، گهٽ ڳالهائيندو هو. ۽ ڪملا جا اکر ياد ڪري، هو واپاريءَ جي ڪاڻ ڪانه ڪڍندو هو پر ڪيس ٻروٻريءَ جي درجي تي هلت چلت لاءِ مجبور ڪيائين، بلڪ اُن کان به وڌيڪ. ڪامسوامي پنهنجو ڌنڌو ڌاڙي بلڪل خبرداريءَ سان ۽ اَڪثر شوق ۽ خفت سان ڪندو هو، پر سڌارٿ ته اُنکي راند مثل سمجهڻ لڳو، جنهنجي نيمن گرهڻ ڪرڻ لاءِ هن چڱي ڪوشش ورتي، پر جنهن سندس دل کي ڇهيو نه.

ڪامسوامي‌ءَ جي گهر ۾ ڪيس رهئي اڃا گهڻو وقت ٿيو ئي ڪونه هو ته هو پنهنجي مالڪ جي ڌنڌي ۾ ڀرو وٺڻ لڳو. روزانو جنهن وقت تي ڪملا ڪيس ڪوٺ ڏيندي هئي، انهيءَ وقت هو سهڻا وستر پهري ۽ زيبدار جتي پائي ساڻس مڪاميلو ڪرڻ ويندو هو؛ جلدئي هو ونس سوکڙيون پاکڙيون پڻ کڻي وڃڻ لڳو. هو چالاڪ، سوپياوان ويشنا جي سنگ ۾ حيرت انگيز گهڙيون ڪاٽڻ لڳو ۽ سندس شکيڪ، پريمي ۽ متر بڻجي پيو. سندس هاڻوڪي جيوت جو ملهه ۽ اَرٿ هتي ڪملا منجهه اَئي سمايل هو ۽ نه ڪامسوامي‌ءَ جي ڌنڌي ۾.

واپاريءَ مکيه چٺين لکڻ ۽ مال لاءِ لکاوتن ڪرڻ جو ڪم ڪيس سونپي ڇڏيو ۽ سيني ڌنڌي ڌاڙي ۽ وهنوارڪ ڳالهين ۾ ساڻس پڇندو هو. هن جلدئي ڏٺو ته سڌارٿ کي چانورن ۽ پشم، جهازن ۾ مال موڪلڻ ۽ واپار جي ڳالهين جي ٻوجهه ڪانه هئي پر تڏهن به ڪيس سهڻو ڏانءُ ۽ ڍنگ هو ۽ ڌيرج ۽ تحمل ۾، ڌيان سان ٻڌڻ ۾ ۽ ڌارين تي سٺي اثر وهارڻ ۾ واپاريءَ کان گهڻو سرس هو. "هي ٻرهمڻ" هن هڪ

گھڻن سان ڄاڻ سڃاڻ ڪري آيو آھيان، ھڪ ٻہ ھمڻ سان دوستي رکي آيو آھيان، ٻار منھنجي ھنج ۾ اچي ٿي ويٺا، ڪسانن مونکي پنھنجا گيت ٿي ڏيکاريا. ڪنھن ڪونہ ٿي ائين سمجھيو تہ آءٌ ڪو سوداگر آھيان."

"اھي تہ ڳالھيون تنھنجون سڀ سھڻيون،" ڪامسواميءَ لاچار ٿي قبول ڪيو، "پر حقيقت ۾ تون سوداگر ئي آھين. ڪين رڳو پنھنجي مزي لاءِ سفر ڪرڻ ويو ھئين؟"

"بيشڪ مون پنھنجي مزي لاءِ ئي سفر ڪيو،" سڌارٿ کلي چيو. "ٻيلا ڇونہ؟ مونکي ماڻھن ۽ نون ھنڌن جي ڄاڻ سڃاڻپ ٿي آھي. مون ماڻھن جي مترتا ۽ وشواس ھٿ ڪيو آھي. ھاڻ جيڪڏھن آءٌ ڪامسوامي ھجان ھا تہ پوءِ جي ڏسان ھا تہ خريداري نٿو ڪري سگھان تہ خارن وچان ھڪدم واپس وران ھا، نہ تہ پئسو ۽ وقت برابر ضايع ٿين ھا. پر مون اُتي چڱا ڏينھن ڪاٽيا، گھڻوئي پرايم، گھڻوئي مزو ورتم ۽ نہ ڪروڌ يا اُبھرائي ڪري پاڙڪي يا ٻين کي ڪا ھاڃي رسايم. ھاڻ جي ڪڏھن ٻہ منھنجو اُتي وري وڃڻ ٿيو شايد ايندڙ فصل جي خريداريءَ يا ٻئي ڪنھن ڪم لاءِ، تہ اُھي منھنجا مھربان دوست منھنجي آجيان ڪندا ۽ مونکي پوءِ خوشي ٿيندي جو اڳئين پيري مون اُبھرائي يا ناراضپو نہ ڏيکاريو. پر ڪٿ ۾ ھجي، ھاڻي گذري سا گذري، منھنجا سڄڻ، ۽ ھاڻ مونکي ڇيڀيڻ سان پاڻ کي اُجايو دکي نہ ڪر. جيڪڏھن اھڙو ڪو ڏينھن اچي جو تون سمجھين تہ سڌارٿ توکي ھرج ۾ ٿو وجھي تہ پوءِ تنھنجو ھڪڙو ئي اکر ڪافي ٿيندو ۽ سڌارٿ پنھنجو رستو وٺندو. اوستائين بھتر آھي تہ پاڻ چڱا متر ٿي رھون."

واپاريءَ سڌارٿ کي خاطري ڪرائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ ھو سندس ئي، ڪامسواميءَ جو، نمڪ کائي رھيو ھو، پر سڀ وئرٿ ويو. سڌارٿ پنھنجو ئي ٿو کائي؛ ٻنھن

پنهنجي دوست کي چيو، "سچو پچو واپاري نہ آهي ۽ نہ وري ٿيندو ئي؛ ڏنڏي ۾ سندس من اصل لڳي ئي نہ ٿو. پر هن وٽ اهڙن ماڻهن جو راز موجود آهي جن وٽ سڦلتا پاڻ مرادو اچي ٿي سهڙي، پوءِ اهو سياڻن گرهن هيٺ جنم وٺڻ ڪري هجي يا اهو جادوءَ ڪري هجي يا هو سنياسين وٽان ڪجهہ سکيو هجي. هو تہ ڏنڌي سان راند ڪندو پيو نظر ايندو آهي؛ نہ ان ۾ چاهہ ئي ٿو وٺي، نہ وري ناڪاميابيءَ جو ڊپ ٿئيس ٿو ۽ نہ نقصان جي ڳڻتي ستائيس ٿي."

اُنهيءَ دوست سوداگر کي صلاح ڏني تہ "جيڪو ڌنڌو هو ڪري تنهن تي نفع جو ٽيون حصو ڪري ڏيندس، پر جي نقصان پوي تہ ان جو بہ اوترو حصو هو ڀري. پاٽيوار ڪرينس تہ پوءِ هو وڌيڪ اُتساهہ ڏيکاريندو."

ڪامسواميءَ سندس صلاح مڃي پر سڏارٿ پوءِ بہ چاهہ ڪونہ ڏيکاريو. جيڪڏهن نفعو ٿي ڪيائين تہ هن ماٺ ميٺ ۾ سٺيڪار ٿي ڪيو؛ وري جيڪڏهن نقصان ٿي پيس تہ کلي ٿي چيائين، "خير، هيءُ سؤدو چڱو نہ لڳو."

سچ پچ تہ هو ڌنڌي ۾ بي پرواهہ ٿي لڳو. هڪ دفعو ڪنهن ڳوٺ ڏانهن هڪ وڏو چانورن جو فصل خريد ڪرڻ لاءِ ويو. جڏهن اُتي پهتو تہ ڏنائين تہ چانور اڳيئي ٻئي واپاريءَ کي وڪرو ٿيل هئا. پر اُنهيءَ هوندي بہ سڏارٿ انهيءَ ڳوٺ ۾ ڪيترائي ڏينهن رهي پيو، ڪسانن کي ڪارايائين پيئاريائين، ٻارن کي خرچيون ڏنائين، هڪ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو ۽ مسافريءَ تان نهايت خوش ٿي واپس وريو. ڪامسواميءَ کيس هڪدم نہ موٽڻ لاءِ ۽ وقت ۽ پيسو ضايع ڪرڻ لاءِ ڇينڀيو. سڏارٿ جواب ڏنس: "ڇينڀ نہ، منهنجا پيارا دوست. ڇينڀڻ مان ڪجهہ پلئہ نہ پوندو. جيڪڏهن ڪو نقصان پيو آهي تہ اهو آءٌ ڀريندس. آءٌ هن مسافريءَ مان خوش ٿي موٽيو آهيان. آءٌ

ڪائين جنهن لاءِ ڪيس پيار به هو ته ڏڪار به هئي. هن ڪين سخت پورهيو ڪندو ڏٺو، پيڙا سهندو ڏٺو ۽ اهڙين ڳالهين لاءِ انتظار ڪندي سندس مٿو اُچو ٿيندو ڏٺو، جي سندس لاءِ ڪيس ايتري ڳري بها ڏيڻ جي لائق ڏسڻ ۾ نٿي آيون - پئسي لاءِ، تيج خوشين لاءِ، تيج شان مان لاءِ. هن انهن کي هڪ ٻئي کي چيڀيندو ۽ هاڃي رسائيندو ڏٺو؛ هن انهن کي اهڙن تڪليفن لاءِ روئندو ڏٺو، جن تي سنياسي کلون ڪندا آهن ۽ اهڙين وستن جي کسجي وڃڻ تي ڏک جو ورلن ڪندو ڏٺو جن ڏانهن سنياسين جو جيڪر خيال به نه وڃي. ماڻهو وٽس ڪي به آڻيندا هئا ته هوُ اُهو سئيڪار ڪندو هو. واپاري جو وکري لاءِ ڪپڙو آڻيندو هو ته تنهنجو آدر ڀاءُ ڪندو هو؛ قرضدار جو اوڌر اُچي گهرندو هو ته تنهنجي آجيان ڪندو هو، فقير جي به ڏيک ڀال ٿيندي هئي جو ڪلاڪن ويهي ڪيس پنهنجي غريبيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو، جيتوڻيڪ هو اهڙو غريب نه هو جهڙو ڪو به سنياسي. هوُ ڪنهن به ڌارئي شاهوڪار واپاريءَ سان نيارو ورتاءُ نه ڪندو هو، پنهنجي نوڪر ڪان جو سندس سنوارت ڪندو هو؛ گهوڙين ڪان جن ڪان هو ڪيلا خريد ڪندو هو؛ ٻن ٽن آنن ڦرائڻ ۾ ڪيٻائيندو ڪين هو. جيڪڏهن ڪامسوامي وٽس ايندو هو؛ اچي پنهنجون تڪليفون ورنن ڪندو هو يا ڪنهن سؤدي تان ڪيس ڏوراپو ڏيندو هو ته هوُ ڪيس شوق ۽ ڌيان سان ٻڌندو هو، مٿس عجب کائيندو هو، هنکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، جتي ضرورت پائيندو هو اتي سندس دل وٺندو هو، نه ته منهن موڙي ڪنهن ٻئي سان گفتگو ڪندو هو جو ساڻس ڳالهائڻ گهرندو هو. ۽ ڪيترائي ماڻهو وٽس ايندا هئا - ڪيترا ڌنڌي جي لحاظ ڪان، ڪيترا ڪيس ٺڳڻ جي ارادي سان، ڪيترا ڪيس ٻڌڻ جي شوق ڪان، ڪيترا سندس همدردي هٿ

کان سواءِ سيٺيءَ ٻين جو ٿا کائين، جنهن تدهن جو ٿا کائين. سڌارت ڪامسواميءَ جي مصيبتن ۽ چنتائن سان ڪو ٻه واسطو ڪو نه رکندو هو ۽ ڪامسواميءَ کي گهٽيئي تڪليفون هيون. جيڪڏهين ڪنهن سؤدي جي نه ٺهڻ جو انديشو ٿيو، جيڪڏهين ڪو ٻه مال گم ٿيو، جيڪڏهين قرضدار پئسا ڏيئي نه سگهيو، ته ڪامسوامي ڪڏهن ٻه پنهنجي ساٿيءَ کي ذهن-نشين نه ڪرائي سگهندو هو ته ڪو خفي ٿيڻ يا ڪروڌ ڪرڻ، منهن گهنجائڻ ۽ ننڊ ڦٽائڻ مان ڪجهه ٻه ورندو. جڏهن ڪامسواميءَ کيس هڪ دفع چيو ته ”تون سڀ ڪجهه مون کان سکيو آهين،“ ته سڌارت جواب ڏنس: ”اهڙي مسخري نه ڪر. آءٌ توکان سکيو آهيان ته مڇيءَ جي ٽوڪري ڪيترو لهي ۽ اڌارا پئسا ڏيڻ سان ڪيترو وياج ملندو. اهائي سکيا مونکي تو وٽان ملي آهي. پر مان توکان اهو ڪو نه سکيو آهيان ته ويچار ڪئن ڪجي، منهنجا پيارا ڪامسوامي. بهتر ٿيندو جي اها سکيا تون مونکان پرائين.“

هنجي دل نه برابر ڌنڌي ۾ ڪا نه هئي. ڪملا لاءِ ناڻو آڻڻ لاءِ ئي اهو کيس ڪارائتو هو ۽ انهيءَ واسطي جيترو کيس احتياج هو تنهن کان وڌيڪ ايندو هوس. تنهن کان سواءِ، سڌارت جي دل جو چاهه ۽ همدردي هئي ماڻهن سان، جن جي ڪمن ڪارين، تڪليفن، خوشين ۽ مورکتائين جي ڄاڻ کيس چندرما جي ڄاڻ کان ٻه گهٽ هئي ۽ اهي ڪانئس ان کان ٻه وڌيڪ ڏورانهان هئا. جيتوڻيڪ کيس ڪنهن سان ٻه ڳالهائڻ ٻولهائڻ، رلڻ ملڻ، گڏ رهڻ، ڪنهن کان ٻه ڪجهه سکڻ، سولو ۽ سنئو لڳندو هو ته ٻه هو انهيءَ حقيقت کان چڱي طرح واقف هو ته ڪجهه مڙيوئي اهڙو آهي جو کيس انهن کان الڳ رکي ٿو ۽ اهو انهيءَ ڪري هو جو هو سنياسي ٿي رهيو هو. هن ڏٺو ته ماڻهو ٻي سمجهه ٻالڪن مثل يا پسن جيان پيا جيوس

پريت جي ڪملا گرهڻ ڪيائين جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڳالهه اها هئي ته سندس لاءِ ڏيڻ ۽ وٺڻ هڪ سمان ٿي پيا هئا. هُو ساڻس بات چيت ڪندو هو، کائونس سکندو هو، کيس صلاح مصلحت ڏيندو هو، کانئس صلاح مصلحت وٺندو هو. گووند جيڪي ڪي ڪنهن وقت کيس سمجهيو ٿي تنهن کان وڌيڪ هوءَ کيس سمجهندي هئي. هوءَ گهڻو تڻو سندس جهڙي هئي.

هڪ لڳا کيس چيائين: ”تون مون وانگر آهين؛ تون ٻين ماڻهن کان نياري آهين. تون ڪملا آهين ۽ نه ٻي ڪا، ۽ تنهنجي اندر منجهه آهي شانتي ۽ مندر، جنهن ۾ تون ڪنهن به وقت ايڪانت واسي ۽ پنهنجو پاڻ ٿي سگهين ٿي جئن آءٌ ٿي سگهان ٿو. ڪن ٿورن ماڻهن کي اهڙي شڪتي ۽ لياقت آهي جيتوڻيڪ هرڪو ماڻهو اهڙي شڪتي ۽ لياقت ڌاري سگهي ٿو.“

”سڀ ماڻهو نه اهڙا چالاڪ ۽ ٻڌيوان نه آهن،“ ڪملا چيو.

هن ڳالهه جو واسطو نه ٻڌيءَ ۽ چالاڪيءَ سان آهي ئي ڪونه، ڪملا،“ سڌارٿ چيو. ”ڪامسوامي به اهڙو ئي چالاڪ آهي جهڙو آءٌ، پر ان هوندي به هن جي اندر منجهه اهو مندر، اها ايڪانت جي ڪوٺڙي ميسر نه آهي. ٻين وٽ اها ڪوٺڙي آهي جي ٻڌيءَ ۾ صرف ٻارن جيان آهن. گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو، ڪملا، هڪ ڪرنڊڙ پَنَ مثل آهن جو پيو هوا ۾ اُڏلي پٽلي ۽ ڦيرانيون کائي، ڦڙڦڙ ڪندو گهلبو وڃي ۽ پٽ تي ڪري. ٻيا ڪي ٿورا ٻيا آهن تارن مثل، جي مقرر ٿيل راهه تي سفر ڪن ٿا. انهن کي هوا پهچي نٿي، انهن کي اندر ۾ ئي پنهنجو رهبر ۽ راهه آهن. سڀني گيانين منجهه، جن مان گهڻن جي مونکي سڌ آهي، هڪڙو هو جو انهيءَ ڏسِ ۾ پورن هو. آءٌ هنکي ڪڏهين به ڀلجي ڪين ويندس. هُو آهي گوتم، سريشٽ پرش، جو آلم سکيا جو پرچار ڪري ٿو. هزارين

ڪرڻ جي اَحتياج کان ۽ ڪيترا سندس صلاح وٺڻ جي ضرورت کان. هو صلاح ڏيندو هو، همدردي ڏيکاريندو هو، سوڪڙيون ڏيندو هو، ڪي قدر پاڻ قربانيون به ڏيندو هو ۽ هن پنهنجن خيالن کي اِنهيءَ سموري ڪيل ۾ ۽ جنهن جوش سان ماڻهو ان منجهه پاڻ وڌندا هئا تنهن ۾ اهڙو ئي رڌل رکيو جهڙو هو اڳي پنهنجي خيالن کي ديوتائن ۽ برهم سان رڌل رکندو هو.

وقتي هو پنهنجي اندر ۾ هڪ نرمل، ڪومل آواز ٻڌندو هو جيڪو ڪيس اهڙي مات ميٽ ۾ يادگيري ڏياريندو هو ۽ اهڙيءَ شانتيءَ ۾ شڪايت ڪندو هو جو هو اُنکي ٻڌي خير ڪو سگهندو هو. تنهن کان پوءِ هن اَچانڪ اَنڀؤ ڪيو ته هو هڪ عجيب قسم جي زندگي ڪاٽي رهيو هو ۽ هوُ ڪيتريون ڳالهيون ڪري رهيو هو جي صرف کيل هيون ۽ جيتوڻيڪ هو بلڪل خوش مزاج هو ۽ وقتي مزو به ايندو هوس، پر سچي جيوت سندس اڳيان گذر ڪندي پئي ويئي ۽ ڪيس سپرش به ڪونه پئي ڪيائين. جئن ڪيڏاري جو ڪينهوڙيءَ سان راند ڪندو آهي، تئن هن به پنهنجي ڌندي سان، پنهنجي آس پاس ماڻهن سان، کيليو پئي، جن کي هو جاچيندو هو ۽ جن منجهان ڪيس وندر پئي ميسر ٿي؛ پر پنهنجي دل ڪري، پنهنجي حقيقي سياءَ جي لحاظ کان، هو اُتي نه هو. سندس ساکياڻ پاڻ ڪٿهن ٻئي هنڌ رمي رهيو هو، دور دور، ڦرندو پئي هليو، اڻڏٺو، جنهن جو سنبنڌ سندس جيون سان ذرو به نه هو.

ڪڏهن ڪڏهن اهڙن خيالن کان پڻ ڪندو هو ۽ چاهيندو هو ته هوُ به ماڻهن جي ٻاراڻن روزانن ڪمن ڪارين ۾ سرگرم ڀرو وني ۽ سچ پچ ساڻن پاڳي پائي ٿئي، سندن زندگي رهي ۽ ماڻي ۽ نه تماشبينن جيان صرف کين ڏسندو رهي.

هو سوپياوان ڪملا وٽ نت نيم سان ڦيرو ڪندو رهيو،

سنسار

ڪجهه وقت سڌارٿ سنساري جيون رهيو، پر سنساري هجڻ بنا. سندس حواس جنکي هن اُتساهي سنياس وارن سالن منجهه ماري مات ڪري ڇڏيو هو سي وري جاڳي اُٿيا. هن دولت، ڪام ۽ بل جي چاشني چکي، پر دل اندر گهڻو وقت هي سنياسي ٿي رهيو. سياڻپ ۽ ڪملا اِها ڳالهه ڄاتي ٿي. ويچار ڪرڻ، ڌيرج ڌارڻ ۽ ورت رکڻ، اِها ڪلا ئي سڌارٿ کي جيوت جي راه تي هلائي رهي هئي. دنيا جا ماڻهو، رواجي اِنسان، سندس لاءِ اَڃا به ڌاريا هئا جئن هو ڪانئن الڳ ۽ نيارو هو.

سال گذرندا رهيا. سکي حالتن ڪري سڌارٿ کي خبر ڪا ڄاڻ رهي. هوءَ هاڻ ڌنوان هو. ڪجهه سمي کان هنکي پنهنجو گهر ۽ پنهنجا نوڪر چاڪر هئا، ۽ نديءَ جي ڪپ تي شهر جي پسگردائيءَ ۾ باغ پڻ هوس. ماڻهو کيس پائيندا هئا، جيڪڏهن پئسو پنجر ۽ صلاح مصلحت کپندي هئن ته وٽس لنگهي ايندا هئا. انهيءَ هوندي به ڪملا کان سواءِ ٻيو ڪو به گهرو دوست ڪونه هوس.

اُها شاندار، اوچ جاڳرتا، جا هن جوانيءَ منجهه گوتم جي پاسڻ ڪانپوءِ، گوتم کان جدا ٿيڻ بعد اُنيؤ ڪئي هئي، اُها چست ۽ لکي آس، اُهو بنا آچارين ۽ متن جي پاڻ ٿي اَڪيلو پاڙڻ جو ناز، پنهنجي هردي اندر پنهنجو پاڻ ايشوري آواز سڻڻ جي گهڙي چاهنا، هي سڀ آهستي هڪ خواب ٿي ويو هو، گذر ڪري ويو. اُهو پوتر چشمو جو ڪنهن

جوان هر روز سندس سکيائون ٻڌن ٿا ۽ هر هميشه سندس
هدايتن جي پيروي پيا ڪن، پر اهي سڀ آهن ڪرندڙ پن؛
انهن ڪي پنهنجي اندر منجهه اُها ٻڌي ۽ رهبر ڪونه آهي."

ڪملا ڏانهنس نهاريو ۽ مشڪيو. "وري به تون هنجي
باري ۾ پيو ڳالهائين،" هن چيس. "وري به توکي سنياسين
جا خيال پيا اَچن."

سڌارٿ چپ رهيو ۽ هو محبت جي راند کيڏڻ لڳا. "تون
آهين وڏي ۾ وڏو عاشق جنهن سان منهنجي ڏيٺ ٿي آهي،"
ڪملا سوچ ويچار سان کيس چيو. "تون منهنجي ڪلا چڱيءَ
طرح سکيو آهين، سڌارٿ. ڪنهن ڏينهن، سمي سارو تو منجهان
مونکي ٻار ٿيندو. ۽ انهيءَ هوندي به، منهنجا پيارا، تون
سنياسي ٿي رهيو آهين. توکي مون سان سچي پريت آهي ئي
ڪانه - تنهنجي ڪنهن سان به پريت نه آهي. اها حقيقت
ڪين آهي؟"

"ٿي سگهي ٿو،" سڌارٿ چيو. "آءٌ تو جهڙو آهيان. تون
پڻ پريم نٿي ڪري سگهين، نه ته ڪئن جيڪر تون پريم جو
ساڌن ڪلا يا هنر جيان ڪرين؟ شايد اسان جهڙا انسان پريم
ڪري نٿا سگهن. رواجي انسان ڪري سگهن ٿا - اهو آهي
سندن راز، سندن ڳجهارت."

ٻڌائي ڇڏيو. هو ياري ۽ شطرنج راند ڪرڻ، ناچ ڏسڻ، ڏولين
۾ چڙهي گهمڻ، نرم بستري تي سمهڻ سکيو. پر هو پاڻ کي
هميشه ٻين کان نيارو ۽ اُوچ سمجهندو هو؛ هو انهن کي ذرا
نفرت جي نگاهه سان، ٺوليءَ ٺوڪبازي ڀريل حقارت سان،
انهيءَ ڏڪار سان جا سدياسي هميشه سنساري ماڻهن ڏانهن
محسوس ڪندو آهي، ڏسندو هو. جيڪڏهن ڪامسواميءَ
کي ڪا آنڌ مانڌ ونندي هئي، جيڪڏهن هو سمجهندو هو
ته سندس بي عزتي ڪئي ويئي آهي، يا جيڪڏهن ڌنڌي
جي ڳالهين ۾ ڪا فڪرات ونندي هيس ته سدارت سدائين
مٿس ٺٺولي ڪندو هو. پر ڌيري ڌيري، ٻنا ڄاڻ جي،
جئن مندون پئي گذريون، تئن سندس ٺٺولبازي ۽ پاڻ کي
اُوچ سمجهڻ وارو ڀاوُ به گهٽبا پئي ويا. ٿورو ٿورو ڪري،
جئن سندس ڌن دولت وڌندا پئي ويا، تئن سدارت پاڻ
به معمولي ماڻهن جون خصلتون پرائڻ لڳو، سندن وانگر ڪي قدر
ٻاراڻي هلت هلڻ لڳو، ڪي قدر سندن جيان انتظار ڪرڻ لڳو.
۽ انهيءَ هوندي به هن لاءِ ڪيس ايرکا ٿيندي هئي؛ جئن
وڌيڪ وڌيڪ انهن جهڙو ٿيندو پئي ويو تئن وڌيڪ وڌيڪ
منجهس ايرکا جاڳندي پئي ويئي. هڪ ڳالهه جا انهن ۾ هئي
۽ جا هن ۾ نه هئي، تنهن لاءِ ڪيس ايرکا ٿيندي هئي: جنهن
نموني ۾ هو پنهنجي زندگي بسر ڪندا هئا تنهنجي اهميت
جو احساس، خوشي ۽ غم جي اُونهائي، سانده پريم ڪرڻ جي
شڪتيءَ منجهان اُٿيل انتظاريءَ وارو ۽ پر ساڳئي وقت ميناج
سان ڀريل آنند. اُهي ماڻهو هميشه پاڻ سان پريم ۾ هئا، پنهنجن
ٻارن سان، شان شوڪت ۽ دولت سان، پنهنجي تجويزن ۽ اُميدن
سان. پر اهي ڳالهيون هوُ انهن کان نه سکيو، اهي ٻاراڻيون
خوشيون ۽ چريائيون؛ هوُ صرف اَڻ وڻندڙ ڳالهيون ڪانئن سکيو
جن لاءِ ڪيس ڏڪار هو. اَڪثر جلد جلد ائين ٿيندو هو جو شام

لڳا سندس ويجهو هو ۽ جڏهن سندس هردي اندر وڏي آواز سان ڳاتو هو، سو هاڻي ڏوريءَ تان جهڪو ۽ جهيڻو آواز موڪلي رهيو هو. انهيءَ هوندي به ڪيترين ڳالهين جي هو سنياسين کان سکيو هو، گوتم کان سکيو هو، پنهنجي پِتا کان، برهمڻن کان، انهن کي هن ڄَمل وقت تائين سانڍيو: سنجيدگيءَ واري جيون، ويچار ڪرڻ جي موج، ڌيان ۾ لڳاتار وهڻ، ڳجهو گيان آتما جو، اَبناسي آتما جو، جو نه آهي سريرُ، نه آهي جاڻ ۽ سرت. انهن مان گهڻيئي هن پاڻ وٽ سانڍيون، ٻيون غرق ٿي ويئون ۽ ڌُز سان ڍڪجي ويئون. جئن ڪنڀر جو چڪر هڪواريءَ هلائڻ شروع ڪبو آهي ته پيو ڦرندو آهي ۽ تڏهن کان پوءِ ڍرو ٿيندو ويندو آهي ۽ نيٺ بيهجي ويندو آهي؛ اهڙيءَ طرح تپشيا جو چڪر، ويچار جو چڪر، وويڪ جو چڪر ڄَمل مدت تائين سڌارت جي ٻِڌيءَ اندر ڦري رهيا هئا؛ اُهو اُجا ڦريو پئي، پر ڍرو ۽ هٽڪي ۽ اچي بس بيهڻ تي هو. آهستي، جئن گهم مرڻينگ وڻ جي ٽُڙَ اندر پيهي، اُنکي ڪنو ڪندي آهي تئن سنساري هوا ۽ سستي سڌارت جي ٻِڌيءَ اندر پيهي ويئون؛ سندس ٻڌيءَ کي ڀري ڇڏيائون، اُنکي ڳرو ڪري ڇڏيائون، اُنکي ٿڪائي ڇڏيائون ۽ ليٽائي ڇڏيائون. پر ٻئي پاسي وري سندس حواس وڌيڪ تيز ٿيا، گهڻو ڪجهه سکيا ۽ گهڻو ڪجهه آزمودو ورتائون.

سڌارت سکي ويو هو ته سوڌو ڪئن ڪجي، ماڻهن کي پنهنجي وس ڪئن آڻجي، استرين سان ڪئن پاڻ وندرائجي؛ هو عمدا وستر پهرڻ، نوڪرن تي حڪم هلائڻ، سرهي پاڻيءَ ۾ اشنان ڪرڻ سکيو هو. هو لذيذ، رس ڀريا ۽ خيال سان بنايل طعام کائڻ، پڻ ماس مڇي ۽ پکي، مرچ مصالح، مال مٺايون ۽ شراب ورتائڻ سکيو، جنهن ڪيس آلسي ۽ وسرو

ٿي ويو هو.

سنسار کيس ڪڙي وِهُو هو؛ عيش عشرت، اهڙڪا، آلس ۽ آخرين اُهو عيب، جنهنکي هو سڀ کان وڏي بيعقلي سمجهي هميشه ڌڪاريندو هو— مايا جو موهه. ڌن، دولت، سمپتي، ۽ مال متاع جي ڪوڙڪي ۾ هو نيٺ ڦاسي پيو. هاڻي هو انهنکي راند يا کيڏوٽو ڪري ڪونه سمجهندو هو؛ هاڻي انهن زنجير ۽ بوجهي جي صورت ورتي هئي. سڌارت ٻاري جي راند رستي هن آخرين ۽ خراب ۾ خراب لاهيءَ جي عجيب، ورن وڪڙن وارن پيچرن تي پنڪڻ لڳو. جنهن وقت کان وٺي هن دليءَ طرح سنياسپڻو تياڳ ڪيو هو تنهن وقت کان وٺي هو پئسن لاءِ، جواهرات لاءِ، وڌندڙ اُتساهه سان ٻاري راند ڪرڻ لڳو— اها راند جنهن ۾ هو اڳي مشڪندي ۽ چاهه سان، معمولي ماڻهن جي رسم ۽ رواج سمجهي ٻهرو وٺندو هو. هاڻي هو جبرو جڙاري هو؛ ڪي ٿورا ساڻس کيڏڻ جو ست ساريندا هئا ڇاڪاڻ ته سندس داءَ تمام ڳؤرا ۽ بي پرواهيءَ جا هوندا هئا. هو راند انهيءَ ڪري ڪرڻ لڳو ڇاڪاڻ ته سندس دل انجي ضرورت ٿي محسوس ڪئي. هو جؤا رستي نگرو ڌن وڃائڻ ۾ خوشي وٺڻ لڳو. انهيءَ کان وڌيڪ صاف ۽ وڌيڪ چٽو وارو نمونو کيس هوئي ڪونه جنهن ۾ هو ڌن دولت- واپارين جي ڪوڙي ديوتا- لاءِ حقارت ڏيکاري. انهيءَ ڪري هو وڏيون ۽ بي لغام شرطون رکڻ لڳو ۽ جوکم کڻڻ لڳو، ساڳئي وقت پاڻکي ڌڪارڻ لڳو، پاڻ تي ٺٺولبازي ڪرڻ لڳو. هن هزار کٽيا، هزار وڃايا، هزارن جي اُڇل ڏني، جواهرات هارائي، ڳانؤ وارو مڪان هارايو، وري کٽيو، وري وڃايو. اُها اُٽڻ کيس وڻندي هئي، اها ڀيانڪ ۽ آزار ڏيندڙ چِنتا جا هؤ ٻاري راند ڪرڻ وقت، ڳرن دائن رکڻ وقت محسوس ڪندو هو. انهيءَ احساس مان کيس مزو ايندو هو

جو مؤج اُڏائڻ بعد هوَ بئي صبوح جو دير تائين بستري ۾ ليٽيو پيو هوندو هو۽ پاڻکي موڳو ۽ ٿڪل پيو ڀاسندو هو. ڪامسوامي جيڪڏهن اچي ڪيس پنهنجين چنتائن ۽ انتظارن سان هلاڪ ۽ خفي ڪندو هو ته منيان لڳندي هيس ۽ بي صبر ٿي پوندو هو. جيڪڏهن پاري راند ڪندي هارائيندو هو ته وني زور سان ٽهڪ ڏيندو هو. سندس چهري مان اُجا به ٻين ماڻهن جي چهري کان وڌيڪ هوشياري ۽ دماغ جي جهلڪ پئي آئي پر هو ورلي کلندو هو ۽ آهستي آهستي سندس چهري تي به اُهڙا ئي نشان ظاهر ٿيا جهڙا اُڪثر شاهوڪار ماڻهن جي چهرن تي ڏسبا آهن — رنج جا، نا چاڪائيءَ جا، سستيءَ جا، ناراضپي جا ۽ رڪائيءَ جا. شاهوڪارن واري مانسڪ بيماري منجهس پڻ پرويش ڪري ويئي.

پڙدي مثل، سنهي ڪوهيڙي مثل، ٿڪاوٽ، بيزاري سڌارٿ مٿان ڦهلجي ويئي، آهستي، هر روز ڪجهه وڌيڪ گهاٽي، هر مهني ڪجهه وڌيڪ ڪاري، هر سال ڪجهه وڌيڪ ڀاري. جئن سمي پائي نئون لباس کهنو ٿئي ٿو، پنهنجو روشن رنگ وڃائي ٿو، منجهس داغ ۽ گهنج اُچيو پون، ڪنارُ ڪسيو پوي ۽ ڪن هنڌ ڪمزور ۽ ڪٽل ٿي پوي، تئن سڌارٿ جي نئين جيوت جا هن گووند کان جدا ٿيڻ بعد شروع ڪئي هئي سا جهوني پراڻي ٿي ويئي. ساڳئي نموني، جئن سال ويا نبرندا تئن هن جي جيوت پنهنجو رنگ ۽ چمڪو وڃائي ڇڏيو: گهنج ۽ داغ منجهس ويا ڪنا ٿيندا، اُونهاين ۾ ڇپندا، ڪٿي ڪٿي ظاهر ٿيندا، ڪيس غيرت ڏيارڻ لاءِ، نفرت وٺائڻ لاءِ، ڪيس سچ ٻڌائي سجاڳ ڪرڻ لاءِ. سڌارٿ کي ڪَر نه رهي. هن صرف معلوم ڪيو ته صاف ۽ روشن، اندر جو آواز جو منجهس هڪ دفعو جاڳرت ٿيو هو ۽ جنهن سدائين سندس عمدين کان عمدين گهڙين ۾ رهبري پئي ڪئي سو خاموش

جي وقت، هوُ ڪملا سان گڏ سنڌس سنڌر، راحت بخش
باغيچي ۾ هو. وڻ هيٺان ويٺي ڳالهيون ڪيائون. ڪملا
گنڀيرتائيءَ سان ٿي ڳالهايو، شوڪ ۽ بيزاري سنڌس اکرن
پٺيان لڪل هئا. هوءَ ڪيس گوتم جي باري ۾ ڪجھ ٻڌائڻ
لاءِ چئي رهي هئي ۽ جڏهن ٻڌائين پئي تڏهن وڏيڪ ٻڌڻ لاءِ
هوءَ منتظر ٿيندي ويئي: ڪيترو نه صاف هئا سريشٽ پرش
جا نيتر، ڪيترو نه مانيٺوءَ سنڌر هو سنڌس مکارونڊ، ڪيتري
نه ڪرپا ڀريل هئي سنڌس مشڪ، ڪيترو نه شانت-ميه هو
سنڌس هلت چلت جو سمورو نمونو. گهڻي وقت تائين هوُ
سريشٽ ٻُڌَ جي باري ۾ ساڻس ڳالهائيندو رهيو ۽ ڪملا تڏا
ساهه پٽي پريا ۽ چيائين: ”ڪڏهن ڏينهن شايد جلد ئي، آءٌ
هن ٻُڌَ جي. شرڻ ٿينديس. آءٌ ڪيس پنهنجو راحت بخش باغيچو
ارپن ڪنديس ۽ سنڌس سکيائن ۾ اچهو وٺنديس.“ پر وري
ڪملا ڪيس هرڪايو، ڏنا ريو ۽ محبت جي راند ۾ اڙايو. ڪملا
جو منهن سنڌس منهن جي نزديڪ هو ۽ سنڌس اکين هيٺان
۽ سنڌس مکه جي ڪُنڊن نزديڪ هن پهريون ئي دفع صاف
صاف ڏکدائي لشاني ڏٺي — نفيس گهاريون ۽ گهنج، اها
لشاني جنهن خزان ۽ پيرائپي جي ياد ٿي ڏياري. سڌارٿ پاڻ،
جو اڃا چاليهن ۾ هو، تنهن پنهنجن ڪارن وارن ۾ ڪٿي
ڪٿي اڇا وار ڏٺا هئا. ڪملا جي سوپياوان چهري مٿھ ٿڪاوٽ
۽ بيزاري نقش ٿيل هئا، بيزاري انهيءَ لمبي پيچري ٿي هلڻ
ڪان جنهن ڪي ڪو به سکدائي اديش اڳيان ڪونه هو، بيزاري
۽ ايندڙ پيري، ۽ لڪل ۽ اڃا ظاهر نه ٿيل، شايد اڃا محسوس
نه ٿيل ڀؤ — زندگيءَ جي خزان جو ڀؤ، پيرائپي جي ڀؤ، موت
جو ڀؤ. تڏا ساهه ڀريندي، دکه ۽ ٻجهي ڀؤ ۾ ڀريل دل سان،
هن ڪملا کان موڪلايو.

سڌارٿ تنهن ڪان پوءِ رات پنهنجي گهر ۾ نچڻين جي سنگ ۾،

۽ هُو انکي نت نئين رکڻ لاءِ، وڌائڻ لاءِ، جوش ۽ قوت ڏيڻ لاءِ پيو ڪوشش ونندو هو، ڇاڪاڻ ته صرف انهيءَ احساس ۾ ئي هُو ڪنهن قسم جو آنند، ڪنهن قسم جو جوش، ڪنهن قسم جو سوادي گذارو، لرپت ٿيل، ٿڪي، بي رس ۽ بي سوادي زندگيءَ جي وچ ۾، ڏسڻ لڳو. ۽ سڀ ڪنهن پاري نقصان کان پوءِ، هو پنهنجو وقت نئينءَ دولت جي حاصلات ۾ ڪاٽيندو هو؛ شوق منجهان هُو ڏنڊو ڪندو هو، قرضدارن کي پئسن واپس ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو هو، ڇاڪاڻ ته وري راند ڪيڏڻ تي سندس چاهنا ٿيندي هئي، وري پئسي وڃائڻ تي سَڌَ ٿيندي هيس، وري ڏن دولت جي لاءِ نفرت ڏيکارڻ تي سَڌَ ٿيندي هيس. نقصان پوندا هيس ته اُڌير ٿي پوندو هو، قرضدار قرض آهستي آهستي موٽائيندا هيس ته هُو صبر وڃائي وهندو هو، فقيرن ڏانهن هاڻي هُو وڌيڪ ديا ڀاوُ ڪونه ڏيکاريندو هو، غريبن ۽ مسڪينن کي سوکڙيون يا قرض ڏيڻ تي دل ڪانه ورندي هيس. هُو جو ٻاري جي اُڇل تي ڏهه هزار شرط رکي پيو هسندو هو سو ڏندي ۾ وڌيڪ پکو ۽ نيچ ٿي پيو ۽ وقتي رات جو پئسي جي باري ۾ خواب لهڻ لڳو. ۽ جڏهن جڏهن انهيءَ نفرت لائق نشي مان سجاڳ ٿيندو هو، ۽ پنهنجو منهن پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي ديوار تي ٽنگيل آرسيءَ منجهه ڏسندو هو، وڌيڪ عمر چڙهيل، وڌيڪ بدزيبو ۽ جڏهن جڏهن شرم ۽ نفرت اچي وڙهيندا هيس تڏهن هُو وري ڀڄندو هو، ڀڄندو هو قسمت جي نئينءَ راند ڏانهن، ڀڄندو هو مونجهاري ۾ نفس پرستيءَ ڏانهن، شراب خوريءَ ڏانهن ۽ اتان وري واپس دولت حاصل ڪرڻ ۽ ڪٺي ڪرڻ جي ڪشش ڏانهن. انهيءَ بي تميز ڊوڙي ۾ هن پاڻکي ٿاڪاري نستو ڪري ڇڏيو، پوڙهو ۽ بيمار ٿي پيو.

لنهن کان پوءِ هنکي هڪ خواب يادگيري ڏياري. شام

ڏانهن وڌي ويو ۽ منجهس ليٽيو پياتائين. اهو ننڍڙو ٻڪي مري ويو هو ۽ ٽوپي ۾ سڄيو پيو هو. هن کيس ٻاهر ڪڍيو، گهڙي ساعت هٿ ۾ جهليائينس ۽ پوءِ رستي تي ڪري اڇلائينس، ۽ ساڳئي وقت کيس هراس وٺي ويو ۽ سندس دل اندر درد ٿيو جڻ ته مئل ٻڪيءَ کي اڇلائڻ سان پنهنجي اندر ۾ جيڪي نيڪ ۽ قيمتي هوس سو سڀ اڇلي ڇڏيو هئائين.

جڏهن هو سپني مان جاڳيو، تڏهن کيس اڳي ڏک جو جذبو ويڙهي ويو. کيس ڏسڻ ۾ آيو ته هن پنهنجي جيون ناڪام ۽ بي سمجهه طرح گذرائي هئي؛ هن وٽ ڪابه مکيه وستو، قيمتي يا يوڳيه نه رهي هئي. هو هاڻي اڪيلو، سمنڊ جي ڪناري تي ڀڳل جهاز مان لٿل آيل ماڻهوءَ جيان هو.

اداس، سڌارڪ پنهنجي وڏڙ ۽ وڻن واري باغيچي ۾ ويو، دروازو بند ڪيائين، هڪ انب جي وڻ هيٺ وڃي ويٺو ۽ پنهنجي دل اندر هراس ۽ موت محسوس ڪيائين. ڏيري ڏيري پنهنجي خيالن کي ڪٺو ڪيائين ۽ پنهنجي سموريءَ جيوت تي، پنهنجي ننڍپڻ جي ڏينهن کان وٺي، جيتري قدر هو ياد ڪري سگهيو، نظرثاني ڪيائين. ڪڏهن هن کي سچو سک پراپت ٿيو هو؟ ڪڏهن هن آنند جو سچو آزمودو ورتو هو؟ هائو، هن کي گهڻيئي دفعا اهڙو تجربو حاصل ٿيو هو. پنهنجي ڇوڪراڻي وهيءَ ۾ هن اهو آنند ورتو هو، جڏهن برهمڻ سندس ساراهه جا ٻڪ پڙهندا هئا، جڏهن هو پنهنجن سهيوڳين کان گوءِ کڻي ويندو هو، جڏهن هو پورو سلوڪ اچارڻ ۾ ڪسر ڪڍندو هو، ودوانن سان واد وواد ۾ پنهنجو جوهر ڏيکاريندو هو، جڏهن پوڄا پرارٿنا ۾ ٻين جي سهايتا ڪندو هو. تڏهن هن پنهنجي دل اندر آنيو ڪيو هو: ”مارڳه آهي تنهنجي اڳيان جنهن تي توکي سفر ڪرڻو آهي. ديوتائون آهن تنهنجي واسطي ٽرسيل.“ ۽ وري جوانيءَ

شراب جي خمار ۾ ڪاڻي هئي؛ پنهنجن سنگتين کان پاڻ کي اوچ سمجهڻ جو مکر ڪيو هئائين، پر سچ پچ هوُ انهن کان اوچ نه هو. هن گهڻو شراب پيتو هو ۽ اَڌ رات جو دير سان وڃي سمهيو، ٿڪل ٽٽل ۽ اَشانت، ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي ۽ نا اُميديءَ سان پر پور. تنهن لاء گهڻي ئي ڪوشش ڪيائين پر سڀ نسقل. سندس دل اينترو نه دک سان پرپل هئي جو هن محسوس ڪيو نه هاڻي ڪيس وڌيڪ سهن شڪتي ڪانه رهي هئي. نفرت سان اينتري قدر نه پرجي ويو جو اُها مٿس غالب پئجي ويئي اُگري شراب مثل يا انهيءَ سنگيت مثل جو بيحد منوءِ هلڪو هو، يا نچڻين جي منيءَ مرڪ مثل يا سندن زلفن ۽ چانيءَ جي نهايت وڻندڙ عطر مثل. پر سڀ کان وڌيڪ نه هنکي نفرت پئي آئي پاڻ منجهان، پنهنجي سگهنڌ پرپل وارن منجهان، وات ۾ شراب جي بانس منجهان، پنهنجي ضعيف ۽ ڦيڪيءَ چمڙيءَ منجهان. جئن ڪو ماڻهو حد کان وڌيڪ کاني پيني سان پاڻ ڏلهي چڏيندو آهي ۽ پوءِ جڏهين درد کان اُلٽيون ڪندو آهي تڏهن وڃي پاڻکي بهتر سمجهندو آهي، تئن هي بي آرام شخص پڻ چاهڻ لڳو نه هڪڙي ئي ڌڪ سان هنن مزن ۽ مؤجن کان، هن سموريءَ ڦهيلا ٽپ واري زندگيءَ ۾ پوايل عادتن کان جند آزاد ڪريان. صرف پرهه ڦٽيءَ جو جڏهن سندس شهري گهر جي ٻاهران سرگرميءَ جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون، تڏهن مس مس سندس اک لڳي ۽ ڪن پلڪ، پاڻ کان غافل، ننڊ جو نالو مس نصيب ٿيس. انهيءَ وقت اندر هن هڪ سپنو لڌو.

ڪملا ڪي هڪ ننڍڙو نادر ڳائڻو پکي هڪ ننڍڙي سونهري پڃري ۾ رکيل هو. هن سپنو اُنهيءَ پکيءَ جي ٻاري ۾ لڌو. هي پکي جو سداءِ صبوح جو ڳائيندو هو، سو اوچتو چپ ٿي ويو ۽ جئن انهيءَ ڳالهه ڪيس ڇرس ۾ وڌو تئن هو پڃري

ڪملا ڪي به آيا سندس گهرج هئي؟ هيءَ صرف راند نه هئي جا هو ٻنا مقصد جي ڪيڏي رهيا هئا؟ ڇا اهوئي جيوت جو مقصد هو؟ نه، انهيءَ راند کي سڏجي ٿو سنسار، ٻارن جي راند، راند جنهن جو هڪ دفعو، ٻه دفعا، ڏه دفعا ڪيڏڻ منجهان شايد مزو اچي به ـــ پر انڪي ساندهه ڪيڏڻ بوگيه هو؟

سڌارٿ کي سڌ هئي ته راند پوري ٿي چڪي هئي، اها وڌيڪ ڪيڏڻ بيڪار هئي. سندس لڱن مان ڏڪڻي لنگهي ويئي. هن محسوس ڪيو جڻ ته ڪي ڪجهه مري چڪو هو.

هوُ اهو سارو ڏينهن انب جي وڻ هيٺان ويٺو رهيو، پنهنجي پتا جي ويچار ۾، گووند جي ويچار ۾، گوتم جي ويچار ۾. ڇا هن انهن سڀني کي تياڳ ڪيو هو ڪامسوامي ٻڻجڻ واسطي؟

هوُ اتي ويٺو رهيو جيسين رات ٿي. جڏهن هن مٿي نهاريو ۽ تارا ڏٺا، تڏهن هن ويچار ڪيو: آءٌ ويٺو آهيان پنهنجي انب جي وڻ هيٺان پنهنجي دلپسند باغيچي ۾. هوُ ذرا مشڪيو. اهو ضروري هو، اهو ٺيڪ هو، اها مورکتا نه هئي جو هن وٽ انب جو وڻ ۽ باغيچو هجي؟

سندس واسطو ان سان ختم ٿي چڪو هو. اهو به منجهس مري چڪو هو. هو اٿيو، انب جي وڻ ۽ ورونهن واري باغيچي کي الوداع ڪيائين. جڏهن ته هن سارو ڏهاڙو ڪجهه به نه کاڌو هو، هن ڏاڍي بک محسوس ڪئي ۽ شهر ۾ پنهنجي گهر جو، پنهنجي ڪمري ۽ بستري جو، کاڌي پيتي ميز جو ويچار آيس. هن بيزاريءَ منجهان مشڪيو، ڪنڌ ڌوڻيائين ۽ انهن سڀني شين کي الوداع ڪيائين.

انهيءَ ساڳيءَ رات سڌارٿ پنهنجو باغيچو ۽ شهر ڇڏيو ۽ وري نه موٽيو. گهڻي وقت تائين ڪامسواميءَ ڪيس ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪئي؛ ڪيس اهوئي خيال هو ته هوُ ڪن ڌورن

۾، جڏهن سندس سداءِ اوچ ويندڙ منزل کيس هڪجهڙن جگياسن جي انبوه منجهه ۽ ان کان ٻاهر ڇڪي ويندي هئي، جڏهن هوءَ برهمڻ جي سکيائن کي سمجهڻ جو سخت يتن ڪندو هو، جڏهن هرڪا تازي پرايل سکيا منجهس نت نئين پياس جاڳائيندي هئي، ۽ وري پوءِ انهيءَ پياس جي وچ ۾، انهن ڪوشش جي وچ ۾، کيس ويچار ايندو هو: اڳيرو، اڃا اڳيرو، اهو آهي تنهنجو مارگ. هن اهو آواز ٻڌو هو جڏهن هن پنهنجو گهر ڇڏيو هو ۽ سنياس جي جيون پسند ڪئي هئائين ۽ وري جڏهن سنياسين کي ڇڏيو هئائين ۽ پورن پرش وٽ ويو هو، ۽ پڻ جڏهين نامعلوم منزل لاءِ هنکي ڇڏي هليو ويو. ڪيترو وقت هاڻ ٿي ويو هو جڏهن هن هي آواز ٻڌو هو، ڪيترو وقت هاڻ ٿي ويو هو جڏهن هوءَ ڪن به اوچاين تي اڏاميو هو؟ ڪيتري قدر نه سندس هاٺوڪو رستو ويران ۽ نراسائيءَ سان پريل هو! ڪيترا سارا سال ڪنهن به اوچ اُديش کان سواءِ هن ضايع ڪيا هئا، بنا پياس جي، بنا آنند پائڻ جي، ننڍين خوشين ۽ ننڍ مزن ۾ پرسن ۽ انهيءَ هوندي به سڄي پڄي، حقيقي ترپتي کان! بنا ڄاڻ جي، هي سڀ سال هن ڪوشش پئي ورتي هئي ۽ اُبلاڪا پئي رکي هئي انهن سڀني بين ماڻهن وانگر ٿيڻ جي، انهن ٻارن وانگر ٿيڻ جي، ۽ انهيءَ هوندي به سندس زندگي هنن جي زندگيءَ کان وڌيڪ ڏکي ۽ وڌيڪ اُبالي پئي رهي هئي، ڇاڪاڻ ته انهن جا مقصد ۽ مرادون ساڳيون سندس جهڙيون نه هيون، نه وري انهن جا غم ۽ ڳوندر ڪو سندس جهڙا ساڳيا هئا. ڪامسوامي جهڙن ماڻهن جي هيءَ سموري دنيا هئي سندس لاءِ راند مثل، ناچ مثل، ناٽڪ مثل، جنهن جي ڏسڻ لاءِ ماڻهو شائق ٿو رهي. صرف ڪملا کيس پياري هئي - سندس لاءِ ملهه واري هئي - اڃا به ونس سندس ملهه هو؟ اڃا به کيس ڪملا جي گهرج هئي -

نديءَ ڪناري

سڌارٿ شهر کان اڳيئي گهڻو دور، گهمندو ڦرندو اچي ٻن ۾ نڪتو؛ صرف هڪ ڳالهه جي سڌ هيس - ته هو واپس ڪونه ورندو، جنهن نموني جي جيون هو هيترن سالن تائين رهيو هو سا گذر ڪري چڪي، ماڻهن چڪي ۽ نفرت جي حد تائين خالي ٿي چڪي. ڳانڍو پکي مري ويو، اهو موت جنهن ٻاري ۾ هن خواب لڌو هو، سو سندس هردي اندر پکيءَ جو هو. هو سنسار ۾ اونهو لهي ويو هو، هن سڀني طرفن کان نفرت ۽ موت کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪئي هئي، جئن ڪر ٻاٽي چوسيندو آهي جيستائين صفا ڀرجي وڃي. هو بيزاريءَ سان، ڏرگتيءَ سان، موت سان ڀريل هو؛ دنيا اندر ڪجهه به نه رهيو هو جو کيس ڪشش ڪري، کيس سک ۽ آٿت ڏئي.

هن دل ۽ جان سان نيستي چاهي، شانتي چاهي، موت چاهيو. جيڪر صرف ٻجليءَ جو چمڪاٽ اچي مٿانئس ڪڙڪي! جيڪر صرف چيتو اچي کيس ڳرڪائي! جيڪر صرف ڪجهه شراب، ڪجهه زهر، موجود هجي جو کيس نيستيءَ ڏانهن نئي، پاڻ وسارائي ڇڏي، ننڊ ڏيئي ڇڏي ۽ وري نه جاڳائي! ڪا اهڙي بدڪاري ڪانه وڃي رهي هئي جنهن سان هن پاڻ کي نه رنگيو هجي؛ ڪو اهڙو پاپ ۽ مورکتا ڪانه وڃي رهي هئي جو هن کان نه ٿي هجي؛ سندس اندر جو ڪوبه داغ ڪونه وڃي رهيو هو جنهن لاءِ هوئي

جي ور چڙهيو هوندو. ڪملا ڪيس ڳولي لهڻ جي ڪا به ڪوشش ڪانه ورتي. ڪيس ڪنهن به قسم جو تعجب ڪونه لڳو جڏهن ڪيس سڌ پيئي ته سڏارت گم ٿي ويو آهي. هن هميشه ڪين ٿي سمجهيو ته ائين ٿيندو؟ هُو سنياسي ڪين هو، بنا گهرگهاٽ جي، صرف هڪ ياتري؟ سندس پڇاڙيءَ جي گڏجاڻيءَ وقت هن هونئن ڪان وڌيڪ اها ڳالهه محسوس ڪئي هئي ۽ پنهنجي وڇوڙي جي شوڪ ۾ هن کي انهيءَ ڳالهه خوشي ڏني ته انهيءَ پوئين موقع تي هن ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ لڳايو هو.

جڏهن هن سڏارت جي گم ٿي وڃڻ جي پهرين خبر ٻڌي تڏهن هوءَ دريءَ وٽ وئي جتي سونهري پڃري ۾ سندس اَڻ لڀ ڳائڻو پکي رکيل هو. هن ان پڃري جو دروازو پٽيو، پکيءَ کي ٻاهر ڪڍيائين ۽ اُنکي اُڏائي ڇڏيائين. گهڻو وقت هوءَ گم ٿي ويندڙ پکيءَ ڏانهن نهاريندي رهي. انهيءَ ڏينهن کان وٺي هن ڪنهن به ملاقيءَ کي پاڻ وٽ اَچڻ ڪونه ڏنو ۽ پنهنجو گهر بند رکيو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن کي ڄاڻ پيئي ته سڏارت سان سندس آخرين گڏجاڻيءَ ڪري هوءَ ڳورهاري ٿيل هئي.

سرير کي، هن سست، اُلٽي راهه هلندڙ جيوَ کي! شل ميچ ۽ واگهه ڪيس ڪائي ڪهائي ڇڏين، شل راڪس ڪيس ڏاري ڦاڙي ٽڪريون ٽڪريون ڪري ڇڏين!

گهنجيل منهن سان هن پاڻيءَ منجهه گهور ڪري نهاريو. هن پنهنجي شڪل جو پاڇو منجهس ڏٺو ۽ اُنس ٽُڪيائين. هن پنهنجي ٻانهن وڻ جي ٽڙ ڪان الڳ ڪئي ۽ ٽورو ور ڪاڍائين جنهن مٿي پير وجهي ڪري ۽ هيٺ غرق ٿي وڃي. هو لڙيو، اڪيون پوري — موت ڏانهن.

اُنهيءَ وقت سندس اندر جي ڪنهن ڏورانهين پاڳي منجهان، سندس ٽڪل جيون جي پورب ڪال منجهان، هن هڪ آواز ٻڌو. اهو هو هڪ شبد، هڪ پد، جو هن بنا ويچار جي ڇپن ۾ اُچارڻ ڪيو - سيني برهمڻن جي پراڻن آد ۽ انت، پوتر اوم، جنهن جو ارٿ آهي ”پورن پرش“ يا ”پورنتا“. انهيءَ پل ۾، جڏهن اوم جو آواز سندس ڪنن تائين پهتو، سندس ستل جيءُ جاڳي اٿيو ۽ هن پنهنجي ڪرتوت جي ڇسپائي محسوس ڪئي.

سڌارٿ بي حد ڌهلجي ويو. هو انهيءَ منزل تائين اچي پهتو هو؛ ايتري قدر نه هو ڪريل هو، ايتري قدر نه هو منجهيل هو، ايتري قدر نه سندس دماغ ڪمزور ٿي ويو هو، جو هن موت جي چاهنا ٿي رکي. اُها چاهنا، اُها ٻاراڻي چاهنا منجهس زور وٺي ويئي هئي: سرير کي ناس ڪرڻ سان شانتي پراپت ڪرڻ جي. هنن ويجهرائي وارين سمورين پيڙائن، حقيقتن جي سموريءَ شناس، سموري نراسائيءَ مٿس اڳي ايترو اثر پيدا نه ڪيو هو جيترو هينئر جڏهن اوم سندس سرت اندر پرويش ڪيو ۽ هن پنهنجي گراوٽ ۽ پاپ محسوس ڪيو.

”اوم“، هن اندر منجهه اُچاريو، ۽ ڪيس برهم جي سرت پيئي، جيوت جي امرتائي جي ٻوجهه پيئي؛ جيڪي ڪي هن

ٿلاهي نہ هو؟ انهن حالتن هيٺ هن لاءِ جيئڻ سنئون هو؟ هن لاءِ اهو هاڻ ممڪن هو وري ساهہ اندر کڻڻ، ساهہ ٻاهر ڪڍڻ، بکہ محسوس ڪرڻ، وري ڪائڻ پيئڻ، وري ننڊون ڪرڻ، وري يوڳہ ولاس ڪرڻ؟ هي چڪر سندس لاءِ ختم ۽ پورو نہ ٿي چڪو هو؟

سڌارٿ ٻن منجھ شاهي نديءَ وٽ اچي پهتو. اها ساڳي ندي جنهن جي پار پاڻي ڪيس وٺي ويو هو جڏهن هو اڃا نوجوان هو ۽ گوتم جي شهر مان ٿي آيو هو. هو نديءَ وٽ ترسيو ۽ ڪپ تي ٻہ - چتو ٿي بيٺو. ٿڪ ۽ بکہ ڪيس ڪمزور ڪيو هو. هو ڇو اڳتي وڌي، ڪٿي ۽ ڪهڙيءَ مراد سان؟ وڌيڪ اُديش نہ هو ٿي ڪوبہ سواءِ اُونهيءَ درد ڀريل آرزوءَ جي تہ هن سموري مدهيل خواب کان آزاد ٿجي، هي بي سوادي، باسي شراب ٿوڪي ڪڍجي ۽ هن ڪڙيءَ، دکي جيوت جي پڄاڻي آڻجي.

نديءَ جي ڪپ تي هڪ ناريل جو وڻ هو. سڌارٿ اُتي ٽيڪ ڏني، ٿڙ کي ٻکُ وڌو ۽ سائي پاڻيءَ منجھ نهاريائين جو سندس هيٺان وهي رهيو هو. هن هيٺ نهاريو ۽ سندس دل اندر انهيءَ چاهنا زور پڪڙيو تہ پاڻکي هيٺ ڇڏي ڏيان ۽ پاڻيءَ منجھ غرق ٿي وڃان. جل جو سياٽ پروجهندڙ خال سندس جيون جي خوفناڪ خال جو اظهار هو، پاڇو هو. هائو، هو اُنت تائين اچي پهتو هو. هنکي بيو چارو هو ٿي ڪونہ سواءِ پاڻ کي ميٽڻ جي، ميسارڻ جي، پنهنجي جيون جي ناڪامياب اُڏاوت کي ناس ڪرڻ جي، اُنکي اُڇلائي ڇڏڻ جي، جا ديوتائن جي ٺٺوليءَ جو باعث هئي. اهوئي ڪم هو جو هن ڪرڻ ٿي گهريو، اُنهيءَ روپ جو خاتمو آڻڻ جنهنکي هن ڌڪاريو ٿي! شل مڇيون هنکي ڳرڪائي وڃن، هن ڪتي جهڙي سڌارٿ کي، هن ديوانې کي، هن گندي ڌراڇاري



”مونکي ننڊ هئي،“ سڌارٿ چيو. ”تون هتي ڪئن آئين؟“ [صفحه ٨٩]

وساري ڇڏيو هو، جيڪي ڪي ايشوري هو، سو ڪيس ياد آيو.
پر اهو سڀ هڪ ڪن لاءِ ئي هو، هڪ ٻجليءَ جو چمڪاٽ.
سڏارت، ٽڪ جي غالب پوڻ ڪري، ناريل جي وڻ هيٺ جهڪي ويهي رهيو. اوم جو چپن ۾ اُچارڻ ڪندو، هن پنهنجو مٿو وڻ جي پاڙن تي رکيو ۽ گهري ننڊ ڪٽي ويس.

سندس ننڊ هئي گهِري ۽ بي خواب ؛ هنڪي گهڻي وقت کان اهڙي ننڊ ڪڏهن ڪا نه آئي هئي. جڏهن گهڻن ڪلاڪن بعد جاڳيو، تڏهن ڪيس ائين نظر آيو جڻ ته ڏهاڪو سال گذري چڪا هئا. هن پاڻيءَ جي ڪومل ڇولين جو آواز ٻڌو ۽ هنکي سڌ نه رهي ته هو ڪٿي اچي نڪتو هو ۽ کهڙيءَ منشا سان اتي آيو هو. هن مٿي نهاريو ۽ وڻ ٽڻ ۽ مٿان آسمان ڏسي عجب ۾ پيو. ڪيس ياد آيو ته هو ڪٿي هو ۽ ڪئن هتي آيو هو. گهڻي وقت تائين اِئي ترسي وهڻ لاءِ ڪيس چاهنا ٿي. سندس گذريل جيوت هاڻي ڪيس هڪ پردي سان ڍڪيل نظر آئي، تمام دور ۽ ڪنهن به اهميت کان سواءِ. ڪيس صرف اها سڌ رهي ته سندس اڳوڻي جيوت (سجاڳيءَ ۾ واپس اچڻ جي پهرين گهڙين ۾ سندس اڳوڻي جيوت ڪيس هڪ ڏورانهين سمي ۾ جنم وراثل مثل نظر آئي، هاڻوڪي جيون جي اڳوڻي جنم مثل) ختم ٿي چڪي، اها ايترو ته ڏک ۽ ڪراهت سان ڀرپور هئي جو هن انکي ناس ڪرڻ ٿي چاهيو، پر نديءَ جي ڪپ تي، ناريل جي وڻ هيٺ، چپن تي اوم جي پوتر شبد سان هن پنهنجو پاڻ سنڀاري ورتو هو. تنهن کان پوءِ ڪيس ننڊ ڪچي ويئي هئي ۽ سجاڳ ٿيڻ وقت هو دنيا کي هڪ نئين انسان جيان ڏسڻ لڳو. ڪوملتا سان هن اوم جو شبد اُچارڻ ڪيو، جنهن جي اُچارڻ ڪندي ڪيس ننڊ ڪٽي ويئي هئي ۽ ڪيس ائين پاسڻ ۾ آيو جڻ ته سندس سموري ننڊ هئي اوم شبد جو ڏگهو ۽ اونهو اُچارڻ، اوم جو ويچارڻ، اوم

اندر، بي نام اندر، برهم اندر پرويش ڪرڻ ۽ سمائجي وڃڻ.

ڪهڙي نه اها وچتر ننڊ هئي! ڪڏهين به اڳي ننڊ کيس اهڙو تازو توانو نه ڪيو هو، نئون سنئون نه بڻايو هو، نئين جواني نه بخشي هئي! شايد هو سچ پچ مري ويو هو، شايد هو ٻڏي ويو هو، ۽ نئين روپ ۾ جنميو هو. نه، هن پاڻ کي سڃاتو، هن پنهنجا هٿ پير سڃاتا، هن جڳهه سڃاتي جتي هو سمهيل هو، هن پنهنجي سيني اندر پاڻ سڃاتو، سدارٿ، خود خيالي، پنهنجي وات وٺندڙ. پر هاڻوڪو سدارٿ ڪي قدر بدليل، ڪي قدر تازو توانو ٿيل هو. هن حيرت جهڙي ننڊ ڪئي هئي. هو بلڪل سجاڳ هو، پرسن هو ۽ عجيب هو.

سدارٿ اُٿي ويٺو ۽ ڏٺائين ته هڪ ڀڪشو جنهن کي گيڙوءَ رتو جبو پيل هو، جنهن جي مٿي جا وار ڪوڙيل هئا، سندس سامهون، هڪ خيالي پرش جيان ويٺو هو. هن انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن نهاريو، جنهنکي نه هئا وار مٿي تي، نه هئي سونهاري، ۽ هنکي اجا گهڻو وقت نهاريندي ٿيوئي ڪونه هو ته هن سڃاتو ته هي ڀڪشو، سندس ننڍپڻ جو دوست، گووند هو جنهن سريشٽ ٻُڌ جي شرن ورتي هئي. گووند به هاڻي اوستا جو وڏو ٿيو هو، پر سندس چهري ۾ اجا به ساڳيون وصفون پڌريون هيون — ابلاکا، صداقت، اُڻ تڻ، انتظار. پر جڏهن گووند سندس نگاهه محسوس ڪئي، پنهنجون اکيون مٿي ڪنيون ۽ ڏانهس نهاريو، تڏهن سدارٿ سهي ڪيو ته گووند کيس نه سڃاتو هو. گووند کيس سجاڳ ٿيندو ڏسي خوش ٿيو. ائين ڏٺو پئي ته هنکي اتي ترسئي گهڻو وقت ٿيو هو جيستائين هو جاڳيو، پر هن کيس سڃاتو ڪونه هو.

"مونکي ننڊ هئي،" سدارٿ چيو. "تون هتي ڪئن آئين؟"

"تون ننڊ ۾ هئين،" گووند جواب ڏنو، "۽ اهڙين جڳهين تي سمهڻ ٺيڪ نه آهي، جتي اَڪثر ٻيلي منجهان نانگ بلائون

”تون سدارٿ آهين؟“ گووند ڊاڍيان پڪاري چيو. ”هاڻي آءٌ توکي سڃاڻان ٿو ۽ مونکي سمجھ ۾ نٿو اچي ته مون توکي هڪدم ڇو ڪين سڃاتو. نمستي، سدارٿ. توکي وري ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.“

”آءٌ پڻ توکي وري ڏسي نهايت خوش ٿيو آهيان. تو منهنجي ننڊ وقت مون مٿان نگهباني ڪئي آهي. آءٌ وري به لنهنجي شڪرادائي ٿو ڪريان، جيتوڻيڪ مونکي پهري جي ضرورت ڪانه هئي. تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين، منهنجا مِترِ؟“

”آءٌ ته ڪيڏانهن ڪونه ٿو وڃان. اسين ڀڪشو ته سدائين راهگير آهيون، سواءِ برسات جي موسم ۾. اسين هميشه هڪڙي جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تائين پيا هلون، نيم آڌوسار جيوت گذاريون، ٻڌَ مَتي جو پرچار ڪريون، ڀيک ڪريون، ۽ اڳتي وڌون. سدائين ساڳيو نمونو آهي. پر تون ڪيڏانهن ٿو وڃين، سدارٿ؟“

سدارٿ چيو: ”مون سان به ساڳي حالت آهي جيڪا تو سان، منهنجا دوست، آءٌ ڪيڏانهن ڪونه وڃي رهيو آهيان. آءٌ پڻ راهگير آهيان. آءٌ ياترا ڪرڻ ٿو وڃان.“

گووند چيو: ”تون چئين ٿو ته تون ياترا ڪرڻ نڪتو آهين ۽ آءٌ توتي ويسهه ڪريان ٿو. پر مونکي ڪميا ڪجهه، سدارٿ، تون ياترين وانگر ڏسڻ ۾ ته ڪونه ٿو اچين. تو ڪپڙا پهريا آهن شاهوڪارن جهڙا، پيرن ۾ پاتو اٿيئي شوقينن وارو جولو، ۽ تنهنجا سڳنڌ پيل وار ته ڪنهن ياتريءَ جا نه آهن، نکي وري سنياسيءَ جا آهن.“

”تو بيشڪ مونکي چڱيءَ طرح تپاسيو آهي، منهنجا پريتم؛ تون پنهنجن تيز نيڻن سان سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهين. پر مون نه توکي ائين ڪونه چيو ته آءٌ سنياسي آهيان. مون چيو ته آءٌ ياترا ڪرڻ هليو آهيان ۽ اها حقيقت آهي.“

”تون هليو آهين ياترا ڪرڻ“ گووند چيو. ”پر تو جهڙن

۽ جانور اڃي پيا شڪار لاءِ ڦرن. آءٌ سريشٽ گوتم، ساڪيه مني ٻُڌَ جي ششن مان هڪ آهيان ۽ پنهنجي ڪن ڳُرُ ڀائين سان گڏجي ياترا تي وڃي رهيو آهيان. مون توکي خوفائتي هنڌ سمهيل ڏٺو، انهيءَ ڪري مون توکي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن ڏٺم ته تون گهريءَ ننڊ ۾ آهين تڏهن آءٌ پنهنجن ڀائرن ڪان پٺتي رهجي پيس ۽ تنهنجي پرسان ويهي رهيس. تنهن ڪان پوءِ اٺين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته خود مونکي، جنهن تنهنجي مٿان ڀهرو ڏيڻ تي چاهيو، ننڊ ڪٽي ويئي. ٿڪ منهنجي مٿان غالب پئجي ويو ۽ مون تنهنجو ڀهرو سالم نه رکيو. پر هينئر تون سجاڳ آهين، تنهن ڪري هاڻ آءٌ وڃان ٿو ۽ وڃي ٿو پنهنجن ڀائرن کي رسان."

"آءٌ تنهنجا شڪرانا ٿو مڃان، سنياسي، جو تو منهنجي ننڊ ۾ رکشا ڪئي آهي. سريشٽ پرش جا شش ديالو آهن، پر هاڻ تون ڀل پنهنجي واٽ وٺ."

"آءٌ هاڻ وڃان ٿو. شل تون سکي رهين."

"آءٌ تنهنجو ٿورائتو آهيان، سنياسي."

گووند نميو ۽ "نمستي" چئي.

"نمستي، گووند،" سڌارٿ چيو.

بکشو چپ چاپ ويهي رهيو.

"مونکي معاف ڪجو، سائين، توکي منهنجي نالي جي ڪئين خبر پيئي؟"

سڌارٿ انهيءَ تي کلي ڏنو.

"آءٌ ته توکي، گووند، تنهنجي پتا جي گهر ڪان ۽ برهمڻن جي پاٺشالا ڪان ۽ ياڳ پوڄائن جي وقت ڪان ۽ سنياسين سان اسان جي سنگ ۾ رهڻ ۽ جيتاون بن ۾ جنهن وقت تو سريشٽ پرش جي شرن وٺڻ جي پرتگيا ڪئي — انهيءَ سموري وقت ڪان وٺي توکي سڃاڻان."

سڌارٿ، مشڪندي ڪيس ويندو ڏٺو. هوُ اَڃا تائين ڪيس
پيار ڪندو هو، پنهنجي شردالوءَ ۽ اونَ ڪندڙ مترڪي. ۽
انهيءَ وقت، انهيءَ مهان گهڙيءَ اندر، پنهنجي حيرت انگيز
ننڊرا بعد، **اوم** سان وياپيل، هوُ ڪٿِن ٿي رهي سگهيو سواءِ
ڪنهن نه ڪنهن منش ڪي، سواءِ ڪنهن نه ڪنهن وستوءَ کي
پيار ڪرڻ جي؟ اُهوئي مٿس جادو ٿيل هو ننڊرا جي سمي
۾ ۽ **اوم** سان ڀرپور هئڻ جي سمي ۾ — هر وستوءَ کي هن
پريم ٿي ڪيو، جيڪا به وستوُ هن ڏٺي پئي تنهن لاءِ هو
آنند-مِيه سنيهه ۾ مگهن ٿي رهيو. ۽ هنڪي ڏسڻ ۾ آيو ته اهوئي
سبب هو جو اڳي اهڙو ناچاڪ ٿي گذاريائين چاڪاڻ ته هو ڪنهن
به وستوءَ ۽ ڪنهن به منش کي پيار نه ٿي ڪري سگهيو.

مشڪندي، سڌارٿ رمندڙ ڀڪشوءَ کي ڏسندو رهيو.
ننڊ هنڪي ٻل ڏنو هو، پر هڪ ڪيس وياڪل ڪرڻ لڳي چاڪاڻ
ته ٻن ڏينهن کان هن ڪجهه به نه ورتايو هو ۽ اُهو وقت گذري
ويو جڏهن هو ڪي ٿاري ٿي سگهيو. هلاڪ هوندي به،
هن ڪلندي اهو وقت ياد ڪيو. هن ياد ڪيو ته ٽن ڳالهين
بابت هن ڪملا سان ڏاڍ هنئي هئي، ٽن اُتم ۽ اَجيت ڪلائن
جي: ورت رکڻ، ڌيرج ڌارڻ ۽ ويچار ڪرڻ. اها هئي سندس
سمپتي، سندس ٻل ۽ شڪتي، سندس پڪي لٺ، سندس
اَڏول آڌار. پنهنجي جوانيءَ وارن هڏڏوکي ۽ اُپيوگ وارن
سالن ۾، هو صرف اهي ٽي ڪلائون سکيو هو ۽ ٻيو ڪجهه
به نه. هاڻي هوُ اهي گنوائي چڪو هو، ۽ منجهائن ڪنهن
هڪ ڪلا جو به هوُ ڌڻي نه هو، نه ورت رکڻ جو، نه
ڌيرج ڌارڻ جو، نه ويچار ڪرڻ جو. انهن جي بدران هن
نهايت بيڪار وستوُ، ڪڻ ڀنگر چيزون، ترشنائون، عيش عشرت
۽ ڌن دولت هٿ ڪيون هيون. هوُ هڪ اوُجهڙ راهه تي
وڃي پيو هو. ۽ هاڻ، ڪيس ڏسڻ ۾ آيو ته هوُ سچ پچ هڪ

وسترن سان، تو جهڙيءَ جُتيءَ ۽ وارن سان ته ڪي جزوي ماڻهو ياترا تي ويندا آهن. آءٌ ڪيترن سالن کان رتن ڪندو رهيو آهيان پر مون ڪڏهن به اهڙو ياتري ڪونه ڏٺو آهي."

"منهنجو ٽوٽيي ويس آهي، گووند. پر اڄ تنهنجو مقابلو اهڙي ياتريءَ سان، اهڙيءَ جُتيءَ پيل ۽ اهڙن وسترن پهريل سان ٿيو آهي. ياد رک، منهنجا پريه مترَ، ته هيءُ ڏيک ويک جو سنسار آهي چئن ڏينهن جو چٽڪو، اسانجي وسترن ۽ وارن جو رنگ آهي ڦرندڙ گهرندڙ، بلڪل ڪٽڻ‌گ. اسان جا وار ۽ اسان جا سرير خود آهن فاني. تو جاچيو ٺيڪ آهي. مونکي شاهوڪار ماڻهن وارا وستر اوڍيل آهن ۽ مون اُهي پهريا آهن ڇاڪاڻ ته آءٌ شاهوڪار ٿي رهيو آهيان، ۽ منهنجا وار پڻ دنيوي نٽوئن وانگر رکيل آهن ڇاڪاڻ ته آءٌ انهن مان هڪ ٿي رهيو آهيان."

"پلا، هاڻي تڏهن ڇا آهين، سڌارٿ؟"

"اِها سڌ نه اٿم، اِها سڌ جيتري توکي، اوتري مونکي. آءٌ آهيان وانهڙوُ. آءٌ دولتمند هوس، پر هاڻ ڪونه آهيان ۽ سڀاڻي ڇا هوندس، اُها سڌ نه اٿم."

"پنهنجي دولت گنوائي ڇڏي اٿئي ڇا؟"

"مون دولت وڃائي آهي يا اُن مونکي وڃايو آهي - مونکي پڪ نه آهي. دنيا جي پساري جو چڪر تکو پيو ڦري، گووند. ڪٿي آهي سڌارٿ برهمڻ، ڪٿي آهي سڌارٿ سنياسي، ڪٿي آهي سڌارٿ ڌنوان؟ بي بقا وستوُ جلد ڦري گهري ٿي، گووند. توکي اها سڌ آهي."

گهڻو وقت تائين گووند پنهنجي ننڍپڻ واري دوست ڏانهن گمان ڀريءَ نگاهه سان نهاريندو رهيو. پوءِ هن کيس اهڙي نموني پرنام ڪيو جئن ڪو ڪنهن پدويءَ واري منش کي ڪندو هجي ۽ رمندو رهيو.

ڏيان ۾ مگهن رهيس. آءٌ هوس برهم جي کوج ۾ ۽ آتما اندر
جيڪي اناديءَ ابناسي آهي تنهنجي پوڄا پٺيءَ کيم. جواني
۾ مونکي پراشچت جي ڪشش ٿي. بن وسايم، گرميءَ ۽ سرديءَ
سٺم. ورت رکڻ سکيس، سرير تي سوڀ پائڻ سکيس. تنهن
کان پوءِ سرشٽ ٻُڌَ جي اچرج جهڙي سکيا مان واقف ٿيس.
مون انيؤ ڪيو نه ڄاڻ ۽ جگت جي ايڪتا مون منجهه
منهنجي رت مثل دؤرو ڪري رهيون آهن، پر ٻُڌَ ۽ سرشٽ
وديا کي ڇڏي ڏيڻ جي لاچاري پڻ محسوس ڪيم. آءٌ
ويس ۽ وڃي ڪملا کان پريت جا ڀوڳ، ولاس ۽ ڪامسواميءَ کان
وڻج واپار سکيس، ڏن ميڙيم، خوب اڏايم، لذيذ ۽ سوادي ڀوڄن
کائڻ سکيس، اندرين کي آيارڻ سکيس. اهڙيءَ ريت گهٽيئي
ورهيه ضايع ڪيم پنهنجي سڌ ٻڌ وڃائڻ ڪاڻ، ويچار شڪتي
وڃرت ڪرڻ ڪاڻ ۽ وسنن جي ايڪتا وسارڻ ڪاڻ. اهو
سچ نه آهي، ته ڏيري ڏيري ۽ گهٽين ٿي گمراهين کان پوءِ،
آءٌ مرد مان ڦري ٻالڪ ٿي پيو آهيان؟ ويچاروان مان ڦري
رواجي منش؟ ۽ انهي هوندي به هي پيچرو ڪارائتو ٿيو آهي
۽ منهنجي سيني اندر پکي مري ڪونه ويو آهي. پر ڪهڙو
نه عجيب هيءُ پيچرو! ڪيتريءَ نه موڙ ڪٽا جو، ڪيترين نه
مداين جو، ڪيترين نه ڀُلن جو، ڪيڏي نه ڏکار جو، اکين
تان پردي هٽڻ جو، ۽ ڏک جو آزمودو پراڻو ٿيم صرف وري
ٻالڪ ٿيڻ ۽ جيوت نئين سر چالو ڪرڻ ڪاڻ. پر اهو نيڪ
هو، نه اٿين ٿئي. منهنجا نيتر ۽ منهنجو هردو انجو سٽڪار
ٿا ڪن. مونکي نرآشا جي آزمودي مان لنگهڻو هو، مونکي
من جي نيچ اونهاين ۾، ۽ اپگهات جي ويچارن ۾ غرق ٿيڻو
هو، انهيءَ لاءِ ته رحم جي درشٽي پايان، وري اوم شبد
سڻان، وري گهري ننڊ ماڻيان، ۽ تازو توانو ٿي اٿان.
مونکي وري مورک بڻجڻو پيو انهيءَ لاءِ ته آتما پاڻ منجهه

معمولي انسان هو.

سڌارت پنهنجي حال تي ويچار ڪرڻ لڳو. ڪيس ويچار ڪرڻ ڪنهن لڳو؛ هنجي سڀ پڇا اهڙي مرضي ۾ ڪانه هئي پر لاچار ڪرڻو ئي پيس.

هاڻي، هن سوچيو، ته هي سڀ ڪِڪِ ڀنگر وستوُ وڃي مون کان کسڪي ويئون آهن، آءٌ وري ۾ سورج هيٺ بيٺو آهيان، جئن جڏهن ننڍو ٻالڪ هوس تڏهن بيهندو هوس. ڪجهه ۾ منهنجو ڪين آهي، نه ڪجهه ڄاڻان ٿو، نه ڪجهه پلئه اٿم، نه ڪجهه پرايو اٿم. ڪهڙي نه حيرت جي وار ٿا چئبي! هاڻ جڏهن جواني موڪلائي ويئي، جڏهن منهنجا وار تڪڙو اڇا ٿيندا ٿا وڃن، جڏهن طاقت گهٽبي ٿي وڃي، تڏهن وري ٻالڪ وانگر ٿو شروعات ڪريان. هنکي وري مشڪڻو پيو. هائو، هنجي پرالبڌ عجيب هئي! هو پنتي پوندو پئي ويو، هاڻ هو سنسار ۾ وري ٿلهو، ننگو ۽ اجاڻ بيٺو هو. پر ڪيس ان بابت دک ڪونه ٿيو؛ نه، ڪيس ته اُلٽو کلڻ جي گهڻي خواهش ٿي، پاڻ تي کلڻ جي، هن وچتر مورک سنسار تي کلڻ جي!

تنهنجي جيوت جي ڌارا نه پٺ تي موٽ کائي رهي آهي، پاڻ کي چيائين ۽ کلياٿين، ۽ جئن هن اهي اکر چيا، تئن سندس نظر وڃي نديءَ تي پيئي ۽ هن ڏٺو ته ندي پڻ چوچ مان ڳائيندي، ساندہ پٺ تي وهي رهي هئي. انهي ڳالهه مان ڪيس ڏاڍي پرسنتا ملي؛ هو نديءَ تي خوش ٿي مشڪڻ لڳو. اها ساڳي ندي ڪين هئي، جنهن ۾ هن هڪواريءَ ٻڏڻ ٿي چاهيو—سوين سال اڳي— يا هن کو خواب لڌو هو؟

ڪهڙي نه عجيب نموني ۾ هن پهنجي جيون ڪاٽي هئي، هن سوچيو. هو عجيب پيچرن تي پتڪيو هو. ٻالپڻ ۾ ديوتائن سان ۽ پاٺ پوڄائن ۾ رذل هوس، نندپڻ ۾ تپشيا، ويچار ۽

جي لاٽ ٻڌي آهي ۽ انجي پيروي ڪئي آهي.

اهڙيءَ طرح هن پاڻ کي ساراهيو، پاڻسان پرسن ٿيو ۽ سندس پيٽ جو ٻڪ وچان گڙ گڙ ڪري رهيو هو تنهنجي گهر جن ڏانهن عجب وچان ڏيان ڏنو. هو سمجهڻ لڳو ته هن گذريل وقت ۾ پنهنجي دک ۽ درگتيءَ مان ڪي ڪجهه پورن رهت چکي ٿوڪاريو هو، جنهن هنڪي ذري گهٽ نراسائيءَ ۽ موت جي حد تائين رسايو هو. پر جيڪي ٿيو سو سڀ نيڪ هو. هو ڪامسواميءَ سان اڃا به وڌيڪ وقت رهي سگهي ها، ناڻو ڪٺو ڪري ۽ وڃائي سگهي ها، پنهنجي سرير کي ڪارائي ۽ پنهنجي آتما ڏانهن بي پرواهه ٿي سگهي ها؛ هو اڃا به ڳپل سمو انهيءَ ڪومل، چڱي طرح سينگاريل نرڪ اندر رهي سگهي ها، جيڪڏهن هيءَ ڳالهه نه ٻڌجي ها، هيءَ پورن نااميدي ۽ نراسائيءَ جي گهڙي نه اچي ها، اها انتظار واري گهڙي، جڏهن هو وهندڙ پاڻيءَ مٿان نئڙي بيٺو هو، آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار. هيءَ نراسائي، هيءَ حد نفرت جا هن محسوس ڪئي هئي سا مٿس غالب پئجي نه سگهي هئي. پکيئڙو، صاف چشمو ۽ سندس اندر جو آواز اڃا زنده هئا — اهوئي سندس خوشيءَ جو ڪارڻ هو، اهوئي سندس کِلڻ جو ڪارڻ هو، اهوئي ڪارڻ هو جو سندس چهرو سفيد وارن هيٺان پئي ٻهڪيو.

سڀ ڪنهن ڳالهه جو ازخود آزمودو پرائڻ نيڪ آهي، هن سوچيو. ٻالپڻ ۾ سکيس ته دنيا جا سک ۽ پدارت نيڪ نه آهن. اها سڌ ته مونکي گهڻي وقت کان هئي پر اُنجو آزمودو مونکي اَڃا هاڻ مليو. اُنجي هاڻ مونکي نه صرف ٻڌيءَ دواران خبر پيئي پر پنهنجن نيترن دواران، پنهنجي هردي دواران، پنهنجي پيٽ دواران. اهو نيڪ آهي جو مونکي ازخود اها ڄاڻ پيئي.

هن پاڻ منجهه آيل ڦيري تي ڳپل وقت ويچار ڪيو، اندر ئين پکيئڙي کي خوشيءَ ۾ ڳائيندو ٻڌائين. جيڪڏهين

ڏسان. مونکي پاپ ڪرڻو پيو انهيءَ لاءِ ته وري زنده رهان. ايا منهنجو پيڙو ڪيڏانهن مونکي وٺي هلندو؟ اهو پيڙو آهي مور ڪٽا جو، اهو وڃي ٿو ورن وڪڙن ۾، شايد گول چڪرن ۾، پر اهو ڪهڙي به طرف هلي، آءٌ انجي ڪيڏ ويندس.

هن پاڻ منجهه مها آنند پرويش ڪندو انڀؤ ڪيو.

اهو ڪٿان ٿو اچي؟ هن پاڻ کان پڇيو. هن آنند ڀاؤ جو ڪارڻ ڪهڙو؟ انجو ڪارڻ منهنجي عمدي ڏکي نند آهي ڇا جنهن مونکي هيترو لاڀ رسايو آهي؟ يا ان جو ڪارڻ آهي اوم جو شبد جو مون اُچارڻ ڪيو؟ يا ڇاڪاڻ ته آءٌ ڀڄي نڪتو آهيان، ڇاڪاڻ ته منهنجي ڀاڄ ڪامياب ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته آءٌ نيٺ وري ڇٽل آهيان ۽ آڪاس هيٺ ٻالڪ جيان بيٺو آهيان؟ آها، هي ڀاڄ ڪهڙي نه ڪارائتي ٿي آهي، هي ڇوٽڪارو! جنهن هنڌان آءٌ ڀڄي نڪتو آهيان، اتي وايو هئي چمڪي جي، سڳند جي، گهڻ جي، سستيءَ جي. مون ڪيڏو نه تڪاريو ٿي انهيءَ دولت پريءَ دنيا کي، شراب خوريءَ ۾ مخمور ۽ جؤابازي ۾ سرگرم! ڪيترو نه پاڻکي تڪاريم ٿي انهيءَ هيبتناڪ دنيا اندر ايترو وقت گهارڻ لاءِ! ڪيترو نه پاڻکي تڪاريم، پنهنجي آڏو آيس، پاڻکي زهر پيار يم، ڪشت ڏنم، پاڻکي ڪراڙو ۽ ڪوجهو ڪيم. وري ڪڏهن به اهڙو ويچار نه ڪندس ته سڌارٿ سياڻو آهي جئين اڳي ڇوچ منجهان پاڻکي پيو سمجهندو هوس. پر هڪڙي ڳالهه مون چڱي ڪئي آهي، جا مونکي خوشي ٿي ڏئي ۽ جنهنکي آءٌ ساراهيان ٿو ـــ ته انهيءَ پاڻ تڪاريندڙ، مور ڪٽا واريءَ، سڪٽيءَ جيون جو انت آندو اٿم. آءٌ توکي، ڌنيواد ٿو ڏيان، سڌارٿ، جو هيترن سالن جي گمراهين کان پوءِ، توکي هڪ نيڪ ۽ ڪارائتو ويچار آيو آهي، ته توکجهه مڙيوئي پراپت ڪيو آهي، ته تو پنهنجي سيني اندر پکيڙي

هو، ڪنهن ٻه آچاريه دواران ڪيس مڪتي پراپت ٿيڻي ڪانه هئي. اِهوئي ڪارڻ هو جو ڪيس دنيا ۾ گهرڻو پيو، ۽ طاقت ۾، اِسترين ۾، ناٽي ۾ ڪيس پاڻ گنوائڻو پيو؛ اِهوئي ڪارڻ هو جو ڪيس واپاري، ڇڪائي، شرابي ۽ پدارٿي بڻجڻو پيو، جيستائين ڪ منجهس پروهتپڻو ۽ سنياسپڻو مري مات ٿيا. اِهوئي ڪارڻ هو جو ڪيس اِهي خوفناڪ ورهيه ڪاٽڻا پيا، اُپتا سهڻا پيا، اَنت تائين ٿلهي وڻرت جيوت جي پاڳلپڻي جو سبق سکڻو پيو، جيستائين ڪ هو ڪڙي نراسائي جي اَوستا کي پهتو، انهيءَ لاءِ ته پوڳه ولاسي سڌارٿ ۽ پريو پاڳيو سڌارٿ مري سگهي. هوُ مري چڪو هو ۽ نئون سڌارٿ پنهنجي ننڊ مان سجاڳ ٿيو هو. هي به نيٺ پيرسن ٿيندو ۽ مري ويندو. سڌارٿ ڪِڻ ڀنگ آهي، سڀ روپ ڇڻن ڏينهن جو چِٽڪو آهن، پر اَڄ هوُ جوان هو، هوُ ٻالڪ هو — نئون نڪور سڌارٿ — ۽ هوُ آئي پرسن هو.

اِهي ويچار سڌس من ۾ پيٺي اُتپن ٿيا. مشڪندي، هن پنهنجي پيٽ پوڄا جو خيال ڪيو، پون پون ڪنڌڙ ماڪيءَ جي مک ڏي هن شڪرگذاريءَ منجهان ڪُن ڏنو. آنند وچان هن وهندڙ نديءَ ۾ نهاريو. ڪنهن به ٻيءَ نديءَ ڪيس ايترو موهت نه ڪيو هو جهڙو هن. ڪڏهن به اڳي ڪيس وهندڙ پاڻيءَ جو آواز ۽ روپ اهڙو سهڻو ۽ سندر نه لڳو هو. ڪيس ائين ڏسڻ ۾ آيو جڻ ته نديءَ کي ڪجهه وشيش ٻولڻو هو، اُهو ڪجهه جنهن جي ڪيس لَکَ نه هئي، اُهو ڪجهه جو سڌس لاءِ اَڃا تائين ٿيڻ وارو هو. سڌارٿ پاڻ کي هن نديءَ ۾ ٻوڙڻ جي چاهنا رکي هئي؛ اُهو پراڻو، ٿڪل ٿڪل، نراس ٿيل سڌارٿ اَڄ منجهس ٻڏي چڪو هو. هي نئون سڌارٿ هن وهندڙ پاڻيءَ لاءِ اَٿي پريم محسوس ڪرڻ لڳو ۽ نشچيه ڪيائين ته هو اهڙو ٽڪڙو وري ڪيس ڇڏي ڪونه ويندو.

سنڌس اندر وارو پکيئڙو مري وڃي ها ته ڇا هو ناس ٿي وڃي ها؟ نه، ڪجهه ٻيو منجهس مري چڪو هو، اهو ڪجهه جو هن پاڻ گهڻي وقت کان پئي چاهيو ته جيڪر ناس ٿي وڃي. ڇا، هي اهو ساڳيو نه هو، جو هن سنياسپڻي جي اُتساه واري وقت ۾ ناس ڪرڻ ٿي چاهيو؟ اهو سنڌس آپو، اهم ڀاؤ نه هو، سنڌس ننڍڙو، خوفناڪ، هٺيلو 'پاڻ'، جنهن سان هو هيترن سالن تائين ڪشتي لڙي رهيو هو، جنهن مٿس سدائين پئي جيت پاتي، جو هر ويل وري پئي ظاهر ٿيو، جنهن سنڌس آنند لٽي ڇڏيو هو ۽ کيس ڀؤ سان ڀري ڇڏيو هو؟ ڇا، هي اهوئي نه هو جو اَڄ اڳو پوءِ هن دل بهار نديءَ جي ڪپ تي ٻن اندر مري چڪو هو؟ اهو انهي ناس ٿيڻ ڪري ڪين هو جو هو هاڻ ٻالڪ مثل هو، اينري وشواس ۽ آنند سان ڀرپور، بنا ڪنهن ڀؤ جي؟

سڌارٿ هاڻ ايترو به محسوس ڪيو ته جڏهين هو برهمڻ ۽ سنياسي هو تڏهين ڇو سنڌس سڀ ڪوششون 'پاڻ' کي فنا ڪرڻ لاءِ وئرٿ ويئون هيون. حد کان وڌيڪ وديا سنڌس راهه ۾ رڪاوٽ هئي؛ حد کان وڌيڪ پوتر سلوڪ، حد کان وڌيڪ ڌرمي ڪريائون، حد کان وڌيڪ تن جا تپ، حد کان وڌيڪ هڻ هڻ ۽ پاڻ پڇاڙڻ — اِهي سنڌس آڏو پئي آيا. هو گهمنڊ سان ڀريل هو؛ هن پاڻکي هميشه سڀني کان وڌيڪ هوشيار ٿي ڄاتو، سدائين وڌيڪ اتساه رکندڙ، سدائين ٻين کان هڪ قدم اڳرو، سدائين ودوان ۽ ٻڌيوان، سدائين پروهت يا گياني. سنڌس ٻروهتپڻي، سنڌس اَيمان، سنڌس ٻڌوانپڻي منجهه سنڌس آپو رڙهي ويو. هو اُتي لِڪي ويٺو ۽ اُسرندو رهيو جيتوڻيڪ کيس اِهوئي خيال پئي رهيو ته هو اُپواس ۽ پراشچت دوارا اُن کي نابود ڪندو ٿي ويو. هاڻي هن سمجهيو ۽ اُنڀؤ ڪيو ته سنڌس اندر جو آواز ٺيڪ

اهو ڳجهه جنهن سندس آتما کي سوگهو جهليو. هن ڏٺو ته پاڻي سانده پئي وهيو، پئي وهيو ته به اهو سدائين اُتي ئي هو؛ اهو سدائين ساڳيو ئي هو ۽ انهيءَ هوندي به پل پل ۾ نت نئون هو. ڪير اهو پروڙي سگهندو، ڪير اهو ويچاري سگهندو؟ هُو اها ڳالهه سمجهي ڪين سگهيو؛ ڪيس صرف ڄاڻ هئي اَڻ لکي شنڪا جي، جهڪيءَ ياد جي، ايشوري آوازن جي.

سڌارٿ اُٿيو؛ بک جا وٽ سهڻ کان ٻاهر هئس. هو نديءَ جو ڪپ ڏيئي ڏکيائيءَ سان پنڌ ڪندو هليو، پاڻيءَ جي چولين کي ڪَنُ ڏيندو هليو، پيٽ ۾ بک جي ولوڙن کي ڪَنُ ڏيندو هليو.

پتڻ وٽ پهتو ته ٻيڙي اڳيئي اُتي بيٺي هئي ۽ پاتڻي جنهن هڪ دفعو نوجوان سنياسيءَ کي پار نيون هو سو ٻيڙيءَ ۾ بيٺو هو. سڌارٿ وري ڪيس سڃاتو. هُو به گهڻو پيرسن ٿي ويو هو.

"تون مونکي پار وٺي هلندين؟" هن پڇيو.

پاتڻي اهڙي معتبر ماڻهوءَ کي اَڪيلو ۽ پيرين پنڌ ڏسي وسمئه ۾ پيو، ڪيس ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيائين ۽ روانو ٿيو.

"تو ته پنهنجي لاءِ شاندار جيوت چونڊي آهي،" سڌارٿ چيو. "هن نديءَ جي ڀر ۾ رهڻ ۽ هر روز ان تي سفر ڪرڻ وڻندڙ ئي هوندو."

ٻيڙيءَ واري هلڪيءَ لوڏ سان ڏانهنس منهن ورائي مشڪيو.

"بيشڪ وڻندڙ آهي، سائين. جئن تون چوين ٿو، پر هر ڪا زندگي ۽ هرڪو ڪاريه وڻندڙ نه آهي؟"

"هجي به، پر آءٌ ته تنهنجي سان ٿو ريس ڪريان."

"پر ان لاءِ تنهنجي پسندي جلد ئي غائب ٿي ويندي. هي ڪم عمدن وسترن ڀريل ماڻهن جي ڏانوَ جو نه آهي."

پانڻيِ

آءٌ هن نديءَ جي ڀر ۾ ئي رهندس، سڌارٿ ويچار ڪيو. هيءَ اُهائي ندي آهي جا شهر ڏانهن ويندي پار ڪئي هيم. هڪ ڀلي پاتڻي مونکي پار وٺي هليو هو. آءٌ وٽس ويندس. هڪ ڀيرو منهنجو مارڳ مونکي سندس جهوپڙيءَ وٽان اُنهيءَ نئين جيوت ڏانهن وٺي هليو جا هاڻ گسي گذري، مري چڪي آهي. شل منهنجي هاڻوڪي راهه، منهنجي نئين جيوت، اتان شروع ٿئي!

هن وهندڙ پاڻيءَ منجهه پريم وچان نهاريو، صاف ساواڻ منجهه، سندس وچتر روپ جي بلوري ريکائن منجهه. نديءَ جي اونهاين منجهان اُڀرندا ڏٺائين چمڪندڙ موتي، ڦوٽا، بدبدا، درسنيءَ تي ترندا جن ۾ آسماني نيلاڻ جو پرتوو پئي پيو. ندي نهارڻ لڳي، ڏانهنس، هزار نيترن سان — ساون، سفيد، نرمل، نيلن نيترن سان. نديءَ لاءِ ڪيترو نه پريم هوس، ڪيڏي نه ڏانهنس ڪشش هئس، ڪيڏو نه سندس ٿورائتو هو! پنهنجي هردي اندر هن نئين سر جاڳيل آواز کي بوليندو ٻڌو، ۽ انهيءَ کيس چيو: ”نديءَ سان پريم رک، انجي ڀر ۾ ئي رهه، ان کان سکيا پراءِ.“ هائو، هن کانئس سکڻ ٿي چاهيو، هن کيس ٻڌڻ ٿي چاهيو. کيس ڏسڻ آيو ته جيڪو به نديءَ ۽ انجي رازن ۽ ڳجهن کي پروڙيندو سو گهڻيئي ڳجهه، سڀيئي ڳجهه سمجهي سگهندو.

پر اَج هن نديءَ جي ڳجهن مان صرف هڪ ڳجهه سمجهيو،

پنهنجن اوچ وسترن مان اهڙو ڪڪ ٺيو آهين.“

هُو نديءَ جي وچ سِير ۾ اچي پهتا هئا ۽ زبردست وهڪري جي ڪري واسديو کي وڌيڪ زور سان ونجهه هلائڻو پيو. هُو پنهنجين جُهرين ٻانهن سان، ٻيڙيءَ جي چيڙي کي نظر ۾ رکندو، ڌيرج سان ٻيڙي هاڪاريندو هليو.

سدارٿ ويهي رهيو ۽ هنکي جاچيندو رهيو؛ ياد پيس ته ڪئين ڀيرو گذري ويل سنياسپڻي جي ڏينهن ۾ هن انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ پريم محسوس ڪيو هو. هن واسديو جي ڪوٽ شڪرانن سان انگيڪار ڪئي. جڏهن هُو نديءَ جي ڪپ تي پهتا، تڏهن هن ٻيڙيءَ کي ٺائينڪي ڪرڻ ۾ ڪيس واهر ڪئي. تنهن کان پوءِ واسديو هنکي جهوپڙيءَ منجهه وٺي ويو، روٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي آڇ ڪيائينس جا سدارٿ مزي سان کاڌي ۽ انب پڻ کاڌائين جو واسديو کيس ڏنو.

ڏير پرو، جڏهن سج لهڻ تي هو، هُو نديءَ ڀر وڻ جي ٿڙ تي ويهي رهيا ۽ سدارٿ کيس پنهنجي اصل نسل ۽ پنهنجي زندگيءَ جي وارتا ٻڌائي ۽ اهو به ٻڌايائينس ته ڪئين نراسائيءَ جي گهڙيءَ کان پوءِ، اڄ کيس ڏٺو هئائين. اها ڳالهه رات جو دير تائين هلي پوري ٿي.

واسديو ڌيان سان ٻڌندو رهيو، سندس اصل نسل ۽ ٻالڪ اوستا بابت، سندس اڀياس بابت، سندس آشائن، سندس عيشن ۽ گهرجن بابت هن سڀ ڪجهه ٻڌو. پاڻيءَ جو سڀ کان سٺو گڻ، جو ڪن ٿورن ۾ هوندو، سو اهو هو ته ڪئين ڌيان سان ٻڌجي. ڳالهائيندڙ محسوس ڪيو ته واسديو ڪجهه به ڪڇڻ بنا، سندس اکر اکر مات ميٽ ۾ چاهه منجهان ٻڌي رهيو هو ۽ ڪجهه به ڪانئس گُٿو نه هو. هُو ڪنهن به ڳالهه لاءِ آتُر نه ٿيو ۽ نه ساراهه ڪيائين، نه ڏوهه ڏنائين — هُو صرف ٻڌندو ئي رهيو. سدارٿ محسوس ڪيو ته اهڙو

سڌارٿ کلي ڏنو. ”اڄ انهن ڪپڙن جي ڪري اڳئين پاڻ بابت رايو ملي چڪو آئم ۽ شڪي نگاهه سان ڏٺو ويو آهيان. تون هي ڪپڙا مون کان وٺندين، جن کي آءٌ هڪ آزار ٿو سمجهان؟ چاڪاڻ ته آءٌ توکي ٻڌائڻ ٿو گهران ته نديءَ جي پار اُڪارڻ لاءِ توکي اُجوري ڏيڻ لاءِ مون وٽ پئسو ئي ڪونهي.“

”پلومانس شايد چرچو ٿو ڪري،“ پاٽڻيءَ کلي چيو.

”آءٌ پوڳه ڪونه ٿو ڪريان، مهنجا مٽر. هڪ ڀيرو اڳي تو مونکي بنا اُجوري نديءَ جي پار لنگهايو هو، اڄ به دَيا ڪري ائين ڪر ۽ انهيءَ بجاءِ مون کان ڪپڙا وٺ.“

”۽ ڇا، پلو مانس بنا وسترن پيو هلندو؟“

”آءٌ اڳيرو وڃڻ ڪونه ٿو چاهيان. آءٌ ته ائين چاهيندس ته تون مونکي ڪي پراڻا ڪپڙا ڏين ۽ هتي پنهنجو ساٿي ڪري رکين يا بهتر ته پنهنجو سيڪرات، چاڪاڻ ته آءٌ سکڻ ٿو چاهيان ته ڪِشتي ڪيئن هلائجي.“

پاٽڻي گهڻي وقت تائين هن مسافر کي گهور ڪري نهاريندو رهيو.

”آءٌ توکي سڃاڻان ٿو،“ آخر هن چيو. هڪ ڀيري تون منهنجي جهوپڙيءَ ۾ سمهيو هئين. انهيءَ کي گهڻو وقت ٿيو، شايد ويهارو سالن کان به مٿي ٿي ويا هجن. آءٌ توکي نديءَ پار وٺي هليو هوس ۽ پاڻ مترتا ڀاوَ سان جدا ٿيا هئاسين. تڏهن تون سنياسي ڪين هئين؟ مونکي تنهنجو نالو سو ياد نه آهي.“

”منهنجو نالو آهي سڌارٿ ۽ آءٌ هوس سنياسي جڏهن تو مونکي انهيءَ ڀيري ڏٺو هو.“

”تون ڀلي آئين، سڌارٿ. منهنجو نالو آهي واسديو. اُميد ته تون اڄ منهنجو مهمان ٿي رهندين ۽ منهنجي جهوپڙيءَ ۾ آرام ڪندين ۽ ٻڌائيندين ته تون ڪٿان ٿو اَچين ۽ ڇو تون

ڪرڻ نيڪ آهي، ترو ونڻ نيڪ آهي، پاتال جي تلاش ڪرڻ نيڪ آهي. ڏنوان ۽ نامور سڌارٿ وانجهي ٿيندو؛ ودوان برهمڻ، سڌارٿ پاتڻي ٿيندو. اهو به تون نديءَ کان سکيو آهين. ٻي ڳالهه پڻ سکي ويندين."

ڪجهه ساعت کان پوءِ، سڌارٿ چيو: "ٻي ڪهڙي ڳالهه، واسديو؟"

واسديو اُٿيو. "دير ٿي وئي آهي،" هن چيو. "هاڻي هل ته هلي سمهون. آءٌ توکي ٻڌائي نٿو سگهان ته ٻي ڳالهه ڪهڙي آهي، منهنجا دوست. توکي پتو پئجي ويندو، شايد توکي اڳيئي سڌ هجي. آءٌ ودوان ڪونه آهيان؛ مونکي سڌ نه آهي ته ڪيئن ڳالهائجي يا ويچار ڪجي. مونکي رڳو سڌ آهي ته ڪيئن ٻڌجي ۽ ايشور ڏانهن لاڙو رکجي. نه ته آءٌ ڪجهه ڪونه سکيو آهيان. جيڪڏهن آءٌ ڳالهائي يا سيکاري سگهان ته آءٌ شايد آچاريه هجان، پر جيئن آهي تيئن، آءٌ ته صرف هڪ پاتڻي آهيان ۽ منهنجو ڌنڌو آهي ماڻهن کي نديءَ پار پهچائڻ. آءٌ هزارين آدمي پار وٺي ويو آهيان پر انهن مڙني لاءِ منهنجي ندي سندن سفر ۾ سواءِ رڪاوٽ جي ٻيو ڪجهه به نه آهي. هنن سفر ڪيو آهي ڌن ۽ ڌنڌي لاءِ، شادين مرادين ۽ تيرٿ ياترائن لاءِ؛ ندي سندن رستي ۾ پئي آئي آهه ۽ پاتڻي کين جلد رڪاوٽ پار ڪرائڻ لاءِ هڪيو ٽڪيو حاضر پئي رهيو آهه. انهيءَ هوندي به هزارن منجهه اهڙا ڪي ٿورا چار يا پنج آهن جن لاءِ ندي رڪاوٽ نه پئجي ٿي آهه. انهن انجو آواز ٻڌو آهه ۽ اُن تي ڌيان ڏنو آهه، ۽ ندي انهن لاءِ اهڙيئي پوتر آهه، جهڙي مون لاءِ. هل ته هاڻ هلي سمهون، سڌارٿ."

سڌارٿ پاتڻيءَ وٽ رهي پيو ۽ ٻيڙيءَ جي سنڀال ڪرڻ ڪانئس سکيو، ۽ جڏهن پتڻ وٽ ڪم نه هوندو هو تڏهن واسديو سان گڏ سارين جي کيت ۾ ڪم ڪندو هو،

ٻڌندڙ هڻڻ کهڙي نه خوش قسمتيءَ جي ڳالهه هئي، جو سندس جيون منجهه، سندس جتنن منجهه، سندس ڏکن منجهه ليئُ ٿي ٿي سگهيو.

کهاڻي اڃي پوري ئيڻ ٿي هئي جو سذارت ٻڌايس، نديءَ جي پر واري وڻ بابت، پنهنجي تار تراسائيءَ بابت، پوتر اوم بابت، ۽ ننڍ کان پوءِ نديءَ لاءِ کهڙو نه اڻي پريم اُنيڙ کيو هڻائين تنهن بابت. اُهو سڀ پاڻيءِ هيکاري ٻيڌي ڌيان سان ٻڌڻ لڳو، پورن ڌيان سان، بوٽيل نيڻن سان.

سذارت جڏهن پنهنجي کهاڻي ٻڌائي پوري کئي ۽ ڇگوئي عرصو وچ ۾ ماٺ ٿي ويئي، تڏهن واسديو چيو: ”اِهو ائين ئي آهي جئن مون سمجهيو ٿي؛ نديءَ توسان ڳالهايو آهي. اُن توڏانهن پڻ مترياڻُ ڏيکاريو آهي؛ اُها توسان بات چيت کري ٿي. اِهو نيڪ آهي، بلکل نيڪ. تون مون وٽ رهي پئُ، سذارت، منهنجا متر. کنهن وقت اِستري هيم، سندس بسترو منهنجي پر ۾ هو، پر هنجي مرڻيوءَ کي گهڻو وقت ٿي ويو آهي. گهڻوئي وقت اَکيلو گذريو اَٿم. تون اچي مون سان رهه؛ جاءِ ۽ کاڌو اسان ٻنهي لاءِ کافي آهي.“

”آءٌ تنهنجا شکرانا تو مڃان،“ سذارت چيو. ”آءٌ تنهنجو تورائتو آهيان؛ ۽ تنهنجي دعوت قبول تو کريان. آءٌ پڻ تنهنجا شکرانا تو مڃان، واسديو، جو تو مونکي اهڙي ڌيان سان ٻڌو آهي. کي جزوي اِنسان آهن جن کي ڄاڻ آهي ته کئن ٻڌجي ۽ مونکي کو به اهڙو ماڻهو کونه گڏيو آهي جو تو وانگر ٻڌي سگهي. انهيءَ ڏِس ۾ پڻ آءٌ توکان سکندس.“

”تون سکي ويندين،“ واسديو چيو، ”پر مون کان نه. مونکي ٻڌڻ سيکاريو آهه نديءَ؛ تون به ان کان ئي سکندين. نديءَ کي سڀ کا ڄاڻ آهي؛ سڀ کجهه کانئس سکي سگهجي ٿو. تون اَڳِئي نديءَ کان سکيو آهين ته هيٺائينءَ ڏانهن ادم

الڳه ٿيل هو ۽ نه صحيح معنيٰ ۾. سڌارٿ جا اڳيان جنم به گذري ويل ڪونه هئا، ۽ نه وري هنجو مرڻيو ۽ ٻرهم ڏانهن موٽ ڪا ايندڙ وسٿوُئي هئي. نه ڪجهه هو، نه ڪجهه ٿيندو، هر چيز آهي حقيقي، حال ۾ سمايل."

سڌارٿ ڇوڄ منجهان ڳالهايو. هن کوج ڪيس اُتي آنند ڏنو هو. سڀ ڏک، سڀ پيڙا ۽ ڀؤ، ڪال جي ڀرياوَ، سمي جي ڀرياوَ ڪري ڀاسڻ ۾ نٿي آيا؟ سنسار جا سڀ جنجال ۽ مدايون ازخود جيتجي نٿي ويئون جيئن ڪال تي، سمي تي، جيت پاتي تي ويئي، جيئن ڪال جو خيال، سمي جو خيال منجهي ٿي ويو؟ هوُ ڏاڍي آنند منجهان ڳالهائي رهيو هو، پر واسديو ڏانهنس صرف آنند ڀريءَ جهلڪ سان مرڪيو ۽ ڪنڌ ڌوڻي پنهنجي پسندي ڏيکاري. هن سڌارٿ جي پٺي ٺپري ۽ پوءِ وري پنهنجي ڪم ڪي لڳو.

۽ هڪ دفع وري جڏهن چؤماسي ۾ نديءَ چڙهه ڪاڏو ۽ زور سان گجگوڙ ڪرڻ لڳي تڏهن سڌارٿ چيو: "اِهو سچ نه آهي، منهنجا متر، ته نديءَ کي تمام گهڻا آواز آهن؟ مهاراجا جو، جوڌي جوان جو، ٻيل جو، رئن پکيءَ جو، گرڀڻي استريءَ جو، ڏکا ساهه ڀريندڙ مرد جو ۽ هزارين ٻيا آواز ڪين اُٿس؟"

"اِئين برابر آهي،" واسديو ڪنڌ ڌوڻي چيو. "سڀني جيون جا آواز سندس آواز ۾ ئي سمايل آهن."

"۽ توکي سڌ آهي،" سڌارٿ چوندو هليو، "ته ڪهڙي شبد جو اُچارڻ ٿو ٿئي جڏهن ڪو سندس سيپئي ڏهاڪو هزار آواز هڪ ئي وقت ٻڌڻ ۾ ڪامياب ٿو ٿئي؟"

واسديو خوب خوشيءَ منجهان کلڻ لڳو؛ هوُ سڌارٿ پاسي نئڙيو ۽ ٻولو **اوم** سندس ڪن ۾ چيائين. ۽ اِهوئي اکر هو جو سڌارٿ ٻڌو هو.

ڪاٺيون ڪري ايندو هو، ۽ ڪيوڙن مان ڪيلا چنندو هو. هو ونجهه ٺاهڻ، ٻيڙيءَ کي سنوارڻ سڌارڻ ۽ ٽوڪريون ٺاهڻ سکيو. هن جيڪي ڪيو پئي، سکيو پئي، تنهن مان کيس مزو پئي آيو ۽ ڏينهن ۽ مهنا تڪڙا گذرندا پئي ويا. پر جيڪي واسديو کيس سيکاري ٿي سگهيو تنهن کان وڌيڪ هو نديءَ کان ٿي سکيو. هو سديوئي ان کان سکندو رهيو. سڀ کان وڌيڪ هو اِن کان سکيو ته ڪيئن ٻُڌجي، ڪيئن شانت هردي سان ڪَنْ ڏجي، ڌيرج سان، کُلئي من سان، موه بنا، ترشنا بنا، فتوي بنا، راين بنا.

هو واسديو سان خوش لڳو ويٺو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو ڪي اکر پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا، ٿورا ۽ سوچ ويچار ڪيل. واسديو اکرن جو يار هوئي ڪونه. سڌارٿ کيس ڳالهائڻ لاءِ هرڪائڻ ۾ ورلي سڦلتا پائيندو هو.

هڪ دفع ڪائنس پڇيائين، "اهو راز به تون نديءَ کان سکيو آهين: ته اهڙي چيز جنهن کي سمو يا ڪال ٿو چئجي سا آهيئي ڪانه؟"

واسديو جي چهري تي روشن مشڪ ڇانئجي وئي.

"هائو، سڌارٿ،" هن چيو. "تنهنجو مطلب هي آهي ڇا؟ ته ندي ساڳئي وقت هر هنڌ موجود آهي، منهن وٽ، ڇوڙ وٽ، جهرڻي وٽ، پتڻ وٽ، سير وٽ، ساگر منجهه، پهاڙن منجهه، هر هنڌ، ۽ سندس لاءِ صرف ورتمان ڪال ئي آهي، نه ڀوت ڪال جو پاڇو ۽ نه ڀوشيه ڪال جو اولڙو — حال ئي سندس لاءِ هستيءَ ۾ آهي، ۽ نه ماضي، نه مستقبل؟"

"اهو ٺيڪ چيو اٿيئي،" سڌارٿ چيو. "۽ جڏهن آءٌ اِها ڳالهه سکيس، تڏهن مون پنهنجي جيوت تي نظر ڊوڙائي ۽ ڏٺم ته اِها به نديءَ جيان هئي، ۽ سڌارٿ ٻالڪ، سڌارٿ ساماٺيل، سڌارٿ پيرسن، هڪ ٻئي کان صرف پاڇن ڪري

نڪرندا هئا. اهي پيچ پيچ ڪندڙ گهٽيئي سوال پڇندا هئا پر
ڪين جواب کو ڪونہ ملندو هو ۽ اها پڪ ٿيندي هين تہ
هو تہ نڪي جادو ڦيٺا جاڻندڙ هئا، نڪي وري گيانوان.
ڪين رڳو بہ پيرسن دوست اُتي گڏبا هئا جي ڏسڻ ۾ پٺي
آيا گونگا، ڪي ڪجهہ عجيب ۽ ابوجهہ. اهي پيچ پيچ ڪندڙ
ڪلي ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ ماڻهو ڪهڙا نہ ڳهيلا ۽ پورڙا
آهن جو اهڙا واهيات اُفواه تا پکيڙين.

سال گذرندا ويا ۽ ڪنهن کي ياد بہ نہ هئا. پوءِ هڪ
ڏهاڙي، ڪي ڀڪشو، گوتم جا شش اچي نڪتا، ۽ ندي پار
اُڪارڻ لاءِ چيائون. پاڻٺين کي منجهائن سڌ پيئي تہ هو
پنهنجي اُتم گروءَ ڏانهن تڪڙو وڃي رهيا هئا جو خبر
ڦهلي هئي تہ سريشٺ پرش سخت ناچاڪ هو ۽ باقي دنيوي
چولي ڇڏڻ ۾ ڪي گهڙيون وڃي بچيون هيس، جنهن ڪان
پوءِ نروان پد پائيندو ـــ موڪش پراپت ڪندو. جلدئي وري
پيو ڀڪشن جو جٿو اچي سهڙيو ۽ وري ٻيون ۽ ڀڪشن توڙي ٻين
مسافرن صرف گوتم ۽ سندس ايندڙ مرتبوءَ جي ئي چرچا ڪئي.
۽ جئن ماڻهو سينئي پاسن کان اچي ڪٺا ٿيندا آهن ڪنهن فوجي
چڙهائي وقت يا ڪنهن مهاراجا جي راج سنگهاسن ويل، تئن
هت بہ ماکي جي مکين جيان، چقمق جي ڪشش سان،
اچي ڳاهت ٿيا هئا، انهي وچڻ لاءِ جتي سريشٺ ٻڌ سکرات
۾ پيل هو، جتي هيءَ مها گهٽنا رچجي رهي هئي ۽ جتي
جڳہ جو اوتار نروان ۾ سمائجي رهيو هو.

سڌارٿ هاڻ هن پرلوڪ پڌاريندڙ مهاپرش بابت گهڻو سوچ
ويچار ڪرڻ لڳو جنهن جي آواز هزارين هردن کي آيا ريو
هو، جنهن جو آواز هن پاڻ هڪ ڀيرو ٻڌو هو، جنهن جي
پوتر چهري ڏانهن هن بہ هڪ وار ڏڪندي نهاريو هو. هو
سندس پريم سهت ويچار ڪرڻ لڳو، سندس ٻنايل مکتيءَ

جڏهن وقت گذرندو ٿي ويو تڏهن سندس مرڪ اهڙي ئي ٿيڻ لڳي جهڙي پاڻيءَ جي، گهڻو ڪري اهڙي ئي روشن، اهڙي ئي آنند سان ڀريل، هزارين ندين گهنڊن منجهان اهڙي ئي چمڪندڙ، اهڙي ئي ٻاراڻي، اهڙي ئي پيريءَ جي. گهڻيئي مسافر، جڏهن هن ٻنهي پاڻين کي گڏ ڏسندا هئا، تڏهن کين ڀائر ڪري سمجهندا هئا. اڪثري شام جو نديءَ جي ڀر ۾، وڻ جي ٿڙ تي گڏجي ويهندا هئا. چپ چاپ جل کي ڌيان سان ٻڌندا هئا، جو سندن لاءِ رڳو جل نه هو، پر جيوت جو آواز، اندر جو آواز، دائمي رچنا جو آواز هو. ۽ وقتي ائين ٿيندو هو جو جنهن وقت هو نديءَ کي ڪَن ڏيئي ٻڌندا هئا تنهن وقت ٻنهي جي اندر ساڳيا ويچار اڀرندا هئا، شايد اڳئين ڏينهن تي ڪيل ڳالهه ٻولهه جا، يا مسافرن مان ڪنهن هڪ جا جنهن جي پرالبڌ ۽ حالت سندن من کي رڌل رکيو هو، يا مرتيو جا، يا سندن ٻالپڻ جا؛ ۽ جڏهن ندي انهيءَ ساڳيءَ گهڙيءَ کين ڪجهه ڪارائتو ٻڌائيندي هئي ته هو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا هئا، ٻنهي جا ويچار ساڳيا، ٻئي ساڳئي پرشن جي ساڳئي اُتر تي نهال.

اهڙو ڪجهه پڻ منجهان ۽ هن ٻنهي پاڻين منجهان پرڪاشت ٿيندو هو جو گهڻيئي مسافر اهو محسوس ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو مسافر پاڻين مان هڪ جي منهن ۾ نهاريندي، پنهنجي زندگي ۽ مشڪلاتن جو حال اورڻ شروع ڪندو هو، پنهنجا گناهه ٻاسيندو هو، آٿت ۽ صلاح گهرندو هو. ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو ڪو نديءَ کي ٻڌڻ لاءِ ساڻن سنجها جي ويلي گڏ گذارڻ جي موڪل گهرندو هو. ائين پڻ ٿيندو هو جو ڪڏهن ڪي ماڻهو جن کي اُڻ تڻ هوندي هئي، جن کي ائين ٻڌايل هو ته ٻه گياني، جادو منتر ڄاڻندڙ، يا ساڌو پتڻ تي رهيل آهن سي اچي اُتي

ڪري رهي هئي ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن، هڪ آديت پرش جي ديدار لاءِ جو سنت مهاتما هو ۽ هاڻ سرير ڇڏڻ وارو هو. پل مري وڃي — ڇوڪر جو اُن ۾ ڇا؟

پاڙي واسديو جي پٽڻ کان دور نه هئا جڏهين نينڍڙي سڌارت پنهنجي ماتا کي چيو ته مان ننڊ ڪرڻ ٿو چاهيان. ڪملا پاڻ خود ٿڪل هئي، ۽ جنهن وقت ڇوڪرو هڪ ڪيلو ڪائڻ لڳو، تڏهن پاڻ به زمين تي ڪرونڊڙي ٿي سمهي؛ اکيون اڌ وڳا ٻريون پوري پئجي رهي. پر اچانڪ هن هڪ درد ڀري ڪيڪ ڪئي. نينگر ڊهلجي ويو، ڏانهس نهاريائين ۽ ڏٺائين ته سندس ماتا جو چهرو ڊپ ۾ ڏمڪجي ويو هو. سندس وسترن هيٺان هڪ ننڍڙو ڪارو نانگ جنهن ڪملا کي ڪکيو هو، سرڪو پائي هليو ويو.

ٻئي ٽڪرو ڪن ماڻهن پيرو تيڻ لاءِ ڊوڙندا ويا. جڏهن پٽڻ جي ويجهو آيا تڏهن ڪملا ڍري ڪري ويئي ۽ وڌيڪ چري نه سگهي. ڇوڪري مدد لاءِ پڪاريو، ۽ انهيءَ وچ ماتا کي چمندو ۽ ڀاڪيون پائيندو رهيو. هوءَ به ساڻس زوردار رڙين ڪرڻ ۾ شامل ٿي، جيستائين سندن آواز واسديو جي ڪنن تائين پهتو جو پٽڻ وٽ بيٺو هو. هوُ اُماڪ ڊڪي آيو، مائيءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ کڻي اچي ٻيڙيءَ منجهه لاتائين. ڇوڪرو به گڏيو آيو ۽ هوُ جلدي اچي جهوپڙيءَ وٽ پهتا، جتي سڌارت بيٺو هو ۽ باهه ٻاري رهيو هو. هن منهن مٿي ڪري نهاريو ۽ پهرين ڇوڪري جي شڪل تي نظر پيس، جنهن ڪيس عجيب نموني ۾ ڪنهن ڳالهه جي يادگيري ڏياري. تنهن کان پوءِ هن ڪملا ڏانهن نهاريو جنهن کي هڪدم سڃاتائين، جيتوڻيڪ هوءَ پاڻيءَ جي ٻانهن ۾ بيهوش پيئي هئي. تڏهين ڪيس ڄاڻ ٿي ته اهو خود سندس پٽ هو، جنهن جي شڪل ڪنهن ڳالهه جي ڪيس يادگيري ڏياري هئي ۽ سندس دل ٽڪڙي

جي راهه ياد ڪرڻ لڳو، ۽ مشڪندي، اهي اکر ياد ڪيائين جي هن جوانيءَ جي اوستا ۾ سريشٽ پرش کي چئي ڏنا هئا. ڪيس ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته اُهي هٺ ۽ ايمان سان پر ٻل هئا. گهڻي وقت کان ڪيس سڌ هئي ته هو گوتم کان جدا ٿيل نه هو، جيتوڻيڪ هو سندس سکيائون يا مول سڌانت سئيڪار نٿي ڪري سگهيو. نه، سچو جگياسو ڪن به سکيائن جو پابند نٿو رهي سگهي، بنهه نه، جيڪڏهن هو سچائيءَ سان ڪجهه ڳولي لهڻ ٿو چاهي. پر اهو جنهن ڳولي لڌو هو، سو هر ڪنهن مارڳ لاءِ، هر ڪنهن منزل مقصود لاءِ پنهنجي پسند ڏئي ٿي سگهيو؛ ڪنهن به ڪيس انهن ٻين سيني هزارن کان الڳ نٿي ڪيو جي اڳيئي اننت پد تي رسيل هئا، جي ايشور ۾ لين ٿيل هئا.

هڪ ڏهاڙي، جڏهين تمام گهڻا لوڪ، ساس ڇڏيندڙ ٻڌَ جي ياترا لاءِ وڃي رهيا هئا، تڏهن ڪملا جا ڪن ڏينهين سندر ۾ سندر ونشيا هئي، اُها پڻ ياترا لاءِ وڃي رهي هئي. هن جيوت جي اڳين ڪمارگ کي گهڻي وقت کان تياڳ ڪري ڇڏيو هو، پنهنجو باغ گوتم جي ششن کي ڏئي ڇڏيو هو، ٻڌ جي سکيائن ۾ شرن ورتي هئي ۽ اهي ناريون ۽ هتڪارڻيون جيڪي ياترين جي شيوا ٽهل ۾ لڳل هيون تن سان وڃي شامل ٿي هئي. گوتم جي انت سمي جو ٻڌي هوءَ پنهنجي پٽ سان، سادا وستر يڪي، پيرين پنڌ نڪتي هئي. سفر ڪندي هو نديءَ لائين اچي پهتا هئا، پر ڇوڪر جلد ئي ٿڪجي، پيو؛ هن گهر موٽڻ ٿي چاهيو، هن آرام ڪرڻ ٿي چاهيو، هن کائڻ پيئڻ ٿي چاهيو. هو اڪثر ليسر ۽ روئڻو هو. ڪملا کي وقت به وقت ساڻس گڏ سمهڻو پوندو هو. هو هميشه ساڻس ڪيئن ڪرڻ تي هر ٻل هو. هوءَ ڪيس ڪارائيندي هئي، پرچائيندي هئي، ۽ ڇينڀيندي هئي. هو سمجهي نٿي سگهيو ته ڇو سندس ماتا هيءَ ٿڪائيندڙ ۽ ستائيندڙ ياترا



ڪملا ٻرڪي ويٺي، وڌيڪ چري نہ سگهي ۽ ڇوڪري مدد لاءِ پڪاريو. [صفحہ ١١١]

ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳي.

ڪملا جو ڦٽ ڌوتو ويو، پر اهو اڳيئي ڪارو ٿي ويو هو ۽ سندس بدن سڄي پيو هو. ڪيس سرجيت ڪرڻ واري دوا ڏني ويئي ۽ هوءَ هوش ۾ آئي. هوءَ سڌارت جي بستري تي سندس جهوپڙيءَ منجهه ليٽيل هئي ۽ سڌارت، جنهن سان ڪنهن وقت سندس اَلبي پريم هو، مٿانئس نمڙي بيٺو هو.

ڪملا سمجهيو ته هوءَ خواب لهي رهي آهي، ۽ مشڪندي، پنهنجي پريميءَ جي منهن ۾ نهاريائين. ڍيري ڍيري، هن پنهنجي حالت محسوس ڪئي، نانگ جو چڪ ياد ڪيو ۽ انتظار منجهان پٽ کي سڏ ڪيائين.

"چنتا نه ڪر،" سڌارت چيو. "اِجهو هت بيٺو آهي."

ڪملا سندس اکين منجهه نهاريو. سندس بدن ۾ زهر چڙهي وڃڻ ڪري ڪيس ڳالهائڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿي. "تون پيرسن ٿي ويو آهين، منهنجا پيارا،" هن چيو، "تنهنجا وار اڇا ٿي ويا آهن، پر تون اُنهيءَ نوجوان سنياسيءَ جهڙو ٿي ٿو ڏسجين جو ڪنهن وقت منهنجي باغ ۾ آيو هو، بنا وسترن جي ۽ مٽيءَ پيل پيرن سان. تون هينئر گهڻو اُنهيءَ وانگر آهين، بنسبت تنهن وقت جي جڏهن تون ڪامسواميءَ ۽ مونکي ڇڏي ويو هئين. تنهنجا نيتر اُنهيءَ وانگر آهن، سڌارت. آءٌ پڻ پوڙهي ٿي آهيان، ڪراڙي — تو مونکي سڃاتو؟"

سڌارت مشڪيو. "مون توکي هڪدم سڃاتو، ڪملا، منهنجي مٺڙي."

ڪملا پنهنجي پٽ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو: "تو هن کي پڻ سڃاتو؟ هو تنهنجو پٽ آهي."

سندس اکين ڦٿڪو کاڌو ۽ ٻوٽجي ويئون. ڇوڪر روئڻ لڳو. سڌارت ڪيس گود ۾ وهاريو. ڇوڪري بس ڪانه ڪئي ۽ هو سندس وار نيرڻ لڳو. بالڪ جي منهن ڏانهن نهاريندي

ڪيس هڪ برهمڻ واري پرارٿنا ياد آئي جا هوءَ هڪ دفعو سکيو هو جڏهن هوءَ پاڻ ننڍڙو ٻار هو. ڏيري ڏيري ۽ سريلي آواز ۾ هوءَ اُها ڳائڻ لڳو: اُهي شبد ڪيس گذريل سمي مان، ٻالپڻ مان واپس آيا. جڏهن هوءَ اُچاريندو رهيو تڏهن ٻالڪ چپ ٿيندو ويو، رکي رکي ٿورا سڏڪا ڀري پريائين ۽ نيٺ ننڊ ڪٽي ويس. سدارت ڪيس واسديو جي بستري تي ڪري سمهاريو. واسديو چلهه وٽ چانور رڌي رهيو هو. سدارت ڏانهنس نهاريو ۽ واسديو مشڪيو.

”هوءَ پوڻان پساهه ڪٽي رهي آهي،“ سدارت ڪوملتا سان چيو.

واسديو ڪنڌ ڌوڻيو. چلهه منجهان اُگنيءَ جي روشنيءَ جو ڌهو سندس سباجهي منهن تي پئي پيو.

ڪملا وري به هوش ۾ آئي. سندس چهري تي پيڙا هئي؛ سدارت سندس مُک تي، سندس زردي چهري تي پيڙا ڏٺي. هن چپ چاپ، ڏيان لائي اها ڏٺي، ترسيو ۽ سندس پيڙا پاڻ به ونڊڻ لڳو. ڪملا سمجهي ويئي؛ پنهنجي نظر هنجي نظر سان ملائڻ چاهيائين.

ڏانهنس نهاري هن چيو: ”هاڻي، آءٌ ڏسان ٿي ته تنهنجون اُکين منجهه پڻ ڦيرو آيل آهي. اهي اصل نياريون ٿي ويئون آهن. آءٌ ڪئن ٿي سڃاڻان ته تون اُجا به سدارت آهين؟ تون آهين سدارت ۽ تڏهن هوندي به هن وانگر نه آهين.“

سدارت ڪجهه ڪين ڪيو؛ چپ چاپ سندس اُکين ۾ نهاريندو رهيو.

”تو اُها پراپت ڪئي آهي؟“ هن پڇيس. ”تو شانتي پائي آهي؟“

هن مشڪيو ۽ پنهنجو هٿ سندس هٿ مٿان رکيائين.

”هائو،“ هن چيو، ”آءٌ ڏسان پيئي. مونکي پڻ شانتي

ٻڪري بيٺل هئي، اُتي ٻڌي پيرمردن گاهه وڇايو ۽ واسديو سمهي پيو. پر سدارت ٻاهر ويو ۽ ساري رات جهوپڙيءَ جي اڳيان ويٺو رهيو ۽ نديءَ کي ٻڌندو رهيو، گذريل سمي جي يادگيريءَ ۾ ٻُڏل جا هئي، ساڳئي وقت سندس جيوت جي سڀني سمن جي يادگيريءَ سان پريل ۽ وڪوڙيل. وقت ۾ وقت هوءُ ٻئي اُٿيو ۽ جهوپڙيءَ جي دروازي ڏانهن ٿي ويو ۽ ڪَنُ ڏيئي ٿي ٻڌائين ته ڇوڪرو جاڳيو ته نه آهي.

سويل صبوح جو، سورج اُڀرڻ کان اڳ، واسديو واڙ مان ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي مٽر وٽ آيو.

”تو ننڊ ئي ڪانه ڪئي آهي،“ هن چيو.

”نه، واسديو، آءٌ هت ويٺو هوس ۽ نديءَ کي ٻڌي رهيو هوس. ان مونکي گهڻوئي ڪجهه ٻڌايو آهي، اُن مونکي گهڻن ئي اُتم ويچارن سان، ايڪتا جي ويچارن سان پوري ڇڏيو آهي.“

”تو گهڻو ڪجهه سنو آهي، سدارت، تنهن هوندي به آءٌ ڏسان پيو ته شوڪ تنهنجي هردي اندر نه پيٺو آهي.“

”نه، منهنجا پريتم. آءٌ شوڪ ڇو ڪريان؟ آءٌ جو هوس ڌنوان ۽ سکي، سو ٿيو آهيان پاڻ وڌيڪ ڌنوان ۽ وڌيڪ سکي. مونکي منهنجو پُٽر ڏنو ويو آهه.“

”آءٌ پڻ تنهنجي پٽر جي آجيان ٿو ڪريان. پر هاڻ، سدارت، هل ته هلي ڪم کي لڳون، گهڻوئي ڪجهه ڪرڻو پيو آهه. ڪملا انهيءَ ساڳئي بستري تي گذاري ويئي جتي منهنجي زال جو مرڻ ٿيو هو. اسين ساڳئي دڙي تي ڪملا جو اَگني سنسڪار ڪنداسين جتي اڳي منهنجي زال جو ٿيو هو.“

جيستائين ڇوڪرو سمهيل هو تيستائين هنن چِکيا تاهي ورتي.

پراپت ٿيندي."

"توکي ملي ويئي آهي،" سڌارٿ پڇيو.

ڪملا اِستريا سان ڏانهنس نهاريو. سندس اکيون ڪا هئي گوتم ڏانهن ياترا ڪرڻ جي، سريشٽ پُرش جي درشن ڪرڻ جي، سندس شانتيءَ مان ڪجهه ذرو پراپت ڪرڻ جي، ۽ اُنجي بجاءِ هوءَ سڌارٿ کي ڏسي رهي هئي، ۽ اِنهن نيڪ هو، اهڙو ئي نيڪ جهڙو جيڪر هوءَ گوتم جو درشن پائي ها. هن اها ڳالهه ڪيس چوڻ ٿي چاهي، پر سندس زبان وس کان ٻاهر ٿي ويئي هئي. چپ چاپ هوءَ ڏانهنس نهاريندي رهي ۽ هن سندس اکين منجهان جوت جهڪي ٿيندي ڏٺي. جڏهن آخرين پيڙا سندس نيڻن مان لنگهي اَلوپ ٿي ويئي ۽ آخرين ڏڪڻي سندس سرير منجهان وهامي ويئي، تڏهن سڌارٿ پنهنجن آڱرين سان سندس چپر بوٽيا.

هوُ اُتي گهڻي وقت ويٺو رهيو ۽ سندس مرتڪ منهن ڏانهن نهاريندو رهيو. گهڻي وقت تائين هوُ سندس منهن، سندس جهوڙ تڪل مک ۽ سندس گهنجيل چپن ڏانهن نهاريندو رهيو، ۽ يادگيري آيس ته ڪيئن، هڪ دفع، پنهنجي ڦوهه جوانيءَ ۾ سندس چپن جي ڀيٽ تازي ڪپيل انجير سان ڪئي هئائين. گهڻي وقت تائين سندس زردي مائل ڏانهن، سندس تڪل گهنجن ڏانهن سوچ سان نهاريائين ۽ خود پنهنجو منهن اُن جهڙو ڏٺائين، اهڙو ئي زرد، پڻ مئل، ۽ ورِي ساڳئي وقت هن ڏٺو پنهنجو منهن ۽ هنجو منهن، جوان، لعل لبن سان، اُڪير ڀريل اکين سان ۽ مٿس ڪملا ۽ پنهنجي ورتمان ۽ سهيوڳي جيون جو ڀاوُ غالب پئجي ويو. هن ويل وڌيڪ چِتائيءَ سان هر جيون جي اَمرتا ۽ پل پل جو اَننتپڻو اَنڀوُ ڪيائين.

جڏهين هوُ اُٿيو، واسديو سندس لاءِ ڪجهه چانور رڌي تيار ڪيا هئا، پر سڌارٿ ڪاڌو نه ڪين. واڙ منجهه، جتي

۽ خوش ٿي سمجھيو، پر جڏهن وقت ويو گذرندو ته ٻئي ڇوڪرو رُڪو ۽ ليسر ٿي رهيو ۽ جڏهن هن پاڻ کي هوڏي، هٺيلو ۽ نافرمانبردار ثابت ڪيو، جڏهن هن ڪم ڪرڻ کان ناٻري واري، جڏهن هن پيرمردن جي ڪا به عزت ڪانه رکي ۽ واسديو جي وڏن مان ميون جي ڇن پٽ لڳائي ڏني، تڏهن سدارت محسوس ڪرڻ لڳو ته ڪيس پٽر ملڻ ڪري ڪا شانتي يا سک حاصل ڪونه ٿيو آهي، اُلٽو دک ۽ هلاڪي. پر هو ڪيس پيار ڪندو هو ۽ پنهنجي پيار جو دک ۽ ڪشٽ سهن ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪيائين بنسبت ڇوڪري بنا سک ۽ خوشي ماڻڻ جي.

جنهن ڏينهن کان ننڍي سدارت جهوپڙيءَ اندر پير پاتو، تنهن ڏينهن کان ٻئي پيرمرد ڪم ڪار ۾ ياڳي پائي هئا. واسديو پنهنجو سمورو ڪاروبار سنڀاليندو هو ۽ سدارت، پنهنجي پٽ سان گڏ هجڻ سبب، جهوپڙيءَ ۽ ٻنين منجهه ڪم ڪندو هو.

گهڻي ئي مهنا سدارت صبر ۽ ڌيرج سان اِها آشا رکي ويٺو ته سندس پٽر نيٺ ساڻس ھِري ويندو، سندس پيار سڃاڻيندو، ۽ شايد موٽ ۾ ڪيس پيار ڏيکاريندو. گهڻن ئي مهنن تائين واسديو اِها روئداد جاچيندو رهيو، ترسيو ۽ ماٺ ۾ رهيو. هڪڙي ڏينهن جڏهن ننڍو سدارت پنهنجي پتا کي پنهنجي ڪروڌ سان ۽ پنهنجي تکي سياءَ سان ستائي رهيو هو ۽ چانورن جا ٻئي پيالا ڀڃي ڇڏيا هئائين، تڏهن، شام جي وقت، پنهنجي متر کي پاسيرو وٺي ساڻس ڳالهائو ٿيو.

"مونکي کميا ڪجِ،" هن چيو، "آءٌ توسان پنهنجي متر جي حيثيت ۾ ڳالهائي رهيو آهيان. آءٌ ڏسان ٿو ته تون ڪيترو نه پريشان ۽ دکي آهين. تنهنجو پٽر، منهنجا پريتم، توکي تنگ ڪري رهيو آهي ۽ مونکي پڻ. هي ننڍڙو پکي ڪنهن

پٽر

ڏُکايل ۽ روئندي، ڇوڪر پنهنجي ماتا جي اَگني سنسڪار وقت حاضر رهيو؛ ڏکايل ۽ مايوس، هن سڌارٿ کي کيس پٽ ڪري سڏيندو ٻڌو ۽ واسديو جي جهوپڙيءَ ۾ رهڻ لاءِ سندس آءُ آدر ڪندو ڏٺو. ڏينهن جا ڏينهن ساندهه هُو زرد ڇهري سان مُڙن جي ڍڙي تي وينو هوندو هو، منهن ڪٽي ڦيرائيندو هو، دل جو دروازو بوٽي ڇڏيائين، پنهنجي پرالبڌ سان لڙندو، جڏ جوليندو رهيو.

سڌارٿ کيس گهڻو گُهرندو هو ۽ کيس پنهنجي وات هلڻ ڏيندو هو ڇو جو کيس سندس شوڪ جو قدر هو. سڌارٿ سمجهي ويو ته سندس پٽر کيس ڪونه سڃاتو هو، ۽ هُو کيس پِتا سمان پيار نٿي ڪري سگهيو. ڌيري ڌيري هن پڻ ڏٺو ۽ هُو محسوس ڪرڻ لڳو ته هي يارهين سالين جو نينگر ماءُ جو ڪاريل ٻالڪ هو ۽ شاهوڪاري جيوت جي نموني ۾ پليل هو، عمدن ڀوڄن ۽ نرم بستري تي هريل هو ۽ نوڪرن تي حڪم هلائڻ جي عادت هئس. سڌارٿ سمجهيو ته ڪريل ۽ دکي ڇوڪر هڪ ڌارئي ۽ غريباڻي هنڌ هڪدم راضي ٿي ويهي ڪين سگهندو. مٿس ڪنهن به ڳالهه جو زور ڪين ڀريائين؛ هُو سندس لاءِ گهڻوئي ڪجهه ڪندو هو، ۽ سدائين سندس لاءِ سٺي ۾ سٺا ڀوڄن بچائي رکندو هو. آهستي، دوستاڻي ڌيرج سان هن کيس پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺڻ جي آس رکي.

جڏهن ڇوڪر وٽس اَول آيو هو تڏهن هن پاڻکي ڌنوان

”نه، واسديو، آءٌ ڪجهه به ڪونه ڪندو آهيان.“

”مونکي سڌ آهي. تون پنهنجي پٽ سان ڪا به سختي ڪانه ٿو ڪرين، تون هنکي ڪا به سزا ڪونه ٿو ڏين. تون هن تي ڪو به حڪم ڪونه ٿو هلائين — چاڪاڻ ته توکي سڌ آهي ته نرمي سختيءَ کان وڌيڪ پربل آهي، پاڻي پهاڙ کان وڌيڪ پربل آهي، پريم زبردستيءَ کان وڌيڪ پربل آهي. بلڪل نيڪ، توکي انهيءَ لاءِ ڌنيواد هجي. پر اِها تنهنجي ڀل ته نه آهي جو تون ساڻس ڪا به سختي ڪانه ٿو ڪرين، ڪيس ڪا به سزا ڪانه ٿو ڏين؟ تون ڪيس پنهنجي پريم سان زنجير ۾ ته ڪونه ٿو جڪڙين؟ تون ڪيس پنهنجي ڀلمانسيءَ ۽ ڌيرج سان روز بروز شرمسار ته ڪونه ٿو ڪرين ۽ هن لاءِ اَڃا به وڌيڪ ڪننائي ته نٿو پيدا ڪرين؟ تون هن هوڏيءَ، هٺيليءَ ڪريل ڇوڪر کي جهوپڙيءَ اندر ٻن پوڙهن، ڪيلن ڪائيندڙن سان گڏ رهڻ لاءِ لاچار ته ڪونه ٿو ڪرين، جن لاءِ چانور به آهن هڪ سوادي ڀوڄن، جن جا خيال هنجي خيالن سان ڪڏهن به ٺهڪي ڪونه سگهندا، جن جون دليون آهن پراڻيون، ۽ شانت-ميه ۽ هنجي دل کان ڪن ٿيون نياري دڪ دڪ؟ اِهي سڀ ڳالهيون هنکي مجبور ته ڪونه ٿيون ڪن، سيڪت ته ڪونه ٿيون ڏين؟“

سڌارٿ وياڪلتا منجهان زمين ڏانهن نهارڻ لڳو. ”تون ڇا ٿو سمجهين ته مونکي ڪرڻ گهرجي؟“ سڌارٿ سرلتا سان پڇيو.

واسديو چيو، ”شهر ڏانهن وٺي وڃينس؛ سندس ماتا جي گهر ڏانهن وٺي وڃينس. اَڃا تائين به اُتي نوڪر چاڪر هوندا؛ انهن وٽ وٺي وڃينس. پر جيڪڏهن هاڻي نه هجن، ته ڪنهن آچاريه وٽ وٺي وڃينس، نه وديا جي خيال کان پر انهيءَ درشٽيءَ کان ته اُلي هو ٻين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان رلي

نياريءَ جيوت، نياري آکيري تي هريل آهي. هي دولت ۽ شهر کان تو وانگر نه ڪو ڏڪار جي ڀاڙ ۾ يا ورچجي نه ڪونه ڀڳو آهي؛ اهي ٻڌارت ڪيس لاچاريءَ کان، سندس اِڇا جي ورتڻ ڇڏڻا پيا. مون نديءَ کان پڇيو آهي، منهنجا دوست، مون گهڻيئي دفعا ڪانئس پڇيو آهي، ۽ نديءَ ڪليو پئي آهي، مونتي پئي ڪليو آئنس ۽ توتي پئي ڪليو آئنس؛ اسانجي مورڪنا تي ڪلي ڪلي ڪيري تي پيئي آهي. ٻاٽي ٻاٽيءَ سان ملندو، جواني جوانيءَ سان. تنهنجو پٽ هن هنڌ خوش رهي نه سگهندو. تون ڀل نديءَ کان پڇ ۽ جيڪي چوئي سو ٻڌ."

ڇننا منجهه ٻڌل، سڌارت، هنجي سڀاجهڙي ڇهري ڏانهن نهاريو، جنهن منجهه گهڻيئي شي سِلُ گهڻج پيل هئا.

"آءُ هن کان جدا ڪٿن تي سگهندس؟" هن ڪوملتا سان چيو، "ڪجهه مهلت اَچا ڏينم، منهنجا پيارا متر. آءُ هن لاءِ لڙي رهيو آهيان، آءُ سندس دل وٽ پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. آءُ ڪيس پريم ۽ ڏيرج سان باز آڻيندس. ندي پڻ ڪنهن وقت ساڻس ڳالهائو ٿيندي. هن کي پڻ نديءَ جو سڏ ٿيل آهي."

واسديو جي مشڪ وڌيڪ حبائتي ٿي. "هائو، بيشڪ،" هن چيو، "هن کي پڻ سڏ ٿيل آهي؛ هو پڻ اَمر جيوت جو جزو آهي. پر توکي ۽ مونکي اها جاڻ آهي ته هنکي ڇا جي لاءِ سڏ ٿيل آهي، ڪهڙي مارڳ لاءِ، ڪهڙين ڪارين لاءِ، ڪهڙن ڏکن لاءِ؟ هنجا ڏک ڪو ٿڃ ڪونه ٿيندا. هو هٺيلو ۽ پٿردل آهي. هنکي شايد گهڻو ڪجهه سهڻو پوندو، گهڻيئي غلطيون ڪندو، گهڻائي اَنرٿ ڪندو، گهڻائي پاپ ڪندو. مونکي ٻڌاءِ، منهنجا دوست، تون پنهنجي پٽ کي سيکاري رهيو آهين ڇا؟ تنهنجي مجتا ۾ آهي ڇا؟ تون ڪيس ماريندو يا سزا ڏيندو آهين ڇا؟"

نه تون ڪيس انهيءَ ڏک، پيڙا ۽ پراشچت کان بچيل ڏسڻ چاهين ٿو پر جيڪڏهن تون هن لاءِ ڪري ڏهه گهرا مري ساهه ڇڏيندين، ته به تون هنجي پرالبڌ ۾ ترماتر به ڦيرو آڻي نه سگهندين."

واسديو ڪڏهن به اڳي ايترو نه ڳالهايو هو. سدارٿ سندس دوستاڻي نموني ۾ سندس شڪرادائي ڪئي، پريشانيءَ ۽ وياڪلتا منجهه جهوپڙيءَ ڏانهن وريو، پر ڪيس ننڊ ڪانه آئي. واسديو ڪيس ڪا به اهڙي ڳالهه ڪانه چئي هئي جا ڪيس اڳيئي ويچار ۾ نه هئي يا جنهن جي ڪيس اڳيئي ڄاڻ نه هئي. پر انهيءَ ڄاڻ کان وڌيڪ هو سندس ڇوڪري لاءِ پيار، موهه، ڪانئس وڇڙڻ جو ڀؤ. ڪنهن ڪي به، ڪڏهن به، هن اهڙي پورن نموني پنهنجي دل سؤنپي ڇڏي هئي، ڪنهن ڪي به، ڪڏهن به هن ايترو پيار ڪيو هو، اهڙو انڌو، اهڙي پيڙا سهندي، اهڙو نراس رهندي ۽ تنهن هوندي به اهڙي آنند سان ڀرپور؟

سدارٿ پنهنجي دوست جي صلاح تي هلڻ لاءِ اسمرٿ هو؛ هو پنهنجي پٽ کان وڇڙي نٿي سگهيو، هن ڇوڪري کي مٿس حڪم هلائڻ لاءِ ۽ سندس نافرماني ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏنو. هو چپ چاپ رهيو ۽ ترسيو؛ هو مترتا ۽ ڌيرج جي گونگي پڌ روزانو جوٽيندو رهيو. واسديو پڻ چپ رهيو ۽ ترسي ويٺو، مترتا جي ڀاو ۾ ويچاروان ۽ ڪميا روپ. هو ٻئي تحمل ۽ ڌيرج ۾ پڙ هئا.

هڪ ڀيري جڏهن ڇوڪري جي چهري ڪيس ڪملا جي يادگيري ڏياري، تڏهن اچانڪ هن اهو ڪجهه ياد ڪيو جو ڪملا ڪيس گهڻو وقت اڳ چيو هو. "تو ۾ پريم ڪرڻ جي شڪتي ڪانه آهي،" هن ڪيس چيو هو ۽ هو ساڻس شامل راءِ هو. هن پنهنجي ڀيٽ تاري سان ڪئي هئي ۽ ٻين ماڻهن جي ڪرنڊڙ ٻچن سان، ۽ انهيءَ هوندي به هن سندس اکرن

ملي سگهي ۽ انهيءَ دنيا ۾ رهي جنهن جو هو جزو آهي. توکي
ڪڏهن اهڙو ويچار نہ آيو آهي ڇا؟"

"تون منهنجي دل اندر پيهي سگهين ٿو،" سڌارٿ غمگين
ٿي چيو. "مونکي اڪثر اهو ويچار پئي آيو آهي. پر هي
جو اهڙو سنگدل آهي سو دنيا منجهہ ڪيئن هلي سگهندو؟
هو پاڻکي ٻين کان اوچ ڪونہ سمجهندو، هو پنهنجو پاڻ
عيش عشرت ۽ طاقت جي گهمنڊ ۾ ڪين گنوائيندو، هو پنهنجي
پتا جون غلطيون ڪين دهرائيندو، هو سموري ئي سنسار
اندر غرق ڪونہ ٿي ويندو؟"

پاٽڻي وري مشڪيو. هن سڌارٿ جي ٻانهن کي ڪوملتا
سان سپرش ڪيو ۽ چيو: "انهيءَ بابت نديءَ کان پڇ،
منهنجا مترا! ڪَنْ ڏيئي ٻڌ، ۽ ويهي کل انهيءَ باري ۾!
سچ پچ تنهنجو خيال اهو آهي ڇا تہ تو جيڪي غلطيون ڪيون
سي صرف انهيءَ لاءِ تہ تنهنجي پٽ جو انهن کان بچاءُ ٿئي؟
تڏهن تون سنسار کان انجي رکيا ڪري سگهندين؟ ڪيئن؟
سکيا دواران، پرارٿنا دواران، پربوڌ دواران؟ منهنجا پيارا
دوست، ڇا، تو اها اپديشڪ ڪهاڻي وساري ڇڏي آهي
جا تو مونکي هڪ دفع هتي سڌارٿ، برهمڻ جي پتر بابت
ٻڌائي هئي؟ ڪنهن سڌارٿ سنياسيءَ کي سنسار کان، پاپ،
ترشنا ۽ مورکتا کان بچايو؟ سندس پتا جو ڀڳتي ڀاوُ، سندس
آچاريہ جو پربوڌ، سندس وديا، سندس پنهنجي تلاش، اهي
سڀ سندس رکيا ڪري سگهيا؟ ڪهڙو پتا، ڪهڙو آچاريہ،
ڪيس پنهنجي نموني جيوت رهڻ کان، بُريءَ جيوت سان پاڻکي ملين
ڪرڻ کان، پاپ جو بوجهو سر تي کڻڻ کان، زهري پيالو پيت
ڪرڻ کان، پنهنجو رستو پاڻ وجهي ڳولهڻ کان روڪي سگهيو؟
تون سمجهين ٿو، منهنجا پريہ متر، تہ ڪير بہ انهيءَ پيچري
کان بچي سگهي ٿو؟ شايد تنهنجو پٽ بچي سگهي، ڇاڪاڻ

نه هئا جن ڏاران هو ڇوڪر پنهنجو ڪري ٿي سگهيو. هو هن ٻنا منجهان، جنهن ڪيس هن نياڳي جهوپڙيءَ ۾ رکيو هو، ڪک ۽ خفي ٿي پيو ۽ جڏهن هُو سندس بدفضيلتيءَ جو جواب مرڪ سان ڏيندو هو، هر ڪنهن اُپمان جو مٺرتا ياوَ سان، هر ڪنهن ڪيٽائيءَ جو رحمدليءَ سان، تڏهن هُو اِئين سمجهندو هو ته اِها آهي هن ٻڍي لومڙ جي نفرت لائق چالاڪي ۽ حرفت. جيڪڏهن سندس ٻنا ڪيس ڌمالي ۽ ڏيڙانٽي ها ۽ ساڻس برو ورتاءُ ڪري ها ته ڇوڪر هوند اُهو وڌيڪ پسند ڪري ها.

هڪڙو ڏينهن اهڙو آيو جو ننڍي سڌارت کي جيڪي دل ۾ هو سو چٽي ڏنائين ۽ ڪليو ڪلايو پيءُ جي ورڌ ٿي بيٺو. پٽس ڪيس ڪجهه ڪانيون ميڙي اَچڻ لاءِ چيو هو. پر ڇوڪري پونگيءَ جي ٻميي ڪان پير ٻاهر ئي ڪونه ڪڍيو، اُلٽي ٿي بيٺو رهيو، بي پرواهه ۽ ڏمريل، زمين تي ڌڙها هڻڻ لڳو، ٿونشا اولارڻ لڳو ۽ پنهنجي ٻنا جي منهن سامهون زور سان پنهنجي ڌڪار ۽ نفرت ظاهر ڪرڻ لڳو.

"تون نه ٿو وڃين پنهنجون ڪانيون ميڙي اَچين،" وات ۾ گجي آڻي هن رڙ ڪري چيو، "آءٌ ڪو تنهنجو نوڪر ڪونه آهيان. مونکي سڌ آهي ته تون مونکي مارين ڪين ٿو؛ توکي اهڙي مجال ئي ڪانه ٿيندي! پر آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون مونکي پنهنجي ايشور ڀڳتيءَ ۽ چڙواڳيءَ سان پيو سزا ڏين ۽ شرمسار ڪرين. تون چاهين ٿو ته آءٌ به تو جهڙو ئي ٿيان، اهڙو ڌرمشٽ، اهڙو نرم دل، اهڙو گيانوان ٿيان، پر صرف توکي خار ڏيارڻ لاءِ، آءٌ ته اُلٽو جيڪر چور، خوني ٿيان ۽ نرڪ وڃڻ پسند ڪريان، انهيءَ ڪان جو تو جهڙو ٿيان. مونکي تو لاءِ ڌڪار آهي. تون منهنجو ٻنا ڪونه آهين توڙي ڪري ٻارهن دفعا تون منهنجي ماتا جو پريمي ٿيو هجين!"

۾ ڪجھہ مٺو محسوس ڪيو. اھا حقيقت ھئي تہ ھن ڪڏھن بہ ٻالڪي ڪنھن بہ جيءَ ۾ ايتري قدر وڃائي نہ ڇڏيو ھو جو ھوءَ پاڻ وساري ڇڏي؛ ھن کان ڪڏھن بہ ٻئي شخص کي پريم ڪرڻ واريون غلطيون ڪونہ ٿيون ھيون. ھوءَ ڪڏھين بہ اِئين ڪري نہ سگھيو ھو، ۽ کيس ڏسڻ ۾ آيو ھو تہ اھوئي ھو سَندو، وڏي ۾ وڏو فرق سندس ۽ رواجي انسانن جي وچ ۾. پر ھاڻ، جنھن وقت کان سندس پٽ اُلي آيل ھو، تنھن وقت کان وٽي ھو بہ رواجي انسانن منجھان پورن ريت ھڪ جھڙو ھو، دکہ جي خيال کان، محبت جي لحاظ کان. ھو پريم ۾ مگھن ھو، پريم ڪارڻ پاڳل ھو. ھاڻي گھٽ ۾ گھٽ ھڪ دفع زندگيءَ منجھہ، جيتوڻيڪ دير پيرو، ھن زبردست ۾ زبردست ۽ عجيب ۾ عجيب جذبي جو آزمودو پرايو؛ انھيءَ ڪري کيس تمام گھڻي قدر سھڻو پيو پر انھيءَ ھوندي بہ ھن پاڻ کي اوچ ٿيل ۽ ڪنھن نموني وڌيڪ نئون ٿيل ۽ وڌيڪ ڀرپور ٿيل ٿي سمجھو.

ھن سچ پچ ٿي ڀانيو تہ پنھنجي پٽ لاءِ پيار، ھي اَندو پيار بلڪل انساني جذبو آھي، انھيءَ کي چئبو آھي سنسار— اونھي پاڻيءَ جو ڳڙ ڳڙ ڪندڙ چشمو. ساڳئي وقت ھن اِئين بہ اَنڀؤ ڪيو تہ اِھو ڪو نڪمو يا بيڪار نہ ھو، پر ضروري ھو، ۽ سندس سڀاءُ يا پرڪرتي منجھانئي پيدا ٿيل ھو. ھي جذبو، ھيءَ پيڙا، ھي مورکتايون پڻ ڏسڻيون ٿي ھيون.

انھيءَ وچ ۾ سندس پٽ کيس پنھنجين مورکتاين ڪرڻ، پنھنجو پاڻ ڳھڻ، سندس بدمزاجيءَ ڪري شرمسار ٿيڻ جو موقعو ڏيندو رھيو. ھن پتا منجھہ ڪجھہ اھڙو ڪونہ ڏٺو جو ھنکي ڏانھنس ڇڪي، ۽ نڪي ڪجھہ اھڙو جنھن کان ھو ڌڄي. سندس پتا ھڪ نيڪ انسان ھو، ھڪ حليم رحمدل انسان، شايد ھڪ ڀڳت، ھڪ ساڌوجن انسان— پر اھي ڳڻ اَھڙا

پوءِ نه هو ٻار هاڪاري هليا ۽ اول ته گهڻو پري گهلجي ويا، پر پوءِ ترهي کي اوڀارو هلائي هن پر پهتا.

"ٿو پاڻ سان ڪهاڙي ڇو آندي آهي؟" سڏارت پڇيو.

واسديو چيو: "ممڪن آهي ته اسان جي ٻيڙيءَ جو ونجهه گم ٿي ويو هجي."

پر سڏارت کي سڌ هئي ته سندس من کي ڪهڙي ڳالهه خيال ۾ هئي — شايد اها ته ڇوڪري ويرپاڙڻ جي خيال کان يا پنهنجو پيڇو روڪڻ جي خيال کان ونجهه اُڇلي ڇڏيو هجي يا ڀڃي ڇڏيو هجي. سچ پچ ٻيڙيءَ ۾ ونجهه هئوئي ڪونه. واسديو ٻيڙيءَ جي تري ڏي اشارو ڪيو ۽ پنهنجي دوست ڏانهن نهاري مشڪيو جڻ ته ائين چوڻ لاءِ: تون ڏسين نه ٿو ته تنهنجو پٽ ڇا ٿو چوڻ چاهي؟ تون ڏسين نه ٿو ته هو نٿو چاهي ته سندس پيڇو ڪيو وڃي؟ پر هن اهو سڀ وات مان ڪونه ڪڇيو ۽ ونجهه ٺاهڻ کي لڳي ويو. سڏارت ڇوڪري کي ڳولي لهڻ لاءِ ڪانئس موڪلائي هليو. واسديو کيس روڪ ڪانه ڪئي.

سڏارت کي ٻن ۾ ڇوڪر ڍوندي ڍوندي ڀڄل وقت ٿي ويو هو. نيٺ کيس خيال آيو ته سندس ڳولا اجائي هئي. يا ته، هن سوچيو، ڇوڪري کي ٻن مان نڪتي ۽ شهر ۾ پهتي گهڻو ئي وقت ٿي ويو هوندو، يا ته جيڪڏهن هو رستي ۾ هوندو ته پيڇي ڪندڙ کان ضرور ڇپي ويندو. ۽ جڏهن اڃا وڌيڪ سوچ ڪرڻ لڳو، تڏهن هن معلوم ڪيو ته هو پٽ جي ڪري پريشان ڪونه هو، اندر ۾ کيس سمجهيو پئي ته ٻن ۾ نه کيس ڪو ڇيهو رسيو هوندو ۽ نه کيس ڪو خوف خطرو ئي هوندو. انهيءَ هوندي به هو هلندو هليو، هاڻ نه سندس رکيا ڪرڻ واسطي، پر انهيءَ منشا سان ته من سندس ملاقات ٿي وڃي ۽ ائين هو شهر جي ٻاهران اچي پهتو.

ڪروڌ ۽ ڏک سان ڀرجي، هن پنهنجي پتا ڏي اڌ ننگن ۽ ڪاوڙ ڀريل وچنن جو خوب ڏوڙيو وسايو. تنهن کان پوءِ ڇوڪر ڀڄي ويو ۽ سنجها جو چرڪو واپس آيو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هو رفوچڪر ٿي ويو. هڪ ننڍي ٻه رنگي بيد واري ٽوڪري جنهن ۾ پالٽي ٽامي ۽ چانديءَ جا سڪا رکندو هو، جي کيس اجوري طور ملندا هئا، سا پڻ گم هئي. ٻيڙي ٻه پنهنجي جاءِ تي ڪا نه هئي. سڌارٿ کي اها نديءَ جي هن پر بيٺل نظر آئي. ڇوڪر ڀڄي ويو هو.

”مونکي هن جي ڪڍ وڃڻ گهرجي،“ سڌارٿ چيو، جو ڇوڪر جي اڳين ڏهاڙي وارن ڪنور وچنن سبب گهڻو وياڪل هو. ”ڇوڪر اڪيلو ٻن مان ڪٿي وڃي سگهندو ۽ هن کي ڪو نه ڪو هاڃو رسندو. اسان کي ندي پار ڪرڻ لاءِ، واسديو، ترهو ٻڌڻ گهرجي.“

”اسان کي ترهو ٻڌڻو پوندو،“ واسديو چيو، ”ٻيڙيءَ کي هن پر آڻڻ لاءِ، جا ڇوڪرو ڪاهي هليو ويو. پر هو ڀلي هليو وڃي، منهنجا دوست، هو ڪوهاٽي ٻار ڪو نه آهي؛ هو هاڻ پنهنجي سنڀال پاڻ ڪري سگهي ٿو. هو شهر جو رستو ڳولي رهيو آهي ۽ هو انهيءَ ۾ صحيح آهي. اها ڳالهه تون وسار نه. هو اهو ڪم ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪرڻ ۾ تو کان غفلت ٿي آهي. هو پنهنجي سنڀال پاڻ ڪري رهيو آهي؛ هو پنهنجي پاڻواري واٽ وٺي رهيو آهي. اي سڌارٿ، آءٌ ڏسي سگهان ٿو ته تون ڏکي آهين، تون اهڙا پيڙا سهي رهيو آهين جنهن تي کلڻ کپي ۽ جنهن تي تون پاڻ جلد کلندين.“

سڌارٿ جواب ڪو نه ڏنو. هو اڳيئي هٿن ۾ ڪهاڙي جهليو بيٺو هو ۽ ٻمبو لڪڙن مان ترهي ٺاهڻ کي لڳي ويو هو ۽ واسديو کيس واجهه سان لڪڙن کي گڏي ٻڌڻ ۾ مدد ڪئي.

زوريءَ مٿس مڙهڻ. اُنهيءَ هوندي به هن پڇي ويل ڇوڪري لاءِ اُتي پريم محسوس ڪيو، جئن ڪو قت محسوس ڪجي ۽ ساڳئي وقت اِهو به ڀانيائين ته اهو قت وٺاءِ ڪونه ڪندو پر ڇٽو ئي هو.

اهو قت انهيءَ گهڙيءَ ڪونه ڇٽو ۽ هو اُداس رهيو. جنهن مراد ۽ منزل ڪيس هٿ پنهنجي پٽ جي تلاش ۾ آندو هو، اُنهي جاءِ تي ڪيس صرف خال ئي خال نظر آيو. وياڪل ٿي، هو ويهي رهيو. هن پنهنجي دل اندر ڪجهه مرندو معلوم ڪيو؛ هن کي به وڌيڪ آنند، ڪو به وڌيڪ اُديش ڪونه ڏنو. هو دلگير ٿي ويهي رهيو ۽ ٽرسيو. اها ڳالهه هو نديءَ کان سکيو هو: ٽرسڻ، ڌيرج ڌارڻ، ڌيان سان ٻڌڻ. هو ڏڏڙ واري رستي تي ويهي رهيو ۽ ٻڌڻ لڳو، دل کي ڌيان سان ٻڌڻ لڳو جا بيزاريءَ ۽ وياڪلتا سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي ۽ هڪ آواز لاءِ ٽرسيو. هو اُتي ڪرونبڙو ٿي ويهي رهيو ۽ گهڻي مدت تائين ڌيان سان ڪَنُ ڏيندو رهيو، ڪي به وڌيڪ درشيه هن ڪونه ڏٺا، خال منجهه پيو رکي ويو، ۽ ٻنا ڪنهن راهه ڏسڻ جي هن پاڻکي پيو رکڻ ڏنو. ۽ هن جڏهن قت پوسرندو محسوس ڪيو، تڏهن **اوم** اکشر چپن ۾ چوريائين، پاڻکي اوم شبد سان پوري ڇڏيائين. باغ ۾ جي ٻڪشو هئا، تن ڪيس ڏٺو ۽ جئن ته هو گهڻي مدت تائين ڪرونبڙو ٿيو ويٺو هو ۽ سندس سفيد وارن تي مٽي چڙهي ويئي هئي، ٻڪشن مان هڪڙو وٽس آيو، ۽ ٻه ڪيلا سندس اڳيان رکي ويو. پيرمرد ڪيس ڏٺو به ڪونه.

هڪ هٿ سندس ڪلهي تي سپرش ٿيو جنهن ڪيس ٻي سرتيءَ مان سجاڳ ڪيو. هن اهو ڪومل، لڄائتمان سپرش سڃي ڪيو ۽ پاڻ سنڀاليائين. هو اُٿيو ۽ واسديو کي ڪيڪاريائين جو سندس پٺيان آيل هو. جڏهن هن واسديو جو سباجهو منهن

جڏهن هو شهر جي نزديڪ ڪشادي رستي تي پهتو، تڏهن انهيءَ سندر راحت بخش باغيچي جي لنگهه وٽ اچي بيهي رهيو جو ڪملا جي ملڪيت هو، جتي ڪيس ڪجهه وقت ٿيو ته پهريون ئي دفعو ڏوليءَ ۾ لنگهندو ڏٺو هئائين. گذريل سمون سندس اکين آڏو اچي ڪڙو ٿيو. وري به هن ٻار کي اتي بيٺل ڏٺو، نوجوان، سونهاريءَ سان، ننگي سنياسيءَ جي روپ ۾، وار سندس دز سان پيل. سڌارٿ اتي گهڻو وقت بيٺو رهيو ۽ کليل دروازي مان باغيچي اندر نهارڻ لڳو. هن بکشن کي سونهيڪ وڻن هيٺان پسار ڪندو ڏٺو.

هو گهڻو وقت اتي بيٺو هيو، ويچارن ۾، درشيه ڏسڻ ۾، پنهنجي جيوت جي ڪهاڻي تي نظر ڦيرائڻ ۾ مگن. هو بکشن ڏي نهاريندو اتي گهڻو وقت بيٺو رهيو، سندن بدران ڪيس نوجوان سڌارٿ ۽ ڪملا دکهن وڻن جي ڇايا هيٺ گهمندا نظر آيا. هن چڱيءَ طرح ڪملا کي پنهنجي سنگ ۾ ڪيس پهرين مٺي ڏيندو ڏٺو. هن ڏٺو ته ڪئين تڏهن هن ايمان ۽ تڪار سان پنهنجي سنياسپڻي جي سمي کي ڏٺو هو؛ ڪئين هن هٺ ۽ ڇوڇ منجهان پنهنجي سنساري جيوت جي شروعات ڪئي هئي. سندس اکين اڳيان ڪامسوامي، نوڪر چاڪر، محفلون، ڀاري راند ڪندڙ جواري، ڦرڻ لڳا. ڪملا جو ڳائڻو پکي پڃري اندر اکين اڳيان تري آيس؛ هو وري پنهنجي جيون دهرائي رهيو هو؛ سنساري پساهه کڻي رهيو هو، وري پيرسن ٿيو، وري ٿڪل، وري تڪار ۽ مرڻ جي تمنا جاڳيس، وري پوتر **اوم** جو شبد ٻڌائين.

باغيچي جي در وٽ گهڻي وقت بيهڻ کانپوءِ سڌارٿ انڀؤ ڪيو ته جا منشا ڪيس هن هنڌ ڇڪي آئي هئي سا مورکتا جي هئي، هو پنهنجي پٽ کي ڪنهن به پرڪار جي سهائتا نه ٿي ڪري سگهيو، سندس ڪم نه هو ٻار کي



هڪ هٿ سندس ڪلهي تي سپرش ٿيو جنهن کيس بي سرتيءَ مان سجاڳ ڪيو. [صفحه ١٢٧]

ڏنو، سندس مشڪڻ سبب ٽيل گھنجن ڏانھن نھاريو، سندس روشن نيڻن منجھہ ليو پاتو، تڏھن ھن پڻ مشڪي ڏنو. ھن ھاڻ ٻہ ڪيلا پاسي ۾ رکيل ڏٺا. اُھي کنيائين، ھڪڙو پاڻٽيءَ کي ڏنائين ۽ ٻيو پاڻ کاڌائين. تنھن کان پوءِ ھو چپ چاپ واسديو سان گڏجي وڙي ٻن مان لنگھي پنڌ ٽي واپس آيو. جيڪي ٻہ ٽي گذريو ھو تنھن بابت ڪنھن ڪڇيو ڪين، نڪي ڪنھن ٻہ چوڪري جو نالو ئي کنيو، نڪي سندس پاڇ بنسبت، نڪي ڦت بابت ئي ڪنھن ڳالھ چوري. سڏارت جھوپڙي ۾ وڃي بستري تي سمھيو ۽ جڏھن واسديو ڪجھہ وقت رکي ناريل جو پاٽي پيارڻ لاءِ ونس ڪٽي ويو، تڏھن ڏنائين تہ ڪيس ننڊ ڪٽي ويئي ھئي.

اوم

ڳچ وقت تائين ڦٽ پوسرائيندو رهيو. سڌارٿ گهڻن ئي مسافرن کي نديءَ جي هُن پر پهچائيندو رهيو، جن کي پٽ يا ڌيءُ ساڻ هوندي هئي ۽ ڪنهن کي ٻه ائين ڏسندو هو ته اندر منجهه ايرکا جاڳندي هئس ۽ اهوئي خيال ايندو هوس ته هيترن ماڻهن کي هيءَ تمام وڏي خوشي آهي — مونکي ڇو نه؟ خود دشمن، چورن ۽ ڦورن کي به ٻار آهن، سڀ ڪين پيار ڪن ٿا ۽ سڀ انهن جو پيار ماڻين ٿا، صرف آءٌ نه. اهڙي ٻاراڻي ۽ واهيات نموني هُو هاڻ پاڻ سان واد وواد ڪرڻ لڳو، ايتريءَ حد تائين هُو رواجي ماڻهن جهڙو ٿي ويو هو.

هاڻ هُو ماڻهن کي اڳي کان نياريءَ درشٽيءَ سان ڏسڻ لڳو. نه تمام هوشيار، نه تمام مغرور ٿي لڳا، ۽ انهيءَ ڪري ئي هُو هيڪاري وڌيڪ حبائتا، جاڻڻ لاءِ وڌيڪ آتا ۽ همدرديءَ سان وڌيڪ پريل ٿي ڏٺا.

هاڻ جڏهن هُو هميشه جهڙن مسافرن کي، واپارين، سپاهين ۽ استرين کي پار وٺي ويندو هو تڏهن ڪيس هُو ڌاريا ڪونه لڳندا هئا جئن ڪنهن وقت لڳندا هئس. هُو سندن خيال ۽ رايا ڪونه سمجهندو هو ۽ نه انهن ۾ شامل ٿيندو هو، پر هُو سندن جيوت جي جذبن ۽ تمنائن ۾ ضرور شريڪ هو. جيتوڻيڪ هُو پاڻکي ضابطي رکڻ جي اوچيءَ ڪڙيءَ تي پهتل هو ۽ پنهنجو آخرين ڦٽ چڱيءَ طرح سهن ڪري رهيو هو، ته به هاڻ ڪيس اَحساس ٿيو ته اهي رواجي ماڻهو سندس ڀائر ئي

تي نه گيان سچ پچ ڇا کي ٿو چئجي ۽ آخر سندس لنبيءَ
کوچ جو اُديش ڇا هو. اِها هئي صرف جيوَ آتما جي تياري،
شڪتي، ڳجهي ڪلا جنهن دواران جيوت جي دم دم
۾ ايڪي، هيڪڙائيءَ جا ويچار ويچاري سگهجن. اِهو خيال
ڌيري ڌيري منجهس پچي راس ٿيو ۽ اُنجو پرتوو هن واسديو
جي ٻڌي منهن ۾ ڏٺو: ساز، جڳت جي اَنادي پورنتا ۽
هيڪڙائيءَ جي ڄاڻ.

پر ڦٽ اَڃا پوسرائيندو رهيو. سدارت پنهنجي پٽ جي
باري ۾ ڏاڍيءَ سِڪ ۽ دک منجهان پور پچائيندو رهيو،
سندس لاءِ پريم ۽ ڪوملتا جو ڀاوُ اندر منجهه سانڍيندو رهيو،
پيڙا سهندو رهيو، پيار جون مورکتائون سهن ڪندو رهيو.
شعلو پاڻمراد اُجهامي ڪونه ويو هو.

هڪڙي ڏينهن جڏهين ڦٽ زبردست نموني پوسرائي
رهيو هو تڏهن سدارت، سِڪ جو ستايل، ٻيڙي ڪاهي هن
پار هليو ۽ ٻيڙيءَ مان لهي پٽ جي تلاش ۾ شهر ڏانهن رخ
رکيائين. ندي ڪوملتا ۽ ڌيرج سان وهي رهي هئي؛ خشڪ
موسم هئي پر اُنجو آواز عجيب نموني ۾ وڄي رهيو هو.
هوءَ کلي رهي هئي. هوءَ بلڪل ڇٽيءَ طرح کلي رهي هئي!
ندي اوچل مڙي سان ٻڌي پاڻيءَ تي کلي رهي هئي، ٺٺس
هاسي ڪري رهي هئي. سدارت چپ چاپ بيٺو رهيو؛ هو
پاڻيءَ مٿان انکي بهتر نموني ۾ ٻڌڻ لاءِ نئڙي بيٺو. هن
پنهنجي شڪل جو پاڇو ماٺ ميٺ ۾ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڏٺو،
۽ انهيءَ پرتوو منجهه ڪجهه اهڙو هو جنهن ڪيس ڪنهن
ڳالهه جي يادگيري ڏياري جا ڪانئس وسري وئي هئي ۽
جڏهن ان تي سوچ ڪيائين تڏهن هنکي ياد آئي. سندس
منهن هڪ ٻئي اِنسان جهڙو ٿي لڳو، جنهن کي هوُ ڪنهن
لڳا سڃاڻندو هو ۽ پيار ڪندو هو ۽ جنهن کان ڀڄي هلندو

ھئا. سنڌ ن ايمان، ترشنائون ۽ ھلڪڙايون ھاڻ ڪيس بي واجبي يا بيھوديون ڪونہ ٿي لڳيون؛ ھو سمجھہ ۾ اچڻ جھڙا، پيار ڪرڻ جھڙا ۽ خود عزت جي لائق ھئا. ڪنھن ماتا کي پنھنجي بار لاءِ آنڌو پيار ھو، ڪنھن موھ سان پريل پتا کي پنھنجي ھڪڙي ٿي سڪيلڌي پٽ لاءِ آنڌو مورک ناز ھو، ڪنھن ھنيليءَ ناريءَ کي زر زيور ۽ پنھنجي واکاڻ لاءِ آنڌي چاھنا ھئي؛ اھي سڀ تيڇ، معمولي، بي عقل، پر بلڪل زوردار، اُھم ۽ جوشيلا اُمنگ ۽ ترشنائون ھاڻ سڌارت جي نظر ۾ واھيات نہ ھئا. انھن ڪري ٿي ھن ڏنو تہ ماڻھو زندہ رھي وڏا ڪاريہ ڪن ٿا، وڏا سفر ڪن ٿا، لڙايون جوٽين ٿا، گھڻا ڏک ڀوڳين ٿا، گھڻا ڪشٽ سھن ٿا، ۽ انھيءَ لاءِ ھو ڪين پريم جي نظر سان ڏسڻ لڳو. ھن سنڌ ن سيني ڪامنائن ۽ گھرجن ۾ جان، جيون شڪتي، آبناسي وستو ۽ برھم ڏٺو. اھي ماڻھو پنھنجي آنڌيءَ وفائيءَ ۾، پنھنجي آنڌيءَ طاقت ۽ ھمٿ ۾، پريم ۽ ساراہ جا لائق ھئا. سواءِ ھڪ ننڍڙيءَ ڳالھ جي، ھڪ تيڇ رواجيءَ ڳالھ جي، منجھن ٻيءَ ڪنھن بہ ڳالھ جي ڪمي ڪانہ ھئي، جا گيانيءَ ۽ ويچاروان ۾ موجود ھئي، ۽ اُھا ھئي ساري جڳت اندر سيني جيون جي ميلاپ جي، سيني پراڻين جي ايڪي جي ڄاڻ. ۽ رکي رکي سڌارت جي اندر ۾ شنڪا اُٿندي ھئي تہ اُلائجي ھيءَ ڄاڻ، ھيءَ ويچار اھڙو لاپداڪ ھو يا نہ، ڪين اِھا بہ ويچاروانن جي، گيانين جي شايد پاراڻي آپ - وڏائي ھئي، جي پاڻ بہ شايد ھئا چڙا ويچارڪندڙ ٻالڪ. سنسار جا ماڻھو ھرڪنھن ٻيءَ حالت ۾ ويچاروانن جھڙائي ھئا ۽ آکثر ڪانئن وڌيڪ اُتم، جھڙيءَ طرح وقتي جانور بہ ضروري حالتن ھيٺ اِنسانن کان وڌيڪ اُتم، بھتر ڏسڻ ۾ ايندا آھن، پنھنجين زبردست ۽ اُڻ ٽر ڪارروائين ۾.

سڌارت جي اندر ڌيري ڌيري اِھا ڄاڻ اُٿي ۽ پختي

واسديو پنهنجي جهوپڙيءَ منجهه نوڪري مڙهي رهيو هو. هوُ هاڻ پنڌ واريءَ بيڙيءَ تي ڪم ڪونه ڪندو هو؛ سندس اکين جي جوت جهڪي ٿيندي پئي ويئي، سندس بانهون ۽ هٿ ڪمزور ٿيندا پئي ويا، پر سندس منهن ۾ آنند ۽ شانت-مي ڪُشلتا ساڳيا بڪي رهيا هئا.

سدارٿ بيرمرد جي پر ۾ ويهي رهيو ۽ هوريان ڳالهائڻ لڳو. ڪيس هاڻي اهو ڪجهه سليائين جنهن بابت هن ساڻس ڪڏهن به ذڪر ڪونه ڇوريو هو، ڪئن اُن ڏينهن شهر ڏانهن ويو هو، ڪئن سندس ڦٽ پوسرائي رهيو هو، ڪئن بين پتائن کي خوش ڏسي ڪيس ايرکا جاڳندي هئي، ڪئن ڪيس اهڙن جذبن جي مورکتا ۽ ڳهيلائيءَ جي ڄاڻ پيئي، ڪئن پاڻ سان جنگ جوٽڻ ۾ ڪيس نراسائي حاصل ٿي. هن هرڪنهن ڳالهه جو ذڪر ڪيو، هو ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائي سگهيو، دکدائڪ ڳالهيون پڻ؛ هو ڪيس سڀ ڪجهه سلي سگهيو. هن پنهنجو ڦٽ کولي ڏيکاريو، پنهنجي انهيءَ ڏينهن جي ڀاڄ بابت ڪيس ٻڌايائين ته ڪئن هو شهر منجهان ڇڪر ماري اچڻ جي مراد سان نديءَ پار ويو هو ۽ ڪئن نديءَ مٿس هاسي ڪئي هئي.

جئن هو ڳالهائيندو هليو ۽ واسديو شانت-مي ڇهري سان ڪيس ٻڌندو رهيو، تئن سدارٿ کي وڌيڪ ٽکي ڄاڻ ٿي ته واسديو کهڙو نه ساوڌان هو. هن محسوس ڪيو ته سندس هلاڪيون، سندس چنتائون ۽ سندس گهٽيون آسائون هن ڏانهن چڙهه وهنديون ٿي وييون ۽ وري موٽ پئي کاڌائون. هن ٻُڌڻ واري سان پنهنجو ڦٽ سلڻ اهڙو هو جهڙو نديءَ ۾ انکي ڌوئي صاف ڪرڻ، جيستائين اهو سيتل ٿئي ۽ نديءَ سان هڪ ٿي وڃي. جئن هو ڳالهائيندو ۽ باسيندو ويو تئن سدارٿ وڌيڪ ۽ وڌيڪ انڀؤ ڪرڻ لڳو ته هيءُ هاڻ نه

هو. انهيءَ سندس برهمڻ پتا جي شڪل سان مشابهت ٿي رکي. ڪيس ياد آيو ته ڪئن ننڍپڻ ۾ هن پنهنجي پتا کي ڪيس رخصت ڏيڻ لاءِ ۽ سنياسين سان شامل ٿيڻ لاءِ لاچار ڪيو هو، ڪئن هن ڪانئس موڪل ورتي هئي؛ ڪئن هو هليو ويو هو ۽ وري نه موٽيو هو. سندس پتا اِها ساڳي پيڙا نه سٺي هوندي جا هو هاڻي پنهنجي پٽ لاءِ سهي رهيو هو؟ سندس پتا گهڻي وقت کان ڪين گذاري ويو هو، اَڪيلو، بنا پنهنجي پٽ کي ٻيهر ڏسڻ جي؟ ساڳي پرالبڌ جي ڪيس اُميد نه رکڻ گهرجي؟ هي به هڪ چرچائي ڇهڻو نه هو، عجيب ۽ مورک گهٽنا، ساڳيءَ ساڳيءَ ڳالهه جو دهرائڻ، پرالبڌ جي چڪر ۾ گهٽنائن جو ڦيرو؟

نديءَ کلي ڏنو. هائو، اِهو ائين ئي هو. هر وسٿو جنهن کي توڙ تائين پهچڻ نه ڏنو ويو آهي ۽ جنهنجو آخرين ڇيهه نه ڪيو ويو آهي سا ور ور ڪري پيئي ٿيندي ۽ ساڳيائي سور وري پيا ڀوڳڻا پوندا. سڌارٿ وري ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺو ۽ ٻيڙي پوئتي هاڪاري جهوپڙيءَ وٽ پهتو. سارو وقت پتا جي خيال ۾، پتر جي خيال ۾ محو هو، ندي مٿس هاسي ڪري رهي هئي، پاڻ سان جهڳڙي ۾ هو، نراسائيءَ ۾ ورتل هو ۽ پاڻ تي ۽ ساريءَ دنيا تي ڏاڍيان کلڻ لاءِ به گهٽ مائل ڪونه هو. قت اَجا تائين پوسرائي رهيو هو؛ هو پرالبڌ جي خلاف اَجا به بغاوت ڪري رهيو هو. اَجا تائين ڪيس شانتي پراپت نه ٿي هئي ۽ نه دکه تي ئي جيت پائي هئائين. انهيءَ هوندي به هن اُميد ڪانه لاٿي هئي ۽ جڏهن هو جهوپڙيءَ منجهه موٽي آيو، تڏهن منجهس اُجهل چاهنا پئي ٿي جنهن کي هو روڪي نه ٿي سگهيو ته واسديو اڳيان سڀ ڪجهه باسي ڇڏيان، سڀ ڪجهه ظاهر ڪريان، سڀ ڪجهه انهيءَ پرش کي ٻڌايان جو ٻڌڻ جي ڪلا جو ڄاڻو هو.

وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪيترائي روپ ڏنائين. هن ڏٺو پيءُ پنهنجو، اڪيلو، پنهنجي پٽ لاءِ هنجون هاريندو، هن ڏٺو پاڻ کي اڪيلو، پنهنجي پري ڀري ويل پٽ جي سڪ ۽ سوز جي بندڻن ۾؛ هن ڏٺو پنهنجي پٽ کي، پڻ اڪيلو، پنهنجي جيوت جي ترشنائن جي آتشي راهه تي، چوچ منجهان اڳتي وڌندو؛ هرڪنهن جو من هو پنهنجي منزل ڏانهن، هرڪنهن کي چنتا هئي پنهنجي مراد پوري ڪرڻ جي، هرڪنهن پئي سنو. نديءَ جو آواز دک ڀريو هو. اُن پئي ڳايو اُڪير ۽ اداسائيءَ منجهان، سڪ ۽ شوڪ منجهان، ۽ پئي وهي پنهنجي منزل ڏانهن.

”ٻڌين ٿو؟“ واسديو جي گنگي نگاهه سوال ڪيو. سڌارٿ ڪنڌ ڌوڻيو.

”وڌيڪ چڱيءَ ريت ٻڌ!“ واسديو پڙڪيو.

سڌارٿ بهتر نموني ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس پيءُ جو روپ، سندس پنهنجو روپ، سندس پٽ جو روپ، سڀ هڪ ٻئي ۾ منجهه پئي وهيا. ڪملا جو روپ پڻ نظر آيو ۽ اڳتي وهي هليو، گووند جو روپ ۽ ٻين جا روپ پڻ ظاهر ٿيا ۽ اڳتي وڌندا ويا. اهي سڀ نديءَ ۾ سمائجي ويا. اهوئي سندن اديش هو، سڪڻ، چاهڻ، سهڻ؛ ۽ نديءَ جو آواز هو ڀريل آرزوءَ سان، ٻوسرائيندڙ دک سان، اجهل ترشنائن سان. ندي پنهنجي منزل ڏانهن وهندي هلي. سڌارٿ نديءَ کي تڪڙو وهندو ڏٺو، جنهن جا جزا هئا هو پاڻ، سندس مٽ مائٽ ۽ سڀ اهي هئس جن سان سندس جاڻ سڃاڻ هئي. سڀ لهرون ۽ پاڻي تڪڙو پئي هليا، دک ڀوڳيندا، پنهنجي منزلن ڏانهن، گهڻن منزلن ڏانهن، جهرڻي ڏانهن، سمنڊ ڏانهن، سير ڏانهن، مهاساگر ڏانهن، ۽ سڀ منزلون طئي ڪيون ويئون ۽ هرهڪ منزل جي پٺيان وري ٻي پئي آئي.

واسديو ٿي ڪونه هو، ۽ نه اُهو انسان هو جو ڪيس ٻڌي رهيو هو. هن انڀؤ ڪيو ته هي ٻڌا چرپر جي ٻڌندڙ سندس پاس ائين پئي جذب ڪندو ويو جيئن وڻ برسات جو پاڻي جهليندو آهي؛ هي سانتيڪو منش، خود ندي هو، خود برهم هو، خود انت-ڪال هو. جيئن سڌارٿ پنهنجي ۽ ڦت جي باري ۾ ويچار ڪرڻ بند ڪيو، تيئن جا ڦيرڦار هن واسديو ۾ ڏٺي هئي سا منجهس پيهي ويئي ۽ جيئن هو انهيءَ ڦيرڦار کي وڌيڪ سمجهڻ لڳو تيئن اها ڪيس گهٽ اَديت لڳي؛ وڌيڪ انڀؤ ڪرڻ لڳو ته هر ڪا ڳالهه سياويڪ ۽ نيم انوسار هئي، واسديو اڪثر سدائين گهڻي وقت کان انهيءَ روپ ۾ هو، صرف هن ٿي ڪيس نه سڃاتو هو؛ حقيقت ۾ هو خود ڪائونس گهڻو نيارو نه هو. هن محسوس ڪيو ته هاڻي هن واسديو کي انهيءَ درشٽي سان ٿي ڏٺو جنهن سان ماڻهو ديوتائن کي ڏسندا هئا، اها پاونا گهڻو وقت جٽاءُ ڪانه ڪندي. اندر ۾ هن هاڻ واسديو کان موڪلائڻ شروع ڪري ڇڏيو. انهيءَ وچ ۾ هن پئي ڳالهايو.

جڏهن هن ڳالهائي پورو ڪيو، واسديو پنهنجي ڪي قدر نستي ٿيل نگاهه ڏانهنس ڦيرائي. هن ڳالهايو ڪون، پر پريم ۽ شانتي، ڄاڻ ۽ گيان سندس چهري مان شانت-مي پئي چمڪيا. هن سڌارٿ جو هٿ ورتو، نديءَ جي ڪپر تي هڪ بينڪ ڏانهن ڪيس وٺي ويو، سندس پر ۾ ويهي رهيو ۽ نديءَ ڏانهن نهاري مشڪيائين.

”تو هن کي ڪلندو ٻڌو آهي،“ هن چيو، ”پر تو سڀڪجهه نه ٻڌو آهي. اچ ته ڪن ڏيئي ٻڌون؛ تون وڌيڪ ڪجهه ٻڌندين.“

هو ڌيان سان ٻڌڻ لڳا. نديءَ جي گهڻن آوازن وارو مڌر گيت گونجي رهيو هو. سڌارٿ نديءَ مجهه نهاريو ۽

هزار آوازن وارو مهاگيت جڙيل هو صرف هڪ شبد جو: **اوم** — پُورڻتا.

"ٻڌين ٿو؟" واسديو جي نيٽرن وري پڇيو.

واسديو جي مشڪ جوت سمان هئي؛ اها سندس پيرسن چهري جي سيني گهنجن ۾ ڦهليل هئي، جئن **اوم** شبد نديءَ جي سيني آوازن ۾ ڦهليل هو. سندس مشڪ ۾ جوت هئي، جئن هن پنهنجي مٽر ڏانهن نهاريو ۽ هاڻ اُهائي مشڪ سڌارٿ جي چهري تي پرڪاش ٿي. سندس ڦٽ ڇُٽي رهيو هو، سندس پيڙا وٿڙندي رهي هئي؛ سندس 'پاڻ' هيڪڙائيءَ ۾، ايڪي ۾، سمائجي ويو هو.

انهيءَ گهڙيءَ کان وٺي، سڌارٿ پنهنجي پرالبڌ سان لڙڻ بند ڪيو. سندس منهن منجهه ٿي ٻکي گيان جي شانتي، اُن جي جنهن ۾ تُرشنائن جو ٻکيڙو سماپت ٿي چڪو هو، جنهن مڪتي پراپت ڪئي هئي، جو گهٽنائن جي ڌارا سان، جيوت جي ڌارا سان، ساز ۽ سلوڪ ۾ هو، ڀاڻ ديا ڀاوَ ۽ همدرديءَ سان ڀرپور نهر کي ارپيل، سيني وستن جي ايڪتا ۾ ڀاڻ سمايل.

جئن نديءَ جي ڪپر تي واسديو پنهنجي بينڪ تان اٿيو، تئن هن سڌارٿ جي نيٽرن منجهه نهاريو ۽ منجهس گيان جي شانتي چمڪندي ڏسيائين. سندس ڪلهي کي پنهنجي ديالو ۽ رکيڪ ڀاوَ سان، آهستي ڇُهي، چيائين: "آءٌ هن گهڙيءَ لاءِ ئي ترسيل هوس، منهنجا مٽر؛ هاڻ اِها گهڙي اچي وئي آهي، مونکي هلڻ گهرجي. مونکي واسديو ٿي رهئي، ڀاڻي ٿي رهئي گهڻو سمو ٿي چڪو آهي. هاڻ اُهو سماپت ٿيو. نمسڪار جهوپڙي، نمسڪار ندي، نمسڪار سڌارٿ! آسرو نام جو!"

سڌارٿ موڪلائيندڙ منش اڳيان ڏنڊوت وندنا ڪئي.

پاڻي ٻاڦ جو روپ ورتو ۽ مٿي چڙهيو؛ برسات جو روپ ورتائين ۽ وري هيٺ لٿو، چشمي، نهر ۽ نديءَ جو روپ ورتائين، نئين سر بدليو ۽ نئين سر وهڻ لڳو. پر اهو سڪ ۽ لوچڻ وارو آواز بدلجي پيو. اُنجو پڙلاءُ اڃا به شوق سان پريل هو، اڃان به ڪنهن تلاش ۾ هو، پر ٻيا آواز انجي سنگ ۾ هئا، سک ۽ ڏک جا آواز، نيڪيءَ ۽ برائيءَ جا آواز، کل خوشي ۽ درد جا آواز، سوين آواز، هزارين آواز.

سڏارت ٻڌندو رهيو. هو هاڻ بلڪل ڌيان سان ٻڌڻ لڳو، سمورو مگهن، بنه خالي، سڀ ڪجهه سجائيندو، گرهڻ ڪندو ٿي ويو. هن انڀؤ ڪيو ته هو هاڻ سڻڻ جي ڪلا سموري سکي ويو هو. هن اڳي به اڪثر سڀ ڪجهه ٻڌو هو، نديءَ جا هي سڀ اڪيچار آواز ٻڌا هئا، پر اڄ اهي ٻڌڻ ۾ نيارا ٿي لڳا. هاڻ انهن نيارن آوازن ۾ ڪيس ڪو به ڀيد نظر نه ٿي آيو — ڪلندڙ آواز هو يا رئندڙ آواز، ٻاراڻو آواز هو يا مردانو آواز. اهي هڪ ٻئي جا جزا هئا، انگ هئا: شوق انهن جو جي سڪن ٿا، تڙپن ٿا؛ ٽهڪڙو انهن جو جي گياني ۽ ٻڌوان آهن؛ دانهون ۽ آهون انهن جون جي مرت لوڪ ڏانهن وڃن ٿا. اهي سڀ پاڻ ۾ تاڃي پيٽي اُٽيل ۽ هڪ ٻئي ۾ جڪڙيل ۽ هزارين نمونن ۾ ڳنڍيل هئا. ۽ سڀيئي آواز، سڀيئي منزلون، سڀيئي تمنائون، سڀيئي دک، سڀيئي خوشيون، سڀيئي نيڪ ۽ بد — انهن سڀني جو سماگم هئو سنسار. انهن سڀني جو سماگم هو گهٽنائن جي نهر، جيوت جو سنگيت.

جڏهن سڏارت هن نديءَ کي ڌيان سان ٻڌي رهيو هو، هزار آوازن سندو گيت؛ جڏهن هن غم ۽ خوشيءَ ڏانهن ڌيان نه ڏنو، جڏهن هن پنهنجي آتما کي ڪنهن به خاص آواز سان ڪونه جڪڙيو ۽ نه پنهنجي پاڻ ۾ انکي سمايو پر هن انهن سڀني کي، سمورائيءَ کي، هيڪڙائيءَ کي ٻڌو؛ تڏهن

گووند

گووند هڪ دفعي پنهنجو ڪجهه آرام جو سمو ٻين ڪن ٻڪشن سان انهيءَ آنند دايڪ باغيچي ۾ گهاريو، جو ڪملا وئشيا، ڪنهن سمي گوتم جي ششن کي ڀيٽا ڪري ڏنو هو. هن انهيءَ پوڙهي پاٽڻيءَ جي ٻاري ۾ ٻاٽ چيت پڌي هئي جو نديءَ جي ڪپ تي اُتان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هو ۽ جنهنکي گهڻا ماڻهو رشي ڪري سمجهندا هئا. جڏهن گووند اُتي هلڻ لڳو، تڏهن هن پنڌ ڏانهن ويندڙ رستو وٺڻ پسند ڪيو، ڪيس انهيءَ پاٽڻيءَ ڏسڻ جي اُڪير هئي، ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ هوُ پنهنجي رهڻي نيم اَنوسار رهيو هو ۽ ڪانئس ننڍا ٻڪشو ڪيس سندس وهيءَ ۽ نمرتا ڀاوَ سبب مانُ ڏيندا هئا، تڏهن به سندس هردي اندر آنند مانڌ هئي ۽ جنهن شيءَ جي ڳولا ۾ هو اُها ڪيس پراپت نه ٿي هئي.

هو نديءَ وٽ پهتو ۽ پيرمرد کي نديءَ پار وٺي وڃڻ لاءِ نويدن ڪيائين. جڏهن هو ٻيڙيءَ مان لٿا، تڏهن هن پيرمرد کي چيو ته ”تون ٻڪشن ۽ ياترين سان ڏاڍا سٺا پيو پريندو آهين، ڏانهن ڏاڍو مهربان آهين؛ تون اسان مان ڪيترن کي ٻيڙي پار وٺي هليو آهين. تون پڻ ستيه مارگ جو لوچيندڙ، طالب ڪين آهين؟“

سڌارٿ جي جهوُر نيترن ۾ مشڪ آئي جڏهن هن چيو: ”تون، يوگيه پرش، پاڻ کي طالب ٿو سڏين، تون جو اَڳي ئي مانا ڪائي مٿي چڙهيو آهين ۽ گوتم جي ٻڪشن وارو جبو پهريو

”مونکي سڌ هئي،“ هن سرلتا سان چيو. ”تون بہ ان منجهہ وڃي رهيو آهين؟“

”هائو، آءٌ بہ منجهہ وڃي رهيو آهيان: آءٌ سڀني وستن جي ايڪي منجهہ وڃي رهيو آهيان“ ٻهڪندي واسديو چيو.

۽ ائين هوءُ هليو ويو. سڌارت ڏانهنس نهاريندو رهيو. اُتي آنند ۽ مهاگنيپيرتا سان هو ڏانهنس نهاريندو رهيو، سندس قدم شانتيءَ ڀريا، سندس منهن تيجوان، سندس سروپ جوت سمان.

ڀرسان ويهي اچي رکيا ڪٿي، پر تو انهيءَ سهيل ماڻهوءَ کي ڪونه سڃاتو، گووند.“

ٽيرس ۾ ۽ موهت ٿيل ڀڪشو پاٽڻيءَ ڏي نهارڻ لڳو.

”تون سڌارٿ آهين؟“ هن ڌ ڄڻي آواز ۾ پڇيو. مون هن ڀيري به توکي ڪونه سڃاتو. توکي وري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، سڌارٿ، ڏاڍي خوشي ٿي اٿم. تون تمام گهڻو ڦري ويو آهين، منهنجا متر، ۽ هاڻي پاٽڻي ٿيو آهين ڇا؟“

سڌارٿ ڦرڪ منجهان کلڻ لڳو. ”هائو، آءٌ پاٽڻي ٿيو آهيان. گهڻن ماڻهن کي گهڻو ئي بدلجڻو پوندو آهي ۽ گهڻن ئي نمونن جا وستر پهرڻا پوندا آهن. آءٌ انهن مان هڪ آهيان، منهنجا متر. تون ڀلي آئين، نڀ آئين؛ آءٌ توکي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ رات رهڻ جي نينڍ ٿو ڏيان.“

گووند انهيءَ ڇني ۾ رات ٽڪيو ۽ انهيءَ بستري تي سمهيو جو ڪنهن وقت واسديو جو هو. هن پنهنجي ننڍ پڻ واري پريتم کان گهڻائي سوال پڇيا ۽ سڌارٿ کي پڻ پنهنجي جيوت جي باري ۾ گهڻو ئي ڪجهه ٻڌائڻو هو.

جڏهين صبوح جو گووند جي موڪلائڻ جو وقت آيو، تڏهن هن ڪجهه هبڪي چيو: ”هنان وڃان تنهن کان اڳ، سڌارٿ، آءٌ جيڪر توکان هڪ سوال وڌيڪ پڇان. توکي ڪو سڌانت، نشچو، يا گيان آهي جنهن جو تون سهارو وٺين ٿو، جو توکي نيڪ جيون رهڻ ۽ نيڪ ڪمن ڪرڻ ۾ واهر ٿو ڪري؟“

سڌارٿ چيو: ”توکي سڌ آهي، منهنجا متر، ته جوانيءَ جي وقت ۾ پڻ جڏهن اسين ٻن ۾ سنياسين سان رهندا هئاسين، تڏهن پڻ منهنجو سڌانتن، آچارين ۽ گرن ۾ وشواس ڪونه ٿي جميو ۽ ڪين تياڳ ئي ڪرڻو پيم. اَجا تائين به منهنجي من جي ورتي ساڳي آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ وقت کان وٺي گهڻي ئي گرو، اَڌ ياپڪ مليا اَٿم. هڪ سندر ويشيا گهڻي

اُٿيئي؟"

"آءٌ سچ پچ پيرسن آهيان،" گووند چيو، "پر مون پنهنجي تلاش ڇڏي ڪانه آهي. آءٌ ڪڏهن به پنهنجي کوج نه ڇڏيندس. پرالبت منهنجي ائين ٿي ڏسجي. آءٌ ائين ٿو ڀانيان ته تون پڻ تلاش ۾ رهيو آهين. تون مونکي انهيءَ باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندين، منهنجا مترَ؟"

سڌارٿ چيو: "آءٌ توکي ڇا ٻڌائي سگهندس جو ڪارگر ٿي سگهي، سواءِ انجي ته شايد تون ڳولين ٿو تمام گهڻو، جنهن سبب اُهو جيڪي ڳولين ٿو سو لهي نه ٿو سگهين."

"سو وري ڪئن؟" گووند پڇيو.

سڌارٿ چيو: "جڏهن ڪو به تلاش ڪري ٿو، تڏهن ائين اَوس ٿئي ٿو ته جنهن وستوءَ جي هو تلاش ۾ آهي تنهن جوئي صرف خيال ٿو ڪري؛ اُنهيءَ ڪري هو ڪجهه به لهي نه سگهندو آهي، ڪجهه به گرهڻ نه ڪري سگهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هو صرف انهيءَ وستوءَ جوئي خيال ٿو رکي جنهن جي هو ڳولا ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته هنجي آڏو هڪ اُديش آهي، ڇاڪاڻ ته سندس اُديش کيس پوري طرح جڪڙي ويو آهي. تلاش معنيٰ: اُديش هئڻ؛ پر لهڻ معنيٰ: آجو ٿيڻ، هر وستوءَ پاڻ ۾ سمائڻ، اُديش جي بندنن کان ڇوٽڪارو پائڻ. تون، اي پوڳيه پرش، شايد سچ پچ ڳولائو آهين، ڇاڪاڻ ته تون پنهنجي منزل ڏانهن يتن ڪندي ڪيترئون ڳالهيون نٿو ڏسين، جي بلڪل تنهنجي نڪ سامهون آهن."

"آءٌ اُڃا پوريءَ ريت ڪونه ٿو سمجهان،" گووند چيو. "تنهنجو مطلب ڇا آهي؟"

سڌارٿ چيو: "هڪ ڀيري، اي پوڳيه پرش، گهڻا ورهيه ٿيا، تون هن نديءَ وٽ اچي نڪتو هئين ۽ هڪ ماڻهوءَ کي اُتي ليٽيل ڏٺو هوءِ. جيستائين هُوءَ ننڊ ۾ هو ليستائين تو هنجي

ڪري، سو ذرا مُورک گيان پيو لڳي.“

”تون چرچو ٿو ڪرين ڇا؟“ گووند پڇيو.

”نه، آءٌ توکي اُهو ڪجهه ٻڌائي رهيو آهيان جو مون ڳولي لڌو آهي. وديا جي ڏي وٺ ٿي سگهي ٿي، پر نه گيان جي. اهو اَنڀؤ ڪري سگهجي ٿو، لهي سگهجي ٿو، رهي سگهجي ٿو، انجو سهارو وٺي سگهجي ٿو، انجي دواران اَچمبا ڪري سگهجن ٿا، پر اهو ڪوبه ڏيئي يا سيکاري نٿو سگهي. مونکي انهيءَ ڳالهه جي شنڪا هئي جڏهن آءٌ اَڃا ننڍو هوس ۽ اهائي ڳالهه هئي جنهن مونکي آچارين، اَڌيا پڪن کان ڌڪي دور پئي ڪيو. مونکي هڪڙو ويچار پئي ٿيو آهي، گووند، جنهن کي تون وري به چرچو يا مورکتا سمجهندين. اُهو هي آهي، ته هرڪنهن ستيه ۾، جيڪي اُنجي اُبتڙ آهي سو به اهڙو ئي سچو آهي. مثلاً ستيه کي تڏهن ئي اکرن ۾ ظاهر ڪري يا اکرن جو ويس پهرائي سگهجي ٿو جيڪڏهين اهو هڪ طرفو آهي. هرڪا ڳالهه جا خيال جي دائري اندر آڻجي ٿي ۽ شبدن ۾ پرڪاش ڪجي ٿي سا هڪ طرفي آهي، صرف اَڌورو ستيه آهي؛ ان ۾ سمورائي، پورنتا، ايڪتا جي ڪمي آهي. جڏهن سريشٽ ٻُڌَ سرشٽيءَ جي باري ۾ سکيا ڏني، تڏهين انهيءَ سکيا کي سنسار ۽ نروان ۾، مايا ۽ ستيه ۾، دک ۽ موکش ۾ ورهائڻو ٿي پيس. ٻيءَ ريت ٿي به نٿو سگهي، ٻيو ڪو رستو اَڌيا پڪن لاءِ آهي ئي ڪونه. پر سرشٽي پاڻ جا اسان مڌ ۽ اسان جي چوڌاري آهي سا ڪڏهن به هڪ طرفي نه ٿي ٿئي. ڪوبه منشيه يا ڪاربه ڪڏهين به سمورو ئي سنساري يا سمورو ئي نرواني ڪونه آهي؛ ڪوبه منشيه ڪڏهن به سمورو ئي سنت يا سمورو ئي پاپي نه آهي. اهو رڳو انهين ڏسڻ ۾ ٿو اچي ڇاڪاڻ ته اسانکي وهم وڳل آهي ته ڪال، وقت، ڪا حقيقي يا ستيه وستو آهي. ڪال ستيه

وقت ڪان وٺي منهنجي اَڌ ياپڪ ٿي رهي، ۽ هڪ ڏنوان
واپاري ۽ هڪ چڪيءَ جو ڄوُئاري پڻ. هڪ لڱا، ٻُڌ جي
گهومو ڀڪشو مان هڪ منهنجو گرو هو. ياترا تي ويندي هوُ
ٽرسي پيو، منهنجي پرسان ويهي منهنجي رکيا ڪيائين، جڏهن
آءٌ ٻن ۾ ستل هوس. آءٌ ان ڪان پڻ ڪجهه سکيس ۽ انهيءَ
ڪري آءٌ سندس ٿورائتو آهيان، بلڪل ٿورائتو. پر سڀ ڪان
وڌيڪ آءٌ سکيو آهيان نديءَ ڪان ۽ پنهنجي اَڳئين جاءِ نشين
واسديو ڪان. هوُ هڪ سادو سودو اِنسان هو؛ هوُ ڪو فيلسوف
ڪونہ هو، پر هن اَصليت کي اهڙو ئي ڄاتو هو جهڙو گوتم.
هوُ هڪ ڪامل پرش، هڪ درويش هو.”

گووند چيو: ”مونکي ڏسڻ ۾ ٿو اچي، سڌارٿ، تہ توکي
اَڃا بہ ٿورو چرچو ڪرڻ وڻي ٿو. آءٌ توکي ويسهہ ڪريان ٿو
۽ مونکي سڌ آهي تہ تو ڪنهن بہ گروءَ جي پٺ ڪانہ ورتي
آهي، پر جيڪڏهن توکي ڪو مت يا سڌانت نہ آهي تہ
گهٽ ۾ گهٽ تون پاڻ کي ويچار ڪونہ ٿو ڌارين؟ تو پاڻ
ڪنهن قسم جي ڄاڻ، ڪنهن قسم جو گيان ڪونہ ڳوليو لڌو
آهي جو توکي سنسار اندر رهڻ ۾ مدد ڪري رهيو هجي؟
مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي جي انهيءَ باري ۾ مونکي ڪجهه
ٻڌائين.”

سڌارٿ چيو: ”هائو، وقت بہ وقت منهنجي من اندر
ايڪر بيڪر ويچار پئي آيا آهن ۽ ڄاڻ پڻ پئي ٿي اٿم.
وقتي هڪ گهڙيءَ يا هڪ ڏينهن لاءِ گيان جو پرڪاش پئي ٿيو
اَٿم، جهڙيءَ ريت ڪو پنهنجي هردي اندر جيون ڌارا اَنڀو ڪري.
مونکي گهڻي ئي ويچار پئي آيا آهن، پر اهي توکي ٻڌائڻ
مون لاءِ مشڪل ٿيندو. پرنتو هڪڙو هيءُ خيال آهي جنهن
مون تي اثر ڪيو آهي، گووند. گيان اهڙي چيز نہ آهي جا
ڪو ڏيئي سگهي ٿو. گيان، جو گياني پرش ڏيڻ جي ٿو

برهم. انهيءَ ڪري مونکي ائين ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته جيڪا به هستي وجود ۾ آهي سا نيڪ آهي، نيڪ آهي — موت توڙي جيون، پاپ توڙي پورنتا، گيان توڙي اگيان. سڀ ڪجهه ضروري آهي، هرڪا وستو چاهي ٿي منهنجو ڪيس سويڪار ڪرڻ، منهنجي ممتا، منهنجو پريم سان ڪيس سمجهڻ؛ پوءِ ته منهنجي اِستتي نيڪ رهندي ۽ ڪابه وستو مونکي هاڃي نه رسائي سگهندي. آءٌ پنهنجي سرير ۽ ٻڌيءَ دواران سکيس ته پاپ ڪرڻ مون لاءِ اوشيه هو، مونکي ڪام گهربيل هو، مونکي دولت لاءِ اُدم ڪرڻو هو ۽ نفرت ۽ نراسائيءَ جو آزمودو پراڻو هو، انهيءَ لاءِ ته انهن جو وروڌ نه ڪرڻ سکان، انهيءَ لاءِ ته سنسار کي پيار ڪرڻ سکان، ۽ اُنکي هڪ قسم جي چاهيل وهمي سنسار سان، ڪنهن پورنتا جي ڪلپنا ٿيل درشيه سان وري نه ڀيٽيان؛ پر جئن آهي تئن ئي ڪيس ڇڏڻ ڏيان، انکي پيار ڪريان ۽ پاڻکي انجو جزو سمجهڻ ۾ ئي خوشي سمجهان. اِهي آهن، گووند، منهنجا ڪي خيال جي منهنجي من اندر پيٺل آهن."

سڌارٿ هيٺ نئڙيو، زمين تان هڪ پٿر کنيائين ۽ انکي پنهنجي هٿ ۾ جهليائين.

"هيءُ،" هن چيو، "آهي پٿر ۽ ڪجهه سمي اندر هيءُ شايد ٿي پوندو مٽي ۽ مٽيءَ منجهان ٿيندو ٻوٽو، جانور يا اِنسان. اڳي آءٌ چوان ها: هيءُ پٿر صرف آهي پٿر؛ هنکي ڪوبه ملهه ڪونهي، هيءُ رهي ٿو مايا جي سنسار اندر، پر شايد چاڪاڻ ته ڦيري جي چڪر منجهه هيءُ پڻ منش ۽ آتما ٿي سگهي ٿو، انهيءَ ڪري اِهو به اهميت وارو آهي. آءٌ اڳي جيڪر ائين ئي سمجهان ها. پر هاڻ منهنجو هيءُ ويچار آهي: هيءُ پٿر آهي پٿر؛ هيءُ پڻ آهي جانور، ايشور ۽ ٻڌ. مان انکي عزت مان ڏيان ٿو ۽ پيار ڪريان ٿو نه انهيءَ لحاظ کان

نہ آهي، گووند. مون ور ور ڪري پڙهي اها ڳالھ اَنڀوَ ڪئي آهي. ۽ جيڪڏهين ڪال سنسار وسنوُ نہ آهي، نہ انهيءَ حالت ۾ وڙهاست واري ليڪ، حد بندي، جا هن سنسار ۽ اَننت ڪال وچ ۾، دک ۽ آنند وچ ۾، نيڪ ۽ بد وچ ۾، نقش ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا پڻ هڪ وهم آهي، هڪ ڀرم آهي."

"اهو ڪيئن آهي؟" گووند، مونجهاري ۾ اچي پڇيو.

"ٻڌ، منهنجا دوست! آءٌ پاپي آهيان ۽ تون پاپي آهين، پر ڪنهن ڏينهن پاپي جيوُ وري برهم ٿيندو، ڪنهن ڏينهن نروان پد پائيندو، ڪنهن ڏينهن ٻُڌ ٿيندو. هاڻ اهو 'ڪنهن ڏينهن' آهي وهم، ڀرم؛ اها آهي صرف ڀيٽ. پاپي ڪو ٻُڌ جي اَوستا واري مارگ تي ڪونہ آهي؛ هن جو ڪو پريڻام ڪونہ ٿي رهيو آهي، جيتوڻيڪ اسانجي ويچار شڪتي ٻيءَ طرح وستن جي ڪلپنا نہ ٿي ڪري سگهي. نہ، سمڀاوِنہ ٻُڌ اَڳيئي پاپيءَ منجھ وياپڪ آهي؛ سندس ڀوشيہ منجھس اَڳيئي وجود ۾ آهي. سمڀاوِنہ اڪل ٻُڌ هن منجھ، تو منجھ، هرڪنهن منجھ پڇاڻڻ گهرجي. سنسار، گووند، اپورن نہ آهي ۽ نہ ڌيري ڌيري پورنتا جي لنبي مارگ ڏانهن اُسرندو ٿو هلي. نہ، اُهو هر وقت پورن ٿي آهي؛ هر هڪ پاپ اندر اڳيئي شڌتا، پوترتا سمايل آهي، سڀني ننڍن ٻالڪن ۾ ٻڍاپو سمايل آهي، سڀني ڪير پياڪ ٻالڪن منجھ آد ڪان ٿي مرليو سمايل آهي، سڀني مرٽينگھ منشن منجھ — اڳيئي آنادي جيوت سمايل آهي. اهو ممڪن نہ آهي ڪنهن بہ منش لاءِ ڏسي سگهڻ نہ ٻيو مارگ تي ڪيترو اڳيرو آهي؛ ٻُڌ آهي ڦورو ۽ منجھ، جوٽاريءَ منجھ؛ ڦورو آهي برهمڻ منجھ. گهِڙي ڌيان ۾، سماڌيءَ ۾، ڪال يا وقت کي ميٽڻ ممڪن آهي؛ گذريل، هلندڙ ۽ ايندڙ، سڀ هڪ سمي ڏسڻ ممڪن آهي؛ ۽ پوءِ، سڀ آهي نيڪ، سڀ آهي پورن، سڀ آهي

گووند، ۽ وڻ کي يا ڇوڏي جي هڪ ٽڪر کي. اهي شيون آهن ۽ شين کي پيار ڪري سگهجي ٿو. پر اکرن کي ته پيار ڪري نٿو سگهجي. تنهنڪري سکيائون منهنجي لاءِ ڪنهن نه ڪم جون آهن. اُهي نه آهن سخت، نه آهن نرم، نه اٿن رنگ، نه اٿن روپ، نه اٿن سڳنڌ، نه اٿن سواد — انهن ۾ سواءِ اکرن جي ٻيو ڪجهه نه آهي. شايد اِهائي ڳالهه آهي جا توکي شانتي حاصل ڪرڻ ۾ روڪي ٿي، شايد موکش ۽ نيڪيءَ لاءِ به انداز کان وڌيڪ اکر آهن. سنسار ۽ نروان آهن صرف اکر، گووند. نروان ڪا وستو نه آهي؛ نروان آهي صرف هڪ اکر."

گووند چيو، "نروان صرف اکر نه آهي، منهنجا مِتر؛ اهو هڪ ويچار آهي."

سڌارٿ وشيه جاري رکندي چيو: "اهو ويچار هجي به، پر آءٌ پانيان ٿو، منهنجا دوست، ته آءٌ ويچارن ۽ وچنن، خيالن ۽ اکرن ۾ ڪو به ڀيد ڪونه ٿو ڏسان. سچئين سڌي ڳالهه، ته آءٌ ويچارن کي به گهڻي اهميت ڪانه ٿو ڏيان. آءٌ وڌيڪ اهميت ڏيان ٿو شين کي. مثلاً، هن ٻيڙي تي هڪ منشيه رهندو هو جو منهنجو اڳيون جاءِ نشين ۽ آچاريه هو. هو ساڌو جن هو جو ڪيترن ئي سالن تائين نديءَ منجهه ئي ويسهه رکندو آيو ۽ ٻئي ڪنهن ۾ به نه. هن ڏٺو ته نديءَ جي آواز ساڻس ڳالهايو ٿي. هو ڪانئس سکيو؛ هن کيس سيکاريو ۽ گيان ڏنو. نديءَ سندس لاءِ ديوتا سمان هئي ۽ ڪيترن سالن تائين کيس سڌ ڪانه هئي ته هر هڪ پَوَن، هر هڪ بادل، هر هڪ پکي، هر هڪ ننڍڙڙ هڪ جهڙو ئي ايشور روپ آهي ۽ اوترو ئي ڄاڻي ۽ سيکاري سگهي ٿو جيترو پوڄنيه ندي. پر جڏهين هي پوتر پرش بن منجهه ويو، تڏهن کيس سموري ڄاڻ هئي؛ هن کي توکان، موکان وڌيڪ ڄاڻ پيئي؛ هنا آچارين، بنا

ته هاڻ هو آهي هڪ وستو ۽ پوءِ ٿي پوندو ٻي ڪا وستو، پر چاڪاڻ ته اهو اڳيئي گهڻي سمي کان سڀ ڪجهه آهي ۽ سدائين ائين سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي. آءٌ انکي پيار ڪريان ٿو صرف چاڪاڻ ته اهو آهي پاڻ، چاڪاڻ ته اڄ ۽ هاڻ اهو مونکي پاڻ اُئي ٿو ڏسڻ ۾ اچي. آءٌ ڏسان ٿو انجو ملھ ۽ اَرٿ سندس عمدن نشانن ۽ سوراخن جي هرهڪ جزي ۾، سندس پيلي ۽ خاڪي رنگ ۾، انجي سخت جوڙ ۾ ۽ آواز ۾ جڏهن انکي ڪٽڪايان ٿو، سندس مٿاڇري جي سوڪ يا آلاڻ ۾. ڪي پاڻ آهن جي ڇهڻ سان تيل يا صابڻ مثل ٿا لڳن، ڪي پنن يا ريتيءَ مثل ٿا ڏسڻ ۾ اچن، ۽ هرهڪ نيارو آهي ۽ پنهنجي نموني ۾ اوم جي پوڄا ٿو ڪري. هرهڪ آهي برهم. ساڳئي وقت هو گهڻو ٿڌو آهي پاڻ، سٽيو يا صابڻ مثل، ۽ اهائي آهي ڳالهه جا مونکي مزو ڏئي ٿي ۽ اچرج جهڙي ۽ پوڄڻ لائق نظر اچي ٿي. پر انهيءَ باري ۾ آءٌ وڌيڪ ڪجهه نه چوندس. لفظ ويچارن کي چڱيءَ طرح ظاهر نٿا ڪري سگهن، اهي اُچارجن ته اُتي جو اُتي سدائين ڪي ڪجهه نيارا ٿيو پون، ڪي ڪجهه مروٽيل، ڪي ڪجهه مورڪاٽا. ۽ انهيءَ هوندي به اها ڳالهه وڻيم ٿي ۽ نيڪ ٿي نظر اچيم چو ته جا ڳالهه هڪ منشيه لاءِ ملھ ۽ گيان واري آهي سا ٻئي جي نظر ۾ مورکتا پريل آهي."

گووند هيل تاءِ ماٺ ميٺ ۾ ٻڌي رهيو هو.

"تو پاڻ جو مثال ڇو ورتو؟" هن ڪجهه ترسڻ بعد هٻڪندي پڇيو.

"اهو مون ڪنهن به مراد کان سواءِ ڪيو. پر شايد اهو چٽيءَ طرح پڌرو ڪريٿو ته آءٌ پاڻ ۽ نديءَ کي پيار ڪريان ٿو ۽ سيمي اهڙين شين کي جي اسين ڏسون ٿا ۽ جن کان اسين سکي سگهون ٿا. آءٌ پاڻ کي پيار ڪري سگهان ٿو،

اوجهڙ ۾ ۽ اکرن جي جهڳڙي ۾ وڃي ٿا اڙجون، چاڪاڻ ته مان انهيءَ ڳالهه کان انڪاري ڪونه ٿيندس ته منهنجا لفظ ظاهريءَ طرح جڻ ته گوتم جي سکيا جو وروڌ ٿا ڪن. اهوئي سبب آهي جو اکرن تي آءٌ ايترو ڀروسو نٿو رکان، چاڪاڻ ته مونکي سڌ آهي ته اهو اختلاف آهي وهم. مونکي پڪ آهي ته آءٌ گوتم سان سهمت آهيان؛ منهنجو وچار به گوتم جهڙوئي آهي. هنکي سچ پچ ڪٿن نه پريم جي ڄاڻ هوندي، اهو جنهن منشيه جاتيءَ جي ايمان ۽ بي بقائيءَ جو ورڻن ڪيو آهي، تنهن هوندي به منشيه جاتيءَ کي ايترو ته پيار ڪيائين ٿي جو هن پنهنجي سموري لمبي جيون صرف انسان کي سهائتا ڪرڻ ۽ سيکارڻ ۾ ارپڻ ڪري ڇڏي؟ ۽ هن مها آچاريه بنسبت پڻ، مون لاءِ لفظن کان وڌيڪ اهميت ڀري شيءِ آهي؛ سندس ڪاريه ۽ جيون مون لاءِ سندس رايـن کان وڌيڪ اهميت ڀريا آهن. آءٌ ڪيس مهاپرش سمجهان ٿو نه سندس وياکياڻ يا وچار ڏارا سبب، پر سندس ڪاريه ۽ جيون سبب.“

ٻئي پيرمرد گهڻي وقت تائين چپ چاپ رهيا. پوءِ جڏهن گووند وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، تڏهن هن چيو: ”آءٌ توهانجا شڪرانا ٿو مڃان، سڌارٿ، جو پنهنجا ڪي وچار ٻڌايا اٿيئي. منجهائن ڪي انوکا وچار آهن. آءٌ اهي هڪدم گرهڻ نٿو ڪري سگهان. انهيءَ هوندي به آءٌ توکي ڌنيواد ٿو ڏيان ۽ آشا اٿم ته شل جهجها ڏينهن شانتيءَ ۾ گذارين.“

پر اندر منجهه هن سوچيو: ”سڌارٿ آهي عجيب پرش ۽ خيال به ظاهر ڪري ٿو عجيب. هنجا وچار آهن چريئي. سريشٽ پرش جا سڌانت ڪهڙا نه نيارا ٿا لڳن! اهي آهن صاف، ڪليل، سنوان سڌا ۽ سمجهڻ جهڙا؛ منجهس ڪجهه به عجيب يا بيهودو يا کلڻ هاب ڪونهي. پر سڌارٿ جا هٿ

پستڪن جي صرف انهيءَ ڪري جو هنجو ويسڻ نديءَ منجهه هو.“

گووند چيو: ”پر جنهن کي تون شيءِ ٿو چوين، سا ستيه روپ آهي، اصليت رکندڙ آهي؟ اهو صرف مايا روپي وهم يا ڀرم نه آهي، صرف روپ ۽ خيالي تصوير؟ تنهنجو پهڻ، تنهنجو وڻ، اهي ستيه آهن؟“

”اها ڳالهه پڻ مونکي گهڻو ڪاله تي ستائي،“ سدارٿ چيو. ”جيڪڏهن اُهي مايا روپي وهم يا ڀرم آهن، ته آءٌ پڻ ڀرم آهيان، ۽ انهيءَ ڪري هو سدائين انهيءَ پرڪار جا آهن جهڙو مان. اهو ئي سبب آهي جو هو اهڙا پريم ڪرڻ يوڳيه ۽ پوڄنيه آهن. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ ڪين پيار ڪري سگهان ٿو. ۽ اجهو هي آهي سدانت جنهن تي تون کلندين. مونکي ڏسڻ ۾ ٿو اچي، گووند، ته پريم سرشٽيءَ منجهه سڀ کان وڏيڪ اهميت رکندڙ وستو آهي. وڏن ويچاروان لاءِ سرشٽيءَ کي سوجهڻ، اها سمجهائڻ ۽ ان کي ڌڪارڻ اهميت ڀريو هجي به، پر آءٌ سمجهان ٿو ته سرشٽيءَ کي پريم ڪرڻ ئي ۽ نه انکي ڌڪارڻ وڏيڪ اهميت ڀريو آهي، اهو اسان کي نٿو سهائي ته اسين هڪ ٻئي کي ڌڪار جي درشٽيءَ سان ڏسون، پر ائين ٿو جڳائي ته دنيا کي، پاڻ کي ۽ سڀني جيون کي پريم، قدرشناسيءَ ۽ عزت سان ڏسون.“

”آءٌ اها ڳالهه سمجهي سگهان ٿو،“ گووند چيو، ”پر اهائي ته ڳالهه هئي جنهنکي سريشٽ پرش، مايا روپي ڀرم ڪري ڪوٺيو آهي. هن اُپديش ڏنو پراُپڪار جو، ڪميا جو، ديا جو، ڌيرج جو — پر نه پيار ۾ ڦاسڻ جو، هن آگيا ڏني ته منان پاڻ کي دنيوي پريم ۾ آزاديو.“

”مونکي اها ڄاڻ آهي،“ سدارٿ چمڪندڙ مشڪ سان چيو. ”اها سڌ اٿم، گووند، ۽ هت اسين ارٿ جي

"مون ڏانهن پاڻ نئڙاءِ!" هن گووند جي ڪن ۾ پڙڪيو. "اَڄ، اَجا به ويجهو، بهه ويجهو، مونکي پيشانيءَ تي چمِ، گووند."

جيتوڻيڪ اَچرج لڳس تڏهين به اُلي پريم ۽ پرون پوڻ، کيس مجبور لاءِ لاچار ڪيو. هو سندس ويجهو نئڙيو. سندس نراڙ کي پنهنجن چپن سان چميائين. اِئين ڪندي ساڻس ڪجهه وسمهُ جهڙو ٿي گذريو. جڏهن هو اَجا سڌارٿ جي اُديت وچنن تي ويچار ڪري رهيو هو، جڏهن هو ڪال، سمي جي سرت متائڻ جي ۽ نروان ۽ سنسار ٻنهي کي هڪ ڪري سمجهڻ جي وڙت ڪوشش ڪري رهيو هو، جڏهن خود پنهنجي متر جي وچنن لاءِ ڪنهن لموني جي نفرت سندس لاءِ اَٿاهه پريم ۽ عزت سان ٽڪري رهي هئي، تڏهن هيءَ گهٽنا ساڻس ٿي گذري.

هاڻ هنکي پنهنجي متر سڌارٿ جو چهرو اُصل ڏسڻ ۾ نه آيو. انجي بجاءِ هن ٻيا مهاندا ڏٺا، گهڻا منهن، هڪ لنبي صف، هڪ ٻئي شڪلين جي ڌارا — سوين، هزارين، جي سڀ پئي نروار ٿيون ۽ اَلوپ ٿيون ۽ انهيءَ هوندي به سڀ ساڳئي سمي اُتي موجود پئي ڏسڻ ۾ آيون، جي سڀ ساندهه پئي بدليون ۽ وري پئي نئين سر جاڳيون ۽ سپني ۾ هن سڌارٿ پئي ڏٺو. هن ڏٺو روپ هڪ مڇيءَ جو، ٿلاءَ جي مڇيءَ جو جنهن جو مُک هو کشت ۾ قائل، هڪ مرڻيندڙ مڇيءَ جو جنهن جي اکين ۾ هو ڌنڌ. هن منهن ڏٺو هڪ نئين جاول ٻالڪ جو، لعل، گهنجن سان ڀريل، روئڻهارڪو. هن منهن ڏٺو خونيءَ جو، کيس ڪنهن منش جي بدن ۾ ڪاٽ لنگهائيندو ڏٺائين؛ ساڳيءَ گهڙيءَ هن ڏوهيءَ کي ڏٺو گوڏن ڀر جهڪيل، ٻڌل ۽ سندس سر جلاد جي هٿان ڪٽيل. هن ڏٺا اُگهاڙا سرير پرش ۽ استرين جا، ڪامشي پريم جي ٻڌني ڍنگن ۾، موج مستيءَ ۾. هن ڏٺا لاش لنبا ٿيل، سن ٿي سن، نرڀل ۽ ٿلها. هن

۽ پير، سندس نيٽر، سندس پيشاني، سندس ساهه کڻڻ، سندس مشڪ، سندس ڪيڪار، سندس هلڻي، سندس ويچارن کان نرالو اثر پيدا ڪن ٿا. جڏهانڪر اسان جي سرشٽ گوتم نروان پد پاتو آهي تڏهانڪر مونکي سڌارٿ کان سواءِ ٻيو ڪوبه منش نه ڏٺو آهي جنهن لاءِ مون اهڙو ڪيو هجي نه هيءُ آهي سادو پرش! سندس ويچار ڪري انوکا هجن، سندس وچن مور ڪتا جا ٿي لڳن، پر سندس نيٽر، سندس هٿ، سندس چمڙي ۽ سندس وار، سڀني منجهه ٻکندڙ آهن پورنتا، شانتي، سمانتا، ڪوملتا ۽ سنتوشٽي جا گڻ، جي اسان جي سرشٽ آچاريه جي تازي مرتيوءَ کان پوءِ مون ڪنهن به منش ۾ نه ڏٺا آهن.

گووند اهي خيال پچائي رهيو هو ۽ سندس دل اندر ڪشمڪشا جاري هوندي، هن وري به سڌارٿ کي پرنام ڪيو، اٿي پريم سان. شانت-مئه وينل منش کي نئڙي پرنام ڪيائين.

"سڌارٿ،" هن چيو، "اسين هاڻ پيرمرد آهيون. هن جيوت ۾ اسان جو مڪاميلو وري نه به ٿئي. آءٌ ڏسي سگهان ٿو، منهنجا پريه متر، ته تو شانتي پراپت ڪئي آهي. آءٌ اهڙو ڪريان ٿو ته مونکي اجا انجي پراپتي ڪانه ٿي آهي. ڪو هڪ شبد وڌيڪ ٻڌائيم، منهنجا مانيور متر، اهو ڪجهه ٻڌائينم جو آءٌ ويچار ۾ آڻي سگهان، اهو ڪجهه جو آءٌ سمجهي سگهان! اهو ڪجهه ڏينم جو مارگ تي منهنجو سفر سولو ڪري، سڌارٿ. منهنجو پيچرو اڪثر ڪٺن ۽ اونداهو پئي رهيو آهي."

سڌارٿ ماٺ ۾ رهيو ۽ پنهنجي شانت-مئه، ڪشل، مشڪ سان ڏانهنس نهاريائين. گووند يڪ ٽڪ سندس منهن ۾ نهاريو، چنتا سان، اڪير منجهان. پيڙا ۽ لڳاتار تلاش ۽ ساڌنه نسڦلتا، سندس ڇهري ۾ اڪريل هيون.

سڌارٿ اهو سڀ ڏٺو ۽ مشڪيائين.



ڏٺيون سڀيون جانورن جون، سوئرن، واگهن، هاٿين، ٻڪرن، پکين جون. هن ڏٺا ڪرشن ۽ اگني ديوتا. هن اهي سڀ روپ ۽ چهرا ڏٺا، هڪ ٻئي سان هزارين نمونن جي لاڳاپن ۽ سنبنڌن ۾ آيل، سڀ هڪ ٻئي کي سهڪار ڏيندڙ، پريم ڪندڙ، نفرت ڪندڙ، ۽ هڪ ٻئي کي ناس ڪندڙ ۽ نون جنم وٺندڙ. هر هڪ هو فاني، مرڻ وهيڻو، جيڪي به بي بقا ناپايدار آهي تنهنجو ياري، دکدائڪ درشٽانت. انهيءَ هوندي به ڪو به منجهانئن مئو ڪو نه ٿي. اهي رڳو پئي بدليا، وري هميشه پئي جنميا، سداءِ نئون روپ پئي ورتائون. هڪ روپ ۽ ٻئي روپ جي وچ ۾ صرف ڪال ٿي آيو، سمو ٿي آيو. ۽ هي سڀ روپ ۽ چهرا ٺهريا، وهڪري ۾ آيا، وڌيا، ترندا هليا، ۽ هڪ ٻئي ۾ سمائجي ٿي ويا، ۽ انهن سڀني جي چوڌاري سدائين پئي رهيو ڪجهه سوڪيم، مايا روپي، اَست ۽ تنهن هوندي به حقيقي ۽ زنده، باريڪ ڪانچ يا برف وانگر، شفاف کَلَ، کوپي، يا پاڻيءَ جي پڙدي مثل مٿن پکڙيل — ۽ اهو پڙدو، اهو نقاب هو سڌارٿ جو مشڪندڙ منهن جنهنکي گووند انهيءَ ويل پنهنجن چپن سان سپرش ڪري رهيو هو. ۽ گووند ڏٺو ته اها نقاب مثل مشڪ، اها چهرن جي وهڪري مٿان سمانتا، ايڪتا جي مشڪ، اها هزارن جنمن ۽ موتن مٿان ساڳي سمي جي مشڪ — هيءَ سڌارٿ جي مشڪ — هوبهو ساڳي هئي جهڙي شانت، مٺي، ڪومل، گنڀير، شايد ٻاجهاري، شايد هاسي ڪندڙ، ٻڌيمان، هزارن مشڪ گوتم ٻُڌَ جي، جا هن سوين ڀيرا ڏر ۽ ڏيا سان ڏٺي هئي. اهڙي ٿي نموني ۾، گووند کي سڌ هئي ته هو پرپورڻ پرش مشڪندو هو.

ڪيس سڌ نه رهي ته ڪال، وقت، هستيءَ ۾ هو يا نه، هيءُ پرڪاش هڪ پل هليو يا هڪ سؤ سال، ڪو سڌارٿ هو يا نه، ڪو گوتم هو يا نه، ڪو آتم يا ڪي ٻيا هئا يا نه،

هڪ ايشوري ٻاڻ سان اونهو گهايل جنهن ٻاڻ سان هو اُتي آندت، تمام موهيل ۽ نهال ٿيل، گووند ڪا گهڙي نمڙي بيٺو رهيو سڌارت جي شانت مُک مَهِه ڇهري مٿان، جو هن هيٺئر ڇميو هو، ۽ جو هاڻ ٿي رهيو هو ورتمان ۽ ڀوشيه روپن جي رنگ ڀومي. هنجو چهرو هو اَڻ بدليل، جڏهين هزارن روپن وارو آئينو مٿاڇري تان اَلوپ ٿي ويو. هوُ شانت مُک مَهِه ۽ ڪوملتا سان مشڪڻ لڳو، شايد تمام هاسي ڪندڙ نموني ۾، هوُ بهوُ جئن سريشٽ پُرش مشڪندو هو.

گووند نمڙي پرنام ڪيو. اجهل ڳوڙها سندس گهنجيل ڳلن تان نمڻ لڳا. اَتي پريم جو ڀاوُ، اَتي نمرتا ۽ سنمان جو ڀاوُ مٿس زور پڪڙي ويو. هن اُنهيءَ پُرش اڳيان ڏنڊوت ڪئي جو اُتي نسچل ويٺو هو، جنهن جي مشڪ کيس يادگيري ٿي ڏياري هر ڳالهه جي، جا کيس جيوت ۾ ڪڏهن پياري، هر چيز جي، جا سندس جيوت ۾ ڪڏهن ملهه واري، جيوت ۾ ڪڏهن پوتر.

Kouthalya